سچ چنڊ تارا ڪتيون

علمي ادبي سياسي ۽ سماجي شخصيتون

تاجل بيوس

نئون نياپو

سج چنڊ تارا ڪتيون

علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتون

تاجل بيوس

نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي

كتاب جو نالو : سج چند تارا ڪتيون

(علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتون)

ليکڪ : تاجل بيوس

ڇاپو پهريون : مارچ 2004ع

: نئون نياپو اڪيڊمي

آر-96، پائنيئر هومز اسڪيم نمبر-33،

گلزار هجري ڪراچي، فون: 6378624

مُلهه: سٺ رپيا

Sij Chand Tara Katiyoon

(Sun Moon Stars & The Pleiades)

Doctrinal, Literary, Political and Social Personalities

Written by: **Tajal Bewas**

Edition First: March 2004

Published by: **Naon Niapo Academy**

R-96, Pioneer Homes, Scheme No. 33,

Gulzar Hijri, Karachi. Ph # 6378624

Price: **60/=**

ارپنا

بشير قريشي ۽
سوپيو گيانچنداڻيءَ
جي نالي

_ تاجل بيوس

تتِ

پبلشر نوٽ: انعام عباسي 5
مهاڳ: تاجل بيوس 6
ويدن واري عظيم سنڌ جو عظيم محافظ: سائين جي.ايم.سيد 9
ويدانتي مسلڪ جو وڏي ۾ وڏو سنڌي شاعر: سامي 19
سنڌ جي وحدت کي گيتن ۾ محفوظ ڪندڙ باغي شاعر شيخ اياز 33
قومي زنده دلي: پير حسام الدين شاهه راشدي 39
ون هنڊريڊ گريٽ لائيوز مان گم ٿيل عظيم شخصيت:
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 42
مهان ذات ذٽي: سراج الحق ميمڻ 47
لاڙ جو لاکيڻو شاعر مولانا حاجي احمد ملاح 49
سنڌ سڏڪي ٿي:موهن ڪلپنا 51
سيتا سنڌو پون جو سخي ڄام ڏاتار وچڙي ويو: دادا آر-جي- آڏواڻي 53
گڊباءِ اوَر فرينڊ: تنوير عبّاسي 56
ساٿي مان ڏور گهڻو ڏور هليو ويو آهيان:فقير محمد لاشاري 59
اسان جو وڏو پاءُ ۽ سالڪ شاعر:نياز همايوني 62
سنڌ جي ڪونج:زرينه بلوچ 65
شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي ماهر ۽ ملوڪان شاعره: نجمه نور 68
پيڻ ۽ بهن جي پونءِ لاڙڪاڻي ۾ جنم وٺندڙ: هري موتواڻي سنڌي 70
سنڌي راڳ جي موتين مالها جو املهه داڻو:ڀول فقير 73
هڪ ڪامل ڪلاڪار ۽ اعليٰ اديب: گوبند مالهي 76
ٻه ڪلاڪار: ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا 78
هڪ پريمي ماڻهو ۽ لاجواب ليکڪ: غلام نبي مغل 84
سُرن جي مٽيءَ مان ڳوهيل فنڪار:علڻ فقير 86
واويلا وٽڪار: طارق اشرف 89
لاڙيچيءَ مالها جو موتيءَ داڻو:محمد خان مجيدي 95
سُر جو سفير ۽ لياريءَ جو لال: عبدالله ڪڇي 98
گل چنو گرنار جو: استاد نياز حسين خان 101
زيتونن جي خوشبو:ڪيهر شوڪت 105
منهنجي آتم ڪٿا جو رتائون منظر: زخمي چانڊيو 107
موت ۽ زلزن جا جهٽڪا: وحيد علي 112
ڪلا جي آسمان جو چمڪندڙ ستارو: سرمد سنڌي 115

پبلشر نوٽ

سنڌي ادب ۾ شاعري، ڪهاڻي، ناول، جيون ڪهاڻي، آتم ڪٿا، سياست، اسلام، سماج، فلاسافي ۽ تاريخ تي جھڙيءَ ريت باقائدي ۽ تسلسل سان ڪتاب پڌرا ٿي رهيا آهن، تنهن مان اها پروڙ پئي ٿي ته سنڌ واسين ڪتابن سان محبت ڪي هٿان وڃايو ڪين آهي. هن وقت سنڌي ادب ۽ صحافت دنيا جي سڌريل ٻولين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي رهيا آهن. اهڙي ئي هڪ پرخلوص ڪوشش ۾ اسان بہ وس آهر پنهنجو حصو ونڊيندي سنڌ جي ناميارِي ۽ ڀلوڙ شاعر تاجل بيوس جو جيون خاڪن تي ٻڌل ڪتاب "سچ چنڊ تارا ڪتيون" پيش ڪندي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون. جنهن ۾ تاجل بيوس سنڌ جي ناميارن ڏاهن، تاريخدانن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ راڳين بابت پنهنجا ويچار ونڊيا آهن، جن ۾ سائين جي ايم سيد، سامي، شيخ اياز پيرحسام الدين شاهہ راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ تنوير عباسيءَ سميت هند جي ناماچار اديبن دادا آر-جي آڏواڻي، هري موٽواڻي سنڌي، گوبند مالهي، موهن ڪلپنا، ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا سان محبتن ڪي سموهيندي ڀول فقير، جيجي زرينہ بلوچ، علڻ فقير ۽ سرمد سنڌي جهڙن راڳين تي پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن. جنهن مان تاجل بيوس جو هڪ شاعر ۽ ڏاهي جي حيثيت ۾ وسيع ڪينواس تي ڦهليل تجربو پسي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب کان اڳ اسان جي اداري پاران تاجل بيوس جا: (1) اديون ڙي اوهان جا ڏٺو هو (هندستان جو سفر نامو) (2) جهجها پسي جهوڪ (علامتي ڪهاڻيون) (3) انگريزي شاعريءَ جي مختصر تاريخ (4) پڪي ساڳي پار جا (شيخ اياز سان گڏيل چونڊ شاعري)، (5) ڏک سُکن جي سونهن: ڀاڱو پهريون (آتم ڪٿا) ۽ (6) ڏک سُکن جي سونهن: ڀاڱو ٻيو (آتم ڪٿا) پڌرا ٿي چڪا آهن. جن ڪي سنڌ واسين پاران سٺي موٽ ملڻ تي اسان سندن ٿورائتا آهيون.

تاجل بيوس جا ايندڙ ڪتاب (1) ڏک سکن جي سونهن: ڀاڱو ٽيون (آتم ڪٿا) (2) سون سريڪا چار سين (سنڌ، سنڌو، سنڌي ۽ سيد) (3) سنڌ جي تاريخ جو ڪيڏارو (سنڌ تي ڌارين پاران زيادتين جي منظوم تاريخ) ۽ (4) چپ انجيل جي حاشين جهڙا (سئو غزل) بہ ترت اداري طرفان ڇپجي اوهان جي هٿن تائين پهچندا.

پنهنجي قيمتي راءِ کان ضرور آگاهہ ڪندا.

اوهان جو

انعام عباسي

چيئرمين

نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي

مون "سج، چنڊ، تارا، ڪَـتيون" ۾ رات ڏينهن محنت ڪري، اسان جي ڏاهن ۽ ڏات ڌڻين جو احوال گڏ ڪري، ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائڻ جو عزم ڪيو آهي. هن ڏس ۾، سنڌ سان گڏ، هند جي بہ ڪن سخي مردن ۽ اديبن کي شامل ڪيو اٿم ڇاڪاڻ تہ سنڌي جتي بہ آهي، يا رهي ٿو، اُهو سنڌ ڄائــو ۽ سنڌ ڄائي آهي. ڪي ماڻڪ مٽيادار ۽ ڏات ڏياڻيون اسان کان وڇڙي، ’هڪ اهڙي ملڪ جي سفر تي روانا ۽ روانيون ٿي چُڪيون آهن، جتان ڪوبہ واپس نہ وريو آهي.

جيئن تہ بہ دفعا مونکي هندستان جي ادبي دوُرن تي وڃڻ جو موقعو مليو آهي، هڪ 1990ع ۾، سنڌي ٻوليءَ جي قداوَر شاعر شيخ اياز جي سنگت ۾، ۽ ٻيو 2001ع ۾ پنهنجي جيوَن ساٿياڻي منڻ خاتونءَ کي ساڻ ڪري، دهلي، آگري، پُـونا، ممبئي، لونا وِلا ۽ الهــاس نــگر پهچڻ، اُن ڪري ڪجهہ مواد مونکي ڪتابن مان مليو آهي، تہ ڪجهہ پُڇڻ، پَـسڻ ۽ ذاتي مشاهدي ماڻڻ سان اهڙي معلومات جون يَـريون ۽ ياڪر پئي نصيب ٿيا آهن. ڪي شخصيتون اهڙيون بہ آهن، جن کي اسان جو نئون نسل نہ تہ ڏسي سگهيو آهي ۽ نہ وري سندن بابت ڪجهہ پڙهي ئي سگهيو آهي. مثال طور، ممبئيءَ جو رهواسي دادا آر جي آڏواڻي، جو هر سال شاعريءَ جي بهترين ڪتاب تي شاعر کي هڪ لک روپيا انعام طور ڏيندو هو. سرڳواسي آڏواڻي امداد جي ڪيترن ئي طريقن سان، غريبن جي امدد ڪندو رهندو هو. مجتا ۽ احترام وچان ڪيس دادا سڏيو ويندو هو. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ، ڪراچيءَ ۾ ڪي-پي-ٽيءَ پرسان قمر هائوس، دادا آڏواڻيءَ جي ئي ملڪيت هئي.

هند ۽ سنڌ جا ڪجهہ اهڙا بہ ڪلاڪار ۽ ڪلاڪارائون آهن، جن جي فن ۽ زندگيءَ جي احوال کي قلم ذريعي گهٽ اُجاگر ڪيو ويو آهي. مثال طور، ڀول فقير، پارُو ڇاولا، علڻ فقير، عبدالله ڪڇي، اُستاد نياز حسين، وحيد علي ۽ نجمہ نُور.

ڪتاب ۾ آيل ادبي، سماجي، انسان دوست، سياسي ۽ ڪلا سان مالامال شخصيتن جي احوال گڏ ڪرڻ لاءِ، مونکي پنهنجي ذاتي "ذوالفي اينڊ ٻلاول لئبريري"، ڪجهہ ٻين لائبريرين ۽ اخبارن جي خاص

پرچن کي هٿ ڪري، بہ ڪم ڪرڻو پيو آهي، جنهن لاءِ ميان مددگار دوستن ۽ مهربانن جو وڏ ۾ وڏ ٿورائتو آهيان.

اسان جي پردي پنيان آيل توڙي عالم آشڪار شخصيتن جي باري ۾ جيڪڏهن ڪو هڪ پڙهندڙ بہ منهنجي هن ڪتاب کي پڙهي، ڪجهہ لاڀ حاصل ڪندو تہ منهنجا نيڻ ٺري پوندا. جو آنند ۽ آسيس مان وچڙي ويلن جي ماڳن مڪانن ۾ پهچي بہ حاصل ڪندو رهندس.

هونءَ تہ ڪتاب ۾ آيل سڀ جون سڀ شخصيتون مون لاءِ اهم آهن، پر ويدن واريءَ عظيم سنڌ جي عظيم محافظ سائين جي ايم سيد، پير حسام الدين، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، آرجي آڏواڻي، سراج ميمڻ، موهن ڪلپنا، گوبند مالهي، تنوير عباسي، فـ-م لاشاري ۽ اُستاد نياز حسين بابت ڪنو ڪيل احوال مون لاءِ بہ اُتساهہ جو ذريعو بڻبو رهيو آهي. هن ڪانپوءِ مستقبل قريب ۾، پڙهندڙ منهنجا بہ ڪتاب هوندا، جي آهن: "سنڌ جي تاريخ جو ڪيڏارو ۽ سونَ سريڪا چار سين (سنڌو، سنڌ، سن ۽ سيد) موڪلاڻي ڪانهي، سدائين گڏ.

دعائن جو طلبگار

تاجل بيوس

A-62, Block 4A
Journalist Society
Gulshan-e-Iqbal
Karachi (Sindh)
Ph: 021-4813459
Mobile: 0300-2528062

ويڙهه واري عظيم سنڌ جو عظيم محافظ

سائين جي ايم سيد

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ئي نينهن جو،
پتنگ جئين پيدا ٿيو، سامي سچ وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنوارن ڪڪوريو.

(شاهه)

قومن جي تاريخ ۾ سن جو سائين هڪ اهو وڏو نالو آهي، جنهن جي نالي وٺڻ سان امان سائنءَ جي پياريل ٿڃ جي خوشبوءِ اچڻ لڳندي آهي. اها خوشبوءِ سنڌ جي آريجن ۽ اروڙ ڪانوني سرحد جي هن پار الهاس ننگر ۽ اجمير ۾ روح جي پاتال تائين پهچي ويندي آهي. سن جو سائين قومپرستن جي تاريخ ۽ مادري زبان جي حوالي سان هن پوري پرٿويءَ جو مهاڄاڻو ۽ ڌرتي ماتا ڪي ناهڻ ۽ سينگارڻ جي ڪاوشن سان گاډ فادر ثابت ٿيو آهي، جنهن سن جي گهٽين ڪانوني زندانن تائين امان سائنءَ جي نه رڳو ٻولي ۽ لوليءَ جي پرچار ڪئي آهي، پر ڌرتيءَ ڄاين جي حڪمرانيءَ جا پروانا به ورهايا آهن. پنهنجيءَ ماءُ جي زبان سان پيار ڪرڻ هڪ فطري عمل آهي. ماءُ جي اها زبان، جنهن دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي پيدا ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن کي انگريز نقاد ۽ عالم ڊاڪٽر سورلي دنيا جي ستن زبانن جي تيرهن وڏن شاعرن ۾ سيني ڪان مٿاهون رکيو آهي. هن ڌرتيءَ جي مهاڪوي لطيف سائينءَ چيو آهي:

سڄڻ ۽ ساٿيهه، ڪنهن اٿاسيءَ وسري،
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.

سائين جي ايم سيد به لطيف جي مسلڪ ۽ مقصد جو وڻجارو هو، جنهن لطيف جي رسالي جي ترقي پسند لاڙن واريءَ شرح جا درس ڏنا آهن، جو

پيغامِ لطيف ڪتاب لکي، لطيف کي هڪ انقلابي ۽ فڪري اڳواڻ جي حثيت سان پيش ڪري ويو آهي. ٻولي ڇاهي، ثقافت ڇاهي، قوم ڇاهي، آزادي، رواداري، سچ ۽ انصاف ڇاکي ٿو چئجي؟ اهي سڀ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ حوالا ۽ حقيقتون سيد انقلابي، سوچ ۽ فڪري تور طريقن سان سمجهائي، سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ ڪارڪنن کي هڪ پر وقار شاهراهه تي اچي بيهاريو آهي. اڳ مسيتن جا ملان لطيف جي سهاري، ڌرمي بالادستيءَ جي آڌار تي لطيف جي بيتن جون عجيب قسم جون معنائون ڪندي، آفيم جا روڙا ڪارائي، جيئري ئي بهشت، حورن ۽ غلمانن جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجي، تنوير عباسي، غلام محمد گرامي، سراج ميمڻ ۽ موهن جي دڙي پرسان واقع ڳوٺ ٻلهڙيجي جي نوجوان پارکن لطيف کي اچي انقلابي ۽ فڪري انداز ۾ پيش ڪيو. ٻلهڙيجيءَ جي نوجوانن ۾ اها ڏات ۽ شڪتي شايد سنڌ جي پراڻي تهذيب جي آثارن جي ويجهڙائپ ڪري تي پاسجي، جنهن جي اثر سوڀي گيانچندانيءَ جهڙو داناءُ به پيدا ڪيو آهي.

هر عمل جي ردِ عمل (Re-action) جو هئڻ لازمي امر آهي. سوچڻو ٿو پيو ته اهي ڪهڙا محرڪات هئا، جن تاريخ ۽ ڏاهپ جي اها لازوال "مهارت" سائين جي ايم سيد ۾ پيدا ڪئي، جو هو سچ ۽ سونهن جو وڻجارو بڻجي، انسان جي بنيادي حقن ۽ اهڙن حقن جي حاصلات لاءِ بغاوت جيءَ حد تائين پاڻ پتوڙڻ لڳو، جنهن لاءِ سندس جنم وستي سن کي به زاندان ۾ تبديل ٿيڻو پيو. انهن حقيقتن جو تجزيو اسان هن طرح ڪنداسين:

(1) سائين جي ايم سيد جي نهراءَ پيش ڪرڻ تي، مسلمانن جو هڪ نئون ملڪ ته وجود ۾ آيو. پر سنڌ جيءَ اصلوڪن رهاڪن جا بنيادي حق پائمال ٿيڻ لڳا، يعني اقتدار جي هوس سنڌجي غريب هاريءَ لاءِ ارغوني سرڪار جي شهه تي جوڙايل گهاٽو ثابت ٿي.

(2) پارت لڏ پلاڻ ڪرڻ وارن سنڌين جا گهر گهاٽ ۽ زمينون مقامي ماڻهن حوالي ڪرڻ بدران مهاجرن ۽ پنجاب جي رٽائر ٽيل ۽ رٽاير ٿيندڙ سرحدن جي حفاظت ڪندڙ پاڪستانين جي حوالي ڪيون ويون، جيڪو قدم هتان جي ماڻهن لاءِ زندگي ۽ موت برابر سمجهيو ويو.

(3) ريلوي، بري، بحري ۽ هوائي فوج، پوليس، ايف آءِ اي، پي، آءِ اي ٽرئفڪ پوليس، واپڊا ۽ ڪن ٻين ادارن ۾ سنڌ جي نوجوانن کي اٽي ۾ لوڻ

برابر به پرتي نه ڪيو ويو. شواءِ ڪُن وڏيرن، ميرن، پيرن ۽ چامن جي پٽن ۽ پوٽن جي.

ماتيجي ماءُ وارو اهو سلوڪ ايستائين جاري رهيو، جيستائين 1971ع ۾ ملڪ جو پهريون وزيرِ اعظم چونڊيو ويو.

(4) سنڌ تي ڪٺنچي هلائي، ڪراچيءَ کي غير فطري تقسيم جي بنيادن تي وفاق جي حوالي ڪيو ويو.

(5) مقامي سنڌي سياستدانن کي هڪ بئي ۾ ويڙهائي، سنڌ جي اقتدار کي غير مقامي سياستدانن جي حوالي ڪيو ويو.

(6) ون يونٽ جو ڄار وڇائي، سنڌ جي وحدانيت ۽ زميني شناخت کي نقصان رسايو ويو ۽ ائين سنڌ حڪومت جو تخت ۽ تختو لاهور پڄايو ويو.

(7) سنڌ ڌرتيءَ جي تهذيب کي گڏهن ۽ گهوڙن جي تهذيب سڏي، اميرن ۽ نوابن جي درٻاري ماحول کي معتبر سمجهيو ويو.

(8) 1964ع ۾ تڏهوڪر آمريت جي حڪم تي سنڌي فائينل کي ختم ڪيو ويو. مادري زبان کي فروغ ڏيڻ جو اهو مامرو، جنهن کي ڌارين حڪمرانن (انگريز سرڪار) طاقت ونرائي، پر جڏهن ديسي حڪومت آئي ته سنڌي زبان کي هاڃو رسايو ويو! جيئن ته سنڌ جا ماڻهو سنڌي زبان کي "امان" چئي، ڪيس مرڻ نه ڏيندا آهن، ان ڪري تڏهوڪي حڪومت سنڌي فائينل کي بند ڪري، چڱ ته هتان جي ماڻهن جي زبانن تي پاپرا ڪندا وڃايا هئا.

(9) مقامي هارين جي اقتصادي حالت سڌارڻ بدران ڪين سرڪاري ۽ لڏي ويل سنڌين جي زمينن ڏيڻ کان محروم ڪيو ويو.

(10) سنڌو درياهه جي پاڻيءَ کي ڏٺمن ۽ ڪوڙڪن ۾ ڦاسائي، پنجاب کي آباد ڪرڻ لاءِ گريٽ پنجاب، جو غير فطري احساس ڏياريو ويو ۽ هاڻي سنڌ لاءِ اقتصادي ناڪابندي ڪڙي ڪرڻ لاءِ ڪالاباغ جي راڪاسي منصوبي جو نالو ورتو تو وڃي، جنهنکي ڇئن صوبائي حڪومتن مان تي حڪومتون رد ڪري چڪيون آهن. گمان غالب آهي ته ايوب شاهيءَ جهڙي ڪاري دؤر کي جڏهن به دهرايو ويو، ته تي سگهي ٿو ته ڏنڊي جي زور تي گريٽ پنجاب پنهنجو مقصد ماڻي به وٺي! الا، ائين مَ ٿئي شال! جي ٿيو ته سنڌوءَ جي پيٽ مان واري اڏامندي نظر ايندي.

وقت ثابت ڪيو آهي تہ: پنجاب جا حڪمران اهڙن منصوبن جي تاڙ ۾ رهندا آهن، جن منصوبن تي عمل ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ جي اقتصاديات ڪي ڇيهو رسي.

(11) ملڪ جي گاديءَ کي سنڌ مان اغوا ڪري، پنجاب نيو ويو ۽ ائين نئين ملڪ نهڻ ڪانپوءِ سنڌ کي وڌڻ ويجهڻ واري هر عمل کان محروم رکيو ويو.

(12) چاڪاڻ تہ پهريون دفعو عوام جو چونڊيل وزيراعظم سنڌي هو ۽ جنهن تہ عوام کي هن "روٽي، ڪپڙي ۽ مڪان" جي فطري وات ونرائي هئي ۽ پاڻ کي عظيم صلاحيتن ۽ سيرت جو مالڪ ثابت ڪيو هو: ان ڪري ڪيس ڦاسيءَ تي لٽڪائي، سنڌي سياست جي قبا کي رت ۾ رڱيو ويو.

اهي آهن بارنهن هاڃيڪار حربا، جنکي سنڌ ۽ سنڌي عوام تي استعمال ڪيو ويو هو، جن بين الهر سنڌي سڃاڻن سان گڏ، جي ايم سيد جهڙو ڪامل اڳواڻ بہ پيدا ڪيو.

سنڌ کي اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ علمي طور پنتي رکڻ لاءِ گريٽ پنجاب سوين حيلا هلائيندو آيو آهي، چوندا آهن تہ اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي. ان جي ابتڙ پنجاب جي بيوروڪريسي ۽ اقتدار جي مالڪن جو نظريو رهيو آهي، تہ اهو ڪي ڪجي جو سنڌ ۽ سنڌ وارا اقتصادي طور اپاهج جي حد تائين پهچي وڃن، سنڌي جنهن گريٽ پنجاب ۽ مرگلائي ايوانن جا غلام بڻجي وڃن. ان ڏس ۾ پنجاب ڪيئي ڪاميابيون ماڻي بہ چڪو آهي.

تاريخ شاهد آهي تہ ملڪ جون واڳون جڏهن بہ ڪنهن سنڌي اڳواڻ کي مليون آهن، يا ائين چئجي تہ ملڪ جو جڏهن بہ وزيرِ اعظم سنڌ مان چونڊيو ويو آهي، تڏهن هر ڀيري پنجاب مخالف ڌر جي بينچن تي ويهي اهڙيءَ حڪومت جي تبرن ڪڍڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو آهي ۽ ائين "آمريت" جي رستي هموار ڪرڻ لاءِ جمهوريت کي داوَ تي رکندو آيو آهي، جيڪو عمل اڄا بہ جاري ۽ ساري آهي. هن ڏس ۾ مسلم ليگي اڳواڻ جي بدڪلامي ۽ ذاتيات ۾ ڦاسجي وڃڻ واري عمل کان ڪير نہ واقف آهي، جيڪو آمر کي "امام" چئي، جمهوريت کي گار گند تائين نوازي رهيو آهي. اهريءَ طرح پنجاب جمهوريت جي ڏهاڙن ۾ بہ آمريت جي آبياري ڪندو آيو آهي. جمهوريت ڪيس

ان وقت راس آئي آهي، جڏهن جمهوري طريقي يا ڪنهن غيبي طاقت سان ملڪ جو سربراهه پنجاب مان ٿيو آهي.

پنجاب ۽ ٻين فسطائي ٽولن جي روين سنڌي ماڻهن جي سوچ جا نوان رخ پڻ مقرر ڪيا آهن. سائين جي ايم سيد مڙني مٿاهون ۽ سيني ڪان سگهارو ثابت ٿيو آهي. هن پنهنجي قول ۽ فعل ۾ "مهانتا" ماڻي آهي. هن مهان انسانن مخدوم بلاول، شاهه عنايت شهيد، ڄام نندي ۽ لطيف جي پيغام کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو آهي. لطيف جي عظيم شاعر هئڻ جي هڪ اها به ڪسوٽي مقرر ٿيل آهي، ته ڪيس وڌ ۾ وڌ پڙهيو ۽ ڳايو وڃايو ٿو وڃي. جي ايم سيد سنڌ جي انهن آڳرين تي ڳڻڻ وارن عالم ۽ اڳواڻن مان هڪ آهي، جنهن تي نه فقط گهڻو لکيو ويو آهي، پر سنڌ جي حدن کان ٻاهر به سندس نالو وڌ ۾ وڌ ورتو ٿو وڃي.

سيد هوڻ ته علم جو پندار هو، پر ڪنهن عالم ۽ ڪامل جو بار بار نالو وٺڻ به عظمت جو اهڃاڻ آهي. ڪامل انسانن جو ڇپن تي ورد، وري نالو اچڻ ئي سندن "مهانتا" هوندي آهي، جو ته اهي ڪامل انسان ئي هوندا آهن، جيڪي قومن کي بار بار ياد هوندا آهن، جنجو نالو به ورد ۽ وظيفي ۾ شامل هوندو آهي.

سن جي سائينءَ ته شاهه عنايت شهيد جي تحريڪ: "جيڪو کيڙي، سو کائي" وارو فلسفو عطا ڪيو آهي ته جيڪي ماڻهو جنهن زمين جو ان، جل ٿا ورتائين، پنهنجو تن بدن ان زمين جي پيدائش سان ٿا ڍڪين، وڻن ۽ گلن جي خوشبوءِ ٿا حاصل ڪن ۽ ان زمين تي سندن وڏڙن جا قبرستان آهن، اهڙن ئي ماڻهن کي حق آهي ته هو پنهنجن بنيادي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ خود حڪمران بڻجي، حق، انصاف ۽ رواداريءَ جون مشعلون جلائيندا رهن. ڌرتي ماءُ آهي، سنڌ هڪ حقيقت آهي، ماڻهو مهان آهي، ڌاريو، ڌاريو آهي ۽ پنهنجو پنهنجو آهي، سنڌي آهيو ۽ سنڌي ٿي رهو. آزاديءَ جو قلُ انسان جو بنيادي حق آهي. اهي ته سبق آهن، جيڪي سيد سنڌ جي ماڻهن کي ڏيندو رهيو هو، ۽ ڪتابن جي ورق ورق تي محفوظ آهن. اهڙن مثبت روين جي ابتڙ اها کهڙي ڪڙي حقيقت آهي، جا فسطائي ويچار رکندڙن کي بغاوت ٿي لڳي ۽ ماضيءَ ۾ ايوانن جي مالڪن کي اگري لڳندي رهي آهي داغستان جي آواز زبان جي وڏي شاعر رسول حمزي چيو آهي: "ڪو توکي گدرو سمجهي، ڦارون، ڦارون ٿو ڪري، ڪو توکي ڪينهون سمجهي تڏا ٿو هٽي، اوري آءُ ڌرتي، او منهنجي

ماءُ! تہ توکي سيني سان لايان.“ اهو ٿي تہ پيار آهي، ڌرتيءَ لاءِ احترام آهي، جيڪو سن جو سائين ”بزمِ صوفياءِ سنڌ“ جي خطبن ڪانونٽي سنڌوءَ جي ساڃاهہ تائين سيڪاريندو آيو آهي ۽ ائين هن ماتيلي ڪان مڪليءَ ۽ ڪيرٿر ڪان ڪيرڙي تائين اڪيچار پوئلڳ ۽ سگهارا اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن. اسان ڊاڪٽر منير پرگڙيءَ سان هم آواز ٿي چئون ٿا تہ سيد سنڌ جو جينيس هو ۽ جينيس تاريخ ۾ صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. سيد ڪنڌا پنهنجي لاءِ رکيا ۽ ګل قوم کي آڇيا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪن سائين رستي تي هلندي، ڪائونس هٿ ڇڏائي، رمندا راهي ٿيا.

سائين جي اير سيد جو قول آهي تہ ڪنهن بہ ملڪ ۾ ٻين قومن سان گڏ ان وقت رهي سگهجي ٿو، جڏهن سيني قومن سان برابريءَ وارو سلوڪ ڪيو وڃي. سنڌو پنجاب مان وهي، پوءِ ٿي سنڌ ۾ داخل ٿئي. پنجاب سمجهي ٿو تہ سنڌ جي ان ۽ پاڻيءَ جون ڪنجون ونس محفوظ آهن. ان ڪري هر دور ۾ سنڌ تي ڌاڙن هڻڻ جو هن سلسلو جاري رکيو آهي. ائين ڪڏهن بہ جائز نہ ٿو قرار ڏئي سگهجي تہ پنجن درياهن هجڻ ڪانپوءِ بہ پنجاب ڪنهن جي رزق (Livelihood) ۾ اکيون وجهي. اسلام آباد ايف - 10 سيڪٽر ۾ هڪ هڪ پنجابي اعليٰ فوجي ۽ سول آفيسر جون ڪيئي ڪوٺيون آهن، جنجو ملهہ ڪروڙين روپين ۾ آهي. بليو ايريا جا ڪمرشل پلاٽ نيويارڪ جي پلاٽن جي قيمتن کي پڳل آهن، جن ۾ ڪي قدر سرحد جا پٺاڻ ۽ پراڻا مهاجر آفيسر بہ شامل آهن. اسانکي ڪوئي ٻڌائي سگهندو تہ سنڌ جا اهي، کهڙا ماڻهو آهن، سواءِ جتوئي، شڪارپور جي سومرن، ٻجاراڻي، سيدن ۽ ڪن وزيرن جي، جن وٽ بليو ايريا جون محل، ماڙيون ۽ ايف - 10 سيڪٽر جون ڪوٺيون آهن؟ هر منسٽريءَ ۾ درحن ڪن سنڌي آهن ۽ سون جي تعداد ۾ پنجابي ۽ پوءِ بہ سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جهڙو اڳواڻ اڳيان اچي، سنڌ جي حقن لاءِ آواز بلند نہ ڪري تہ ڪير ڪريمحروميءَ جو احساس سنڌين ۾ پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي.

پنجاب ۾، خاص ڪري راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ جڏهن بہ ڪنهن جي گهر ڪو مهمان ايندو آهي تہ ڪائونس پهريون سوال اجهو هن طرح ڪيو ويندو آهي: ”ڪي لايائي پتر؟“ هوڏانهن سنڌين جو وڏي ۾ وڏو گناهہ اهو رهيو آهي، خاص ڪري پياري پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ، تہ هيءَ قوم پنهنجين روايتن سان محبت ڪندي آهي، پنهنجي ماضيءَ سان جذباتي ۽ ثقافتي لاڳاپا قائم ڪندي آهي. ادب، شاعري ۽ سياست ۾ لطيف، سچل، سامي، شاهہ

ڪريم بلڙيءَ وارو، شاه عنايت شهيد ۽ مخدوم بلاول سنڌي قوم جا سورما آهن. جڏهن ته پنجاب بابا بلي شاه، سلطان باهو، ماڌو لال حسين، ميان محمد بخش ۽ وارث شاه سان گڏ پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ کي وساري، بي زميني ماڻهن (landless people) جي زبان ۽ ادب کي چنبڙيا پيا آهن. سرائڪي پٽيءَ وارا اڄ به خواجا غلام فريد کي پنهنجو قومي شاعر تسليم ٿا ڪن. سنڌي قوم پنهنجي جنم ڀوميءَ کي جيجل امان سڏڻ ۾ نه رڳو فخر محسوس ڪندي آهي، پر ان سان گڏ ڪيس روحاني سڪون ۽ اطمينان به نصيب ٿيندو آهي.

سائين جي ايم سيد جي لفظن ۾ هتان جي قومي تحريڪن جون روايتون به صوفياڻيون رهيون آهن. اسان وٽ تاج، تخت، لشڪر، دولت، دٻدٻي، نمائش ۽ ڏيکاءَ جي حيثيت ذري برابر به نه رهي آهي. ياد رهي ته سٺ واري ڏهاڪي ۾ ڪوٽ ڏجي ۽ بنگلي پرسان اين شاه جي ٽڪريءَ تي واقع اين شاه جي درگاه تي سن جي سائينءَ پاران قائم ڪيل "بزمِ صوفياءِ سنڌ" هڪ مشاعرو ڪرايو هو، جنهن جي صدارت سن جي سائينءَ ڪئي هئي. استاد محترم حڪيم الهندي جتوئي ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي همٿائڻ تي مون به پهريون دفعو ان مشاعري ۾ اسٽيج تي اچي، شعر پڙهيو هو. منهنجن بيتن ۾ رڳو سنڌ ۽ سنڌي علامتي ڪردارن جو ذڪر هيو. مان جڏهن اسٽيج تان هيٺ لٿو هئس ته سائين جي ايم سيد ڀرانڊي پاتي، چيو هو: " پٽ! تو واه جا پڪا ۽ پختا بيت ٻڌايا آهن." ان قسم جا اثر ڇڏيندڙ لفظ مان محترم رسول بخش پليجي جي واتان به ٻڌا هئا. سائينءَ اهڙو ته ميراثي ڇڏيو، جو مان بيتن پٺيان بيت لکڻ شروع ڪيا هئا. جيڪي پوءِ "نئين زندگي" ۽ "روح رهاڻ" ۾ ڇپيا هئا.

1843ع کان اڳ واري زماني ۾ سنڌ صدين تائين آزاد رهندي آئي هئي. ويجهڙائيءَ ۾ عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ به ورهاڱي تائين سنڌ تي چار دفعا مقامي ماڻهن حڪمراني ڪئي هئي، جن ۾ سومرا، سمان، ڪلهوڙا ۽ ٽالپور ٿا اچي وڃن. مٿان ڪو سنڌ تي حملو ڪري ۽ اهنسا جا اصول ٽٽي پون، ان ڪري سنڌي حڪمران ڌارين حملي آورن جو منهن بند ڪرڻ لاءِ ٻارهين مهيني ڪجهه نه ڪجهه کين پهتو ڪندا هئا.

اهڙو ڪٿي بہ مثال نٿو ملي، تہ ڪو سنڌ جي لشڪر ھلان ڪري، ڪنهن ڪمزور ملڪ کي سنڌ ۾ هضم ڪري ڇڏيو هجي. قدرت مهاجرن کي پنهنجي ماتر ڀوميءَ کان ڌڪي، ڌار ڪري، هڪ اهڙي سرزمين جي گود نصيب ڪئي آهي. جيڪا پيار، محبت ۽ رواداريءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي آڙيڪاپ آمرن جي لالچن ۾ اچڻ بدران، ڪين سنڌ جي اصلوڪن رهواسين سان ڪير ڪنڌ تي وجڻ ڪپندو هو.

قومون جنهن رفتار سان ڊهنديون آهن، اهڙيءَ رفتار سان ٺهنديون بہ آهن. ڪاش! سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ ٻاهريان ماڻهو اهو پاڻ ٿي پروڙي سگهن، تہ بي گهر ٿيڻ ڪانپوءِ ڪين اهڙيءَ ڌرتيءَ جهڀي ورتو آهي، جنهن جي مٽي ۽ پاڻيءَ مان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جهڙو عظيم شاعر پيدا ٿيو آهي. سنڌ گهٽي ڀاڳي پيرن، ميرن، چامن، مخدومن، ڀاڳارن ۽ وڏيرن مان جان ڇڏائي، هاڻي وچولي پڙهيل ڳڙهيل نوجوان طبقي جي ويجهو ٿي رهي آهي، جيڪو طبقو روشن خيالي، قومپرستي ۽ جمهوريت پسند لاڙن سان مالامال آهي.

اهو اسان سنڌ وارن جو پڪو ۽ پختو يقين آهي تہ جيڪو سيد جي ڏنل سبقن کي ٻڌڻ ۽ دهرائڻ کان ڪِن - لاٿار ٿو ڪري، اهو سنڌ ماتا سان ڇڻ تہ غداري ٿو ڪري. اهو سنڌ جي پاڻي ۽ مٽيءَ مان ٺهيل-نہ، پر ڇيڇاوطنيءَ جو رهواسي آهي، جنهن جي سيني ۾ مارگلا پهاڙين جي پٿر جهڙي دل رکيل آهي. اقتدار جي حوس اسانکي اچا تہ الائي ڪيترو پنهنجي ماءُ کان پري رکندي!

لطيف جو رسالو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ڪئو ڪيل لوڪ ادب ۽ سن جي سائينءَ جا تحريڪي ڪتاب سنڌي زبان کي ايستائين زندهہ رکندا، جيستائين سج اوير کان ابري، اولهہ ۾ اجهامندو رهندو. سيد جهڙن ڪاهوڙين لاءِ سهڻو لطيف اجهو هيئن ڀيو چوي:

ويا ڳتن ساڻ، ماروئڙا تر اکري،
تن ڀچاڻا هاڻ، جاڙ جٽان تي جيڏيون.

آخر ۾ اچو تہ "ساڃاهہ" جي خاص نمبر ۾ آصف بالاديءَ جي مضمون "ويا اڏامي ڪڪ، پڙ تان پهڻ نہ چري" ۾ سيد جي مختلف ڪتابن تان ورتل سندس ويچار دهرائي، سيد جي ڏيکاريل واٽ تي هلي، روشنيءَ کي ڳولهي وٺون:

(الف) جو تہ آزاديءَ انصاف ڪڏهن بہ پنڻ وسيلي ۽ بي پرواهيءَ سان پلئہ نہ پوندا آهن.

(ب) اوهان مان گهڻن پڙهيو هوندو تہ رسول ڪريم مڪي جي پهاڙن تي چڙهي، عربن کي چيو هو تہ پهاڙ جي هن طرف وڏو لشڪر اوهان کي ڳڙڪائڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. جيڪڏهن توهان منهنجيءَ ان ڳالهہ کي سچ سمجهو ٿا تہ پوءِ منهنجي چوڻ تي هلو – نجات اوهان جو مقدر آهي.

آءٌ بہ اڄ سن جي هن جابلو ۽ اتاهين ڏرتيءَ تان اوهان کي پڪاريان ٿو، تہ جيڪڏهن توهان ايندڙ خطرن ۽ طوفانن جي ان ادراڪ ۽ احساس کي پنهنجيءَ دل ۾ ائين محسوس ڪيو، جئين مون محسوس ڪيو ۽ ڏٺو آهي تہ پوءِ توهان ڪامياب ۽ ڪامران هوندؤ. ٻيءَ صورت ۾ غافل، ڪاهل ۽ لالچي قومن ۽ فردن جو انجام، تاريخ جي صفحن ۾ عبرتناڪ ٿيندو آهي. منهنجي دعا آهي تہ شال سنڌي قوم اهڙي انجام سان دوچار نہ ٿئي ۽ سنڌ سدائين آزاد ۽ خوشحال ملڪ رهي!

(ت) اسان جي قومي تحريڪ جون روايتون صوفياڻيون رهيون آهن. اسان وٽ تاج، تخت، لشڪر ۽ سپاهہ، دولت ۽ دٻدٻي، نمائش ۽ ڏيکاءَ جي حيثيت ذري برابر بہ نہ رهي آهي.

(ث) هڪ جاءِ تي بند تيل پاڻي بدبوءِ ڪري ويندو آهي، تازگيءَ لاءِ وهڪري جي ضرورت آهي. قومي زندگيءَ جو وهڪرو، اظهار راءِ ۽ جماعت سازيءَ جي آزاديءَ سان قائم رهي سگهندو آهي ۽ نہ مخالفن کي ختم ڪرڻ جي ذريعي.

(ج) ڪابہ قوم ۽ ملڪ آزادي حاصل ڪرڻ جي لائق نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين ان جي ٻچي، ٻچي ۾ حب الوطني، قومپرستي، ايثار ۽ قربانيءَ جو جذبو پرجي نہ ويو آهي.

(ح) سوشلزم مان منهنجو مطلب اهو آهي، تہ ملڪ جي پيداوار ۽ وڌاست جا ذريعا ۽ پيسو اهڙي ضابطي سان ورهائڻو ۽ ڪتب آڻڻو آهي، جو ان جو فائدو ڪثير تعداد رهاڪن کي ملي ۽ اهڙيءَ طرح عمل ڪرڻ ڪري ماڻهن کي ذهني ترقيءَ لاءِ وقت ۽ موقعا ملن.

(خ) جمهوريت جي معنيٰ عوام جي حڪومت آهي، پر ان عوام جو هم خيال هئڻ سڀ کان ضروري آهي. انهيءَ کي آزادانہ طور بنا خوف ۽ خطري جي ڪم ڪرڻ لاءِ درمياني عرصي جي ضرورت آهي.

(د) ملڪ ۾ صحيح جمهوريت رائج ڪرڻ لاءِ مذهبي ملان، پير، وڏيري، ڪارخانيدار ۽ ڪاموري کي اسيمبلين ۾ داخلا جو حق نه هوندو.
صحيح جمهوريت ۾ هيٺين ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي:
(1) ان ۾ هڪ قوم جو ٻي قوم تي سندس اڪثريت، قابليت، تشدد، پيسي ۽ ذهن جي آڌار تي تسلط قائم نه رهي.
(2) جنهن ۾ شاهوڪار، ڪارخانيدار، ملان ۽ پير کي سياست لاءِ ملڪ ۾ دست اندازي ڪرڻ تي بندش هجي.
(3) جنهن ۾ هڪ گروهه يا طبقو ٻئي گروهه يا طبقي جو اقتصادي استحصال نه ڪري سگهي ۽ ملڪ جي جملي ماڻهن کي هڪ جهڙا موقعا ۽ حق حاصل هجن.
(ذ) قومون فردن جي همت ۽ جدوجهد سان زنده رهنديون آهن.
(ر) فسطائيت جو بنياد هن ڳالهه تي رکيل آهي ته ماڻهن کي وڏ ننڍائي، صحيح، غلط، مضبوط ۽ ڪمزور، صالح ۽ غير صالح جي گروهن ۾ ورهائي، ٿورن مخصوص ماڻهن جو ڪثير عوام مٿان زبردستيءَ جو تسلط قائم ڪيو وڃي.
(ز) قوم فردن جي يڪ خيالي ۽ گڏيل عمل جو نتيجو آهي، قطري جو معراج، سمنڊ ۾ سمائجڻ ۾ رکيل آهي ۽ شخص جو عروج قوم ۾ فنا ٿيڻ سان ٿئي ٿو. خود مطلبي ۽ تن آساني قومي جسم لاءِ وڏا مرض آهن.

ويدانتي مسلڪ جو وڏي ۾ وڏو سنڌي شاعر

سامي

ان ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش ناهي، تہ ڀائي چئنراءِ سامي اساسي شاعريءَ جي ثمورتي: شاهہ، سچل، ساميءَ ۾ جاءِ والاريئو. پر پوءِ بہ سنڌ ۾ ڪيس ايترو پڙهيو ۽ ڳاتو نہ ٿو وڃي، جيترو شاهہ ۽ سچل کي پڙهيو ۽ ڳاتو وڃي ٿو. جنهن ۾ ڌرم ڪرم جي ڪابہ رنڊروڪ ناهي. باريڪبينيءَ سان ڏٺو ويندو تہ، خبر پوندي تہ ساميءَ پنهنجن سلوڪن يا بيتن ۾ ڌرمي ۽ ويدانتي لفظن، محاورن، تشبيهن (Similes) استعارن (Mètaphors) تمثيلن (Allegories.) ۽ علامتن (Symbols) جي ايڏي تہ پرمار ڪئي آهي جو سندس ڪلام پڙهنديٰ، اسانکي سنڌ ۾ فارسي زبان جي تسلط وارو زمانو ياد ٿو اچي، جڏهن فارسيءَ جا جيترا گهڻا دقيق الفاظ شاعريءَ ۾ ٺنبيا ويندا ها، اوتروئي اهو شاعر وڏو شاعر سمجهيو ويندو هو. مطلب تہ ساميءَ جي شاعريءَ ۾ هندو ڌرم جي گيان، ويدن، گيتا، پراڻن، شاسترن، گرن، سنتن، ساڌ سنگت، جگياسين، جوگيسرن، آتم گيان، آگيا، اُپڪارين ۽ وگيان وغيره جي هيڪاندي اپٽار آهي. اهو ئي سبب آهي، جو صوفي اوتارن ۽ درگاهن تي ڳائجڻ بدران، ساميءَ جا سلوڪ مندرن ۽ ٽڪاڻن تائين محدود لڳن ٿا. مان تازو ڀارت جي دهلي، آگري، پوني ۽ ممبئيءَ جي ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪري موٽيو آهيان، جتي راڳ ويراڳ جي ڪنهن بہ محفل ۾ ساميءَ جو ڪوسلوڪ دوهيڙي طور بہ ڳائيندي نہ ٻڌم.

اوديا (جهاليت) گر گيات (گروءَ جي ڏنل سمجهاڻي) ڪلپت (وهم) ڏنڊوتُ (سلام - نمسڪار) انيءِ (اندر جو سوجهرو) تدروپ (اصلي روپ) نر وڪلپ (پيد پرم ڪان آجو) پر تڪ (ظاهر) استت (دائم قائم) مرڪٽ (باندر) اهنڪارُ (وڏائي) پرتيت (ويساهہ) پدارث (شيءِ) سارگت (سٺي روش) انترالُ (وچ اورو مفاصلو يا پردو) مانڪ ڏيهہ (ماڻهوءَ جو سرير) سنتاپُ (دکہ درد) سمرت (طاقتور) ابناسي (لازوال) بيگم پور (اڻ ڏٺو ڏيهہ) سمير (جبل، اهو جبل، جنهن کي هندو ڌرم وارا ديوتائن جو آستان

ڪري مچيندا آهن) سوڪر (نازڪ، ضد آهي اِستُول) تشڪال (بنا ديرِ، جهٽ پٽ) سوريو (سورهيه، سورمو) اگم (مخفي، ڳجهو) اپروڪ (ظاهر ظهور) وڪاد (لڙ، گوڙ) ڪنچر (هاٿي) اُپاڌ (فريب، ٺڳي) گورڪ (هڪ سنت جو نالو، اهو سنت، جنهن پنهنجن حواسن کي ضابطي ۾ رکيو هجي) رتَ (هڪ مهاپرش جو نالو، آتم پرش) سرومڻي (پرڌان، منهندار) وياپڪ (هرجاءِ حاضر) نداڌارُ (بي سهارو) درشٽ (نظر، نگاهه) نربئي (بيُ خوف، نڊر نارد (هڪ رشيءَ جو نالو) جٿڪار (سوڀ) تيبر (تيزُ تکو) انراڳ (پيار، پريم) اڌڪاري (اختيار وارو). سپاڙي (پاڙ يا جڙ سوڌو) ڪرتارٿ (جنهن جو ڪم يا مطلب پورو ٿيو هجي) بوڌ برچ (عقل جو وڻ) پرمارٿ (ڀلائيءَ جو ڪم) وڪارُ (سياءَ ڪي بدلائڻ، بيمارِي، ويدانت جي فلسفي جا پنج وِڪار آهن: ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار)

متي ذڪر ٿيل هندي ۽ سنسڪرت جا ويدانتي لفظ ۽ محاورا سنڌي شاعريءَ ۾ کٽڪ ۾ ٻٽڪ جي مثالِ آهن. سنڌ جي اها سرزمين، جتي اڄ هندي ۽ سنسڪرت جو واهپو ۽ وهنوار اٽي ۾ لوڻ برابر به نه رَهيو آهي. ملڪ جي ورهاڱي ڪري، پاوا، مني ۽ رشي به سرحد اڪري، وڃي هند پيڙا ٿيا آهن. ٻي خاص ڳالهه جا ساميءَ کي سمجهڻ ۾ رڪاوٽ ڪڙي ٿي ڪري، اها وقت جون بدلجندڙ حالتون ۽ قدر آهن. ساميءَ جي شاعريءَ جو تعلق ارڙهين ۽ اڻويهين صدين سان آهي، جڏهن سنڌ تي ڪلهوڙن ۽ ٽاليورن جي حڪمراني هئي. سنڌ جي ماڻهن وٽ جيڪڏهن بئنڪن ۽ روڪڙ گهٽ هئي، مگر پوءِ به ماڻهو پيٽ پري ماني کائيندا هئا. ڪنهن گهر اڳيان ان جون گنديون ۽ پليون ماڻهن جو بئينڪ بئلنس هوندو هو. ڌارين جون سنڌ ڏانهن يلغارون گهٽ هيون، ان ڪري، ساميءَ کي ڪي قدر حق هو، ته هو پيٽ پريندڙ ان ۽ پاڻيءَ کي ڪافي سمجهي، مايا (دولت) کان مڪتي (نجات) حاصل ڪرڻ لاءِ مايا ۽ مايا جي موهه کان نفرت ڪرڻ واري زمين ۾ شاعريءَ جو هرُ هلائي. خلا تي پهچڻ، خلا ۾ اڏامڻ ۽ قدم رکڻ واري سائنس ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي به عدم جي پردي پنيان آيل هئي، ان ڪري روحاني رمزن تائين پهچڻ جي اڪير ۽ اڪنڊ مايا کان نفرت ڪرڻ جو گهڻو تڻو جواز هيو. ڇاڪاڻ ته ڌارين جي يلغارن نه هئڻ ڪري، مايا جي وسيلن تي ڪنهن غير ۽ ڌاريئي جي قابض ٿيڻ جو خطرو به گهٽ هو. هن وقت اسان سنڌ واسي ويهين صديءَ کي خير آباد چئي، ايڪيهين صديءَ جي ياڪر ۾ اچي چڪا آهيون، جڏهن هر طرف کان بهاري، برمي،

بنگالي، افغاني، پٺاڻن ۽ پنجابين جَون نئين سچ نيون يلغارون آهن. جي مايا جي وسيلن تي قابض آهن. جا مايا هوندَ اسان سائنسي کوجنائن ۾ ڪتب آڻڻ گهرون ٿا، ۽ اهڙيءَ مايا (ڌن دولت) جي ساميءَ جي ارڙيهن ۽ اٺويهين صدين جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ ضرورت آهي، ان ڪري اڄ اسانکي ان ياڻي چٽنراءِ ساميءَ جي ضرورت آهي، جو تن من کي تسيا ڏيڻ بدران، پيٽ پري ڪائي، اوڳرايون ڏئي، ڪمپيوٽر تي ويهي، اي ميل جي فائيلن کي ٻہ جاي، ۽ پنهنجا سلوڪ ۽ بيت ٻہ پاڻ ڪمپوز ڪري. جو تہ مايا کي جيڪڏهن اسان غلط طريقن سان ڪتب ٿا آڻيون، تہ پوءِ ان مايا (Wealth) کان اسان ڇو نفرت ڪيون؟ جو تہ ان مايا مان اڌ مايا جو ضرورتمند ۽ اپاهج انسانن تي لڳائي، باقي بچيل مايا مان زراعت جي اپت سائنسي طريقن سان حاصل ڪيون، ڪمپيوٽر خريد ڪيون، ۽ ائين عالمي سطح تي چٽاپيٽيءَ (Competition) جي دوَر ۾ ملڪ ۽ قوم جي دل کولي خدمت ڪيون.

مايا بابت سامي جا سلوڪ هي آهن:

(1) مايا پلائي، وڏو جيءَ پرم ۾

(2) سارو جڳ انڌو، ٿيو مايا جي موھ ۾

(3) ڪئي خلق انڌي، مايا موھ ممت سان

(4) ساري خلق خوار، رهي مايا موھ ۾

(5) مايا ڪيا موڳا، سامي جيءَ جهان جا

(6) مايا ڪسي مت، سامي ورتي سڀ جي

(7) مايا ڪري غلام، سامي وڏو سڀ کي

(8) انڌن ڏي آئي، مايا ٻٽي موهڻي

(9) مايا مچايو، ڪوڙو ڪيل ڪلپ جو

(10) مايا منجهہ مستان، مورک رهن ڪيترا

(11) ڏاڍي ڏيوالي، مايا ڏانئڻ ڏندري

(12) ڪڍي ڪليجو، مايا ڏانئڻ سڀ جو

ويدانتي شاعريءَ ۽ فڪر توڙي فلسفي ۾، وياس جي گڏ ڪيل هندو ڌرم جي ارڙهن (18) ڌرمي پراڻن يا پستڪن جو وڏ ۾ وڏ عمل ۽ دخل آهي، جن جو ساميءَ ٻہ چڱو خاصو ذڪر ڪيو آهي. مثال طور هي بيت پڙهو:

ڇهہ، انارهن، چار، ڳالهہ ڇون تا هڪڙي،

در، در ديوانن جان، ناحق ڪيم نهار،

ملي ساڌ سنگت سان، بيحد ڏيئو ٻار،
تہ بيٺي منجهہ بزار، سامي ڏسين سپرين

ساميءَ جي انارهن (ارڙهن) پراڻن ۾ ڪل چار لک اشلوڪ ٻڌايا تا وڃن، جن ۾ دنيا جي پيدائش، وڏي پرلئہ يادئيا جو ناس ٿيڻ ۽ سورمن ۽ سنڌن پونئرن جو ذڪر ٿيل آهي. اڃو تہ پنهنجيءَ معلومات لاءِ ارڙهن پراڻن جا نالا بہ ڳڻايون.

(1) برهم (2) پدم (3) برهمانند (4) اگني (5) وشنو (6) گرڊ (7) برهم ويورت (8) شيو (9) لنگ (10) نارد (11) سڪند (12) مارڪنڊييہ (13) ڀوشيت (14) متسيہ (15) وراهہ (16) ڪورم (17) دامن ۽ (18) ڀڳوت

ڪراچيءَ جي سوامي نارائڻ مندر ۾ ايندڙ فيبروري مهيني ۾ رٿيل سامي ڪانفرنس جي موقعي تي پريم ساگر جو "سامي نمبر" ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو. اهڙو اطلاع مونکي مانواري وليرام ولڀ ۽ تاج جوئي طرفان ڀارت مان واپس ايندي ئي ملي ويو. مون ٿورو گهڻو ساميءَ کي اڳ پڙهيو هيو، پر متس ڪجهہ لکڻ لاءِ سنڌي اڪيڊمي، دهليءَ پاران 1997ع ۾ ڇپايل "ساميءَ جا سلوڪ" کي ڌيان گيان سان مون پڙهڻ شروع ڪيو. مون ڏٺو تہ مايا، اوديا، مورک، اگياني، ويساسي، ڀاونا، ساڌمهما، ست سنگ مهما، گرمک، ايشور مهما، اپديش مهما، ڀڳتي، سک، پريم، نيهي، محبت، عشق، عاشق، سهاڳڻ، ڇهہ اناراهن چار، لکشڻ، فقير، دروند، اڌوت، ساڌوجن ۽ سنت جهڙن ڇويهن (26) بابن تي ڪتاب جي ٽن ڀاڱن ۾ ساميءَ جا ڪل 2680 سلوڪ ڏنا ويا آهن.

ساميءَ بابت مٿي ذڪر ڪيل معلومات ڪانسواءِ، مون ساميءَ جي سلوڪن واري سمنڊ مان ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ غواص بڻجي، جڏهن غوطا خوري ڪئي، تڏهن جو ڪجهہ مڻين ۾ هٿ لڳو، اهو بہ هيٺ ڏجي ٿو.

(1) ساميءَ جي سلوڪن جي لکڻ جو اصل مقصد

گيان وگيان ڪانپوءِ ساميءَ کي پنج وڪار يا رڪاوٽون محسوس ٿيون، جي آهن: (1) ڪام (2) ڪروڌ (3) لوڀ (4) موهہ ۽ (5) اهنڪار. اهڙين بيمارين جهڙا ساميءَ جي نظر ۾ انسان جا ٻيا بلوان دشمن نٿا ٿي سگهن. اهڙن دشمنن کي مات ڪرڻ لاءِ ساميءَ جو خيال آهي، تہ انساني بستين ۾ آسماني ڪتاب، شر تيون ۽ سمرتيون ظاهر ڪيون ويون ۽ رشي ۽ مني بہ ظهور ۾ آيا. اهڙيءَ طرح ماڪ ديهہ (انساني سرير) کي سقلو بڻائي سگهجي

ٿو، جيئن مايا جي موهه، ڪام ۽ ڪروڌ تي غالب پئجي سگهجي. ان لاءِ ماڻهوءَ کي ساڌ سنگت ۾ رهي ڪري، ستِ (سچ) جي ستن هٿيارن سان ليس ٿيڻو آهي، جي آهن: ڪرم (عمل، مذهبي رسم) سيل (سچائي) سنتوک يا سنتوش (صبر) نرويرتا (انسان دوستي) شيوا (سيوا، خدمت) ديا (ٻاجهه، ڪرپا) ۽ ڌرم (مذهب).

ساميءَ جي نظرن ۾ ساڌو اُهي آهن، جي ڪايا ۽ مايا جي موهه ۾ غلطان نه رهن، جي جڳت کي ڪوڙ ۽ ريب سمجهن ۽ ڪلپت (وهم) کي ڪٽي، سنگسار ڪري ڇڏين، ۽ سندن اصلي ڌن دولت، آتم ڌن ۽ گيان، اتم گيان آهي. ممتا (دنيا جو پيار، موهه) کي مارڻ ۽ ايمان (تڪبر) کي قاسيءَ چاڙهي، سائينءَ جي سيوا ۾ پاڻ ارپڻو آهي. ان ڏس ۾ هڪ ساڌوءَ لاءِ وديا (علم) ۾ غرق ٿيڻ ڪانپوءِ سوري هن لاءِ سيج آهي، زهر، شربت آهي، ڏک، سک ۽ آنند آهي، ۽ موت، حياتي آهي، ۽ پوءِ ٻين جو خير، پنهنجو خير آهي، جڳ جو خير آهي.

(2) ساميءَ جو وحدت الوجوديءَ واري مسلڪ جو هئڻ :

وحدث الوجود واري صوفياڻي يا ويدانيت واري مسلڪ "همه اوست" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. سڀ ڪجهه، هو يا اهو ئي آهي: هي نظريو هجري ڇهين صديءَ ۾ اسپين ۾ جنم وٺندڙ شيخ اڪبر مهي الدين ابنِ عربيءَ پيش ڪيو، جنهن جو مطلب آهي ته هن ڪائنات جي ڪابه شيءِ خالقِ اعظم کان الڳ وجود نٿي رکي، يعني خالق ۽ مخلوق جي وحدانيت ۾ ڪوبه فرق نه ٿو هجي، جنهن لاءِ چيو ويو آهي، ته ڪائنات ۽ ڪائنات جي جوڙڻهار جو وجود هڪ ئي وجود آهي. اجان به هن مسلڪ کي ظاهر ڪبو ته خبر پوندي، ته انسان ۽ ڪائنات کي وجودِ واحد مان پيدا ڪري، مخفي خزاني کي آشڪار ڪيو ويو آهي، ۽ ائين ذات، پاڻ کي صفات ۾ ظاهر ڪيو آهي.

اچو ته ايشور مهما واري باب مان ساميءَ جا به بيت ڏيون، جن ۾ "همه اوست" واري مسلڪ سچ وانگر ايري پويٿي:

بيــڪ ڌري آيــو، خــاوند پــاڻ خلــق ۾،
چاهه ورائـي چـت سـان، نانـا رنـگ لايـو،
ڳُتـيءَ ليکـي ڪـؤن پـري، اچـرج مچـايو،
سـامي سمـايو، نيــارو رهــي نــپ جـان

خلق منجھہ خالقَ، خلق سڀ خالقٰ ۾
سمجھي ڪو سامي چئي، ورلو ھرڄن ھڪ،
مھر ڪري، مالڪ، جنھن تي پرچي پاڻھي.

(3) ساميءَ جا عام فھم ھجڻ وارا بيت

ائين ناھي، تہ ڪو ساميءَ جي سڄي شاعري نر وڪلپ ۽ ڏنڌوت لفظن تي ٻڌل شاعري آھي. مون ھڪ، ھڪ لفظ ڪري 2680 سلوڪن کي جاچي ڏٺو آھي، تہ مونکي ٽيون حصو شاعريءَ جو بلڪل عام فھم شاعري، ملي آھي، اھڙي شاعري جا صالح شاھہ (زاڻي پور) ۽ مھدي شاھہ جي اوتارن ڪان وٺي پٽ شاھہ تائين ڳائي ۽ سمجھي سگھجي ٿي، جن ڪيَ ھڪ اڻ پڙھيل گنجيءَ گوڏ وارو سنڌي بہ سمجھي ۽ ڪجھہ حاصل ڪري سگھي ٿو. خبر نہ ٿي پوي، تہ صفا نيٺ سنڌيءَ ۾ بيتن ھئڻ جي باوجود بہ ساميءَ جي شاعريءَ کي ھند ۽ سنڌ جي ڳوٺن ۾ عام ڇو نہ ڪيو ويو آھي. جو اڄان سوڌو ساميءَ جو اسان ھند ۽ سنڌ وارن تي قرض چڙھيل آھي. اڄو تہ نموني طور ساميءَ جا ٺيٺ سنڌيءَ ۾ لکيل پنج بيت (پنج ڪٽي، مھرڳھٽي) ھتي ڏئي، اڳتي وڌون:

گھرين ڪوھہ گھٽي، مورک مايا رام ڪٿون،
ويا پٽيندا ڪيترا، منھن تي ھٿ ھٽي،
تون پي نينڊين ڪانڪا، ڪوڏي ساڻ ڪٽي،
سارِ سنيار ڏٽي، تہ سکي ٿئين سامي چئي.

اُتي مھانگو، سامي، سوڏو پريم جو،
جيءَ تو خواھش خريد جي، تہ سٽ سر جو سانگو،
پرچي پاءِ ڳچيءَ ۾، ڳلا جو گھانگھو،
لنگھي پئو لانگھو، تہ مطلب ٿيئي من جو.

مورک سو آھي، جو سچ سڃاڻي ڪينڪي،
پاڻ پانھنجو پاڻ ۾، وينو وڃائي،
سمجھہ ريءَ سامي چئي، ڏڪا نت کائي،
جھاتي نہ پائي، گھڙي پانھنجي گھر ۾

مورک چڏ گمان، ڪايا، مايا ڪُل جو،
جيي وٽ جاڳي ڪري، پيد بنا پڳوان،
اچي ھٽندءِ اوچتو، ڪال قھاري ڪانٰ،

سامي سڀ جهانُ، ماري جنهن متي ڪيو

(4) شاهه جيان ساميءَ به ”سنڌ“ لفظ ڪتب آندو آهي.

شاهه لطيف رسالي ۾ منهنجيءَ ڄاڻ موجب ٻه دفعا جنم ڀومي (Mother Land) ”سنڌ“ جو لفظ ڪتب آندو آهي، جو شاعر جو شاعريءَ ۾ پنهنجي اباڻي وطن کي ياد ڪرڻ هڪ وڏي ۾ وڏو واڪاڻ جوڳو مثال آهي.

(1) سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار

(سر سارنگ)

(2) جيهس ڪونه جهانَ ۾، هندُ، سنڌُ، سورت هاڻ

(بلاول)

وديا معنيٰ علم ۽ اوديا معنيٰ جهالت – ساميءَ اوديا ۽ سنڌ جو ٻٽو لفظ اوديا سنڌ (جهالت جو درياهه) ڪتب آڻي، سنڌ ساڻيهه کي منهنجي ڳڻپ مطابق ( )) نَوَ دفعا ياد ڪيو آهي. ڪهڙي نه ساميءَ جي سلوڪن ۽ رگويد جي حوالن سان نوَن (9) جي انگ جي هڪجهڙائي آهي. رگويد.جي ڏهين منڊل جي پنجهترين سوڪت ۾ ڪل نوَ منتر آهن، جن ۾ سنڌو لفظ. سنڌ جي درياهه جي حوالي سان ڪتب آندو ويو آهي. ڏسو عددن جي هڪجهڙائي! ساميءَ به نوَ دفعا ”سنڌ“ کي درياهه جي حوالي سان ڪتب آندو آهي. هتي نموني طور، انهن منتر ۽ ان جو ترجمو ڏيون ٿا:

ديونا گريءَ ۾ لکيل سنسڪرتي منتر جو سنڌيَ لپيءَ ۾ روپ:

سوشوا سنڌو سرتا سواسا، هرٽيئي سڪرتا واجنيو وتي ارٽا ورتي يو وتي، سيل ماو توتاڏي وستي سيگا مڌوورڌ.

معنيٰ: اي سنڌو! سندر گهوڙن واري سندر رٿن واري، سونن زيورن واري، اناج سان ڀرپور، پشم واري جل سان ڀرپور، شيشم جي ڪاٺ واري، سندر ۽ ڀاڳن ڀري، ماکي پيدا ڪندڙ، ٻرچين ڀالن جو سهارو تون ئي آهين.

هتي ساميءَ جي نوَن بيتن مان اهڙا به بيت ڏيون ٿا:

ٻانيڻ! ڪين ٻڌي، عاشق اوديا سنڌ ۾،
جنهن جاڳي ڪيي جيءَ مون، غيرت سڀ ڳڌي،
انئي پهر لڌي، پريمَ هندوري پيَ سان.

ڪوڙا ڪم نه ڪر، مورک من جي ڀاءِ تون،
اتي اوديا سنڌ جي، ڏاڍي لوڀ لهر،

وچــن ســا پرســن جــو، جــاڳي هــردي ڌر،
تــہ حــاضر ڏســين هــر، ســامي چئــي ســپ ۾

(5) دقيق غير سنڌي لفظن جو مثال:

اوديـا جــو اوڪـد، سـتگر ڏسـيو سـڪ ڪـي،
پيتــائين پرتيــت ســان، ســامي محبــت مــڌ،
گهــري لڏائيــن گهــر مــون، آدي انيئــہ پــد،

ميٺي دڪ دردُ، اسٿت رهي آڪاس جان.

رات ڏينهن جـو قيـنُ ڏسـڻ ائـون پـڌڻ ۾،
سمجهي ڪو، سامي چئي ساڌو جنُ سمير،
پرچي لڌو جنهن پد جو، پرچنتا جو پير،
ٿي نر پئہ نر ويرُ ڪري عدالت انيئيَ.

(6) قافئي پٺيان قافئي جو غلط استعمال:

سنڌي بيت لکڻ جي هڪ هيءَ بہ سجاڳپ هوندي آهي، جو چند وديائي وزن موجب قافئي واري رڪن جي آخري ماترا آواز واري (Phoentic) ماترا هوندي آهي، جنهن کي علم عروض ۾ متحرڪ ماترا يا متحرڪ حرف چيو ويندو آهي، پوءِ پلي تہ قافيو گر ماترائي رُڪن (جيئن ڪيئن) ۾ هجي، يا لگهو ماترائي رڪن (تنُ، منُ) واري سٽاءَ ۾. اهڙءَ طرح پهرينءَ سٽ توڙي بيت جي آخريَ سٽ جي غير قافيائي پدَ جي آخري رُڪن جو آخري حرف يا ماترا بي آواز (Non-phoentic/soundless) رکيو ويندو آهي. جنهن کي علم عروض ۾ ساڪن ماترا يا ساڪن حرف چئبو آهي. جيڪڏهن قافئي وانگر غير قافيائي پد جي آخري رڪن جي آخري حرف کي بہ متحرڪ رکيو ويندو، تہ پوءِ بيت پڙهڻ سان ٻنهي پدَن ۾ ٻن يا ٽن قافين جو گمان غالب ٿيندو. ساميءَ جي سلوڪن ۾ اسانجي ڪيترن ئي ماهر ۽ سينير شاعرن وانگر هڪ سٽ ۾ ٻن قافين جو گمان غالب ٿئي ٿو، جو نہ هئڻ گهرجي ها.

اچو تہ پهريائين ساميءَ کي استاد مڃيندي، سندس سلوڪن مان ئي غير قافيائي رڪن جي آخري حرف جو بي آواز هجڻ جا بہ بهترين مثال پيش ڪري، پوءِ اڳتي وڌون:

سو نيهي، سو نرملُ، سو اوڏو تي انيئي،

سوئي ست سنگي، مرمُ جنهين جي من ۾

هنن ٻنهي بيتن جي پهرئين پدَ ۾ قافيا رکيل آهن. پهرئين ۾ ست جو قافيو لگهو ماترا ۽ ٻئي بيت ۾ گر ماترائي رڪن وارو قافيو رکيل آهي. سو ٻـ چئي سگهجي ٿو تـ پهرئين بيت ۾ علم عروض موجب قافئي طور متحرڪ حرف ۽ ٻئي بيت ۾ متحرڪ سان گڏ ساڪن حرف بـ آندو ويو آهي حي مثال هڪ سني ۽ ڪڙيءَ رسيل بلوغت جا مثال آهن.

هاڻي اچو تـ چار مثال ساميءَ جي انهن بيتن جا پيش ڪيون، جن ۾ آواز وارين ماترائن يا حرفن ڪري، ٻن قافين جو گمان غالب ٿو ٿئي، پر تـ غير قافيائي رڪن جي ڪيفيت اِها ناهي، جا پاڻيءَ تي لهندڙ نيرڳي جي ٻڙي رفتار واري ڪيفيت هوندي آهي:

سامي سيپئي، سنت چون تا ڳالهہ هڪ

پرين ڪي پرچاءِ، تـ سامي پائين سيج سڪ

جنهن جو هلي حڪم، سامي سوئي پاتشاهہ

سو اوڏوتُ اڏارُ سو جوڳي جيونُ مڪت

هتي اوهان ڏسندا، تـ هر بيت جي ٻئي پد وارا آخري رُڪن يا لفظ بـ قافين وارو تاثر تا ڏين، ڇاڪاڻ تـ متحرڪ ماترائن واري سٽاءَ کان پرهيز ناهي ڪئي ويئي.

(7) غلط سنڌي لفظ، جن کي واڻڪو لهجو چئبو آهي.

گرامر توڙي لغت جي ذائري ۾ نـ ايندڙ اسلوبي رنگ روپ ساميءَ جي سلوڪن ۾ هن طرح آيل آهي:

راجي (راضي) مجا (مزا) سوراڪ (سوراخ) مگج (مغز) جات (ذات) والت (وارث) لجت (لذت) دراج (دراز) درواجو (دروازو) عرج (عرض) هندو لو (هندورو) ديماڪ (دماغ) گرجُ (غرضُ) ڦارڪ (فارغ) رجا (رضا) ماد (مات) موتاج (محتاج) اتبار (اعتبار) گوتو (غوطو) تماسو (تماشو) تاجا (تازا) انارهن (ارڙهن) اجات (اذات) بيگرج (بي غرض) جهاج (جهاز) چراگ (چراغ) سابس (شابس) نرڪ (نرڳ) عاجج (عاجز) فارق (فارغ)

ماهل (مائل) ملاجو (ملاحظو) سالاهه (ساراهه) ڪاتي (خاطي) ڪلاس (خلاص) مالوم (معلوم) مسڪل (مشڪل)

متي ڄاڻايل غلطين ڪانسواءِ آڙاهه لفظ جي معنيٰ ڪن يا اونهو پاڻي ڄاڻايو ويو آهي، جو غلط آهي. آڙاهه جي معنيٰ باهه جو مچ آهي، ۽ اوڙاهه جي معنيٰ ڪن يا اونهو پاڻي ٿيندو. ساميءَ خود پاڻيءَ جي تک تارَ جي حوالي سان آڙاهه لفظ ڪتب آڻي، غلطي ڪئي آهي. ٿي سگهي ٿو، ته ساميءَ اوڙاهه استعمال ڪيو هجي، ۽ ڪتاب ڇپائيندڙ هند جي پارڪن غلط لفظ "آڙاهه" ڏئي ڇڏيو هجي، جو ڪيترن ئي هنڌن تي غلط آيو آهي.

پروفيسر بي ايچ ناگراڻيءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب "ساميءَ جا سلوڪ" جي 70 ۽ 353 صفحن تي شاهه لطيف جي سر ڏهر جو هڪ ٽن سٽن وارو بيت هڪ جاءِ تي ٽن سٽن ۾ ۽ ٻيءَ جاءِ تي چئن سٽن ۾ توڙڙيءَ تبديليءَ سان ڏنو ويو آهي. ٻنهي بيتن مان چئن سٽن وارو بيت (صفحو 353) اجهو هن طرح آهي:

جڏهن وهڻ هئڙو وهه، تڏهن مڇ نه موٽئين،
چر چنيءَ چاڪي ڳٽين، پوءِ وچڻ جو پهه،
وچڙي سک ساگر ڪئون، سامي رهندو رهه
سر متي پيو سهه، مهميزان ملاح جون

پيو بيت

جڏي وهيو تي وهه، تڏي مڇ موٽئين ڪينڪي
چر چنيئه چاڪي ڳريئن، پوءِ موٽڻ جو نهه،
هاڻي سر متي تون سهه، مهميزان ملاح جون

لطيف جو بيت هن ريت آهي:

جان واهڙَ ۾ وَهه، تان تون مڇ نه موٽئين
ڪائي ۾ ڪوهه ڪرئين، پوءِ موٽڻ جو پهه،
سر متي تون سهه، مهميزون ملاحن جون.

جڏهن لطيف وصال ڪيو هو، ان وقت ساميءَ جي عمر نوَ (9) سال هئي، ان ڪري ظاهر آهي ته ذڪر ڪيل ٻئي بيت ساميءَ شاهه کان متاثر ٿي لکيا هوندا، پوءِ ڇونه اهي لاشعوري طور ٿيو هجي. ان ڪري "ساميءَ جا سلوڪ"

ڪتاب جي ٻئي ڇاپي وقت لطيف ۽ ساميءَ جي هڪجهڙائيءَ ڪي ضرور ذهن ۾ رکڻو پوندو.

(8) سامي مذهب جي قيد بند کان آزاد آهي.

سامي شاعريءَ جي معروضي ۽ آفاقي قدرن کان ضرور واقف هيو. ڇو ته جڏهن هو مسلمانن جي نالي "الله" ڪي شاعريءَ ۾ تو ڪتب آڻي، تڏهن منجهس اهوئي عجز، انڪساري ۽ احترام آهي، جو رام يا پرماتما نالن ڪي ڪتب آڻڻ وقت منجهس موجود آهي. ڪجهه بيتن جون سٽون اجهو هن طرح آهن:

جني خواهش خريد، تئي تن عشق الله جو،
ڏيئي دل دولت، عاشق گڏيا الله کي،
اڄ جي الاهي، عاشق گڏيا الله کي،
جنهن عاشق لايو، سچو عشق الله سان.

(9) ساميءَ جي شاعريءَ ۾ آگاهيون ۽ اڳڪٿيون.

اها حقيقت آهي، ته مذهب ۽ سائنس ۾ شروع کان تضاد پئي رهيا آهن، پر صوفياڻو رويو رکندڙ شاعر سائنسدانن جا نقيب (harbingers) پئي رهيا آهن.

اهڙين آگاهين يا پيشنگوين تي ئي سائنسدانن سائنس جو بنيادي پٿر پئي رکيو آهي، جن ۾ خودبخود سماجي ڪارج پئي سرجيو آهي.

ساميءَ جي ڪلام پڙهڻ سان، اسانکي خلائي سفر جون آگاهيون ملن ٿيون. پهريائين اچو ته ساميءَ کان اڳ ٿيل پيشنگوين ڪي پرکيون، جي گهٽي يا گهڻي سچيون به نڪتيون آهن:

(1) نيرا گهوڙا ڏيرا، اتر کان ايندا،
واساما واڻن تي، ورهائي ويندا،
تهان پوءِ ٿيندا، تبل تاجاڻين جا.

(هڪ ماموئي فقير)

متينءَ اڳڪٿيءَ کي قنڌار ۽ ڪابل کان ٿيندڙ پٺاڻن جي حملن سان ملايو ٿو وڃي، جو سلسلو اڃا به نه ڪٿو آهي.

(2) چرخ اڏائيندو آسمان ۾ مڪڙ جي مثلا

هيءَ آگاهي انگريزن جي باري ۾ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جي ٿي شاعر عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي ڪيل آهي، جڏهن هوائي جهازن جو تصور بہ ڪين هو.

(3) جتي عرش نہ اپ ڪو، زمين ناهہ ذرو،
نڪو چارو چنڊ جو، نڪو سج سرو،
اتي آديسين جو، لڳو دنگ درو،
پري پيين پرو، نات ڏٺائون نانهن ۾

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ مٿين بيت ۾ خلا (Space) جي باري ۾ اڳڪٿي ڪئي آهي. لطيف 1752ع ۾ بزرگعو مٿايو، جڏهن هوائي جهاز لاءِ سوچيو بہ نہ ويو هو.

(4) تم شهر مين هو تو همين ڪيا غم جب اٺين گي
لي آئين گي بازار سي جاڪر دل و جان اور

هي مرزا غالب آهي، جنهن بازار مان ٺهيل نڪيل انساني دل خريد ڪري، جسم ۾ پيوند ڪرڻ لاءِ اڳڪٿي ڪئي آهي. اڄ ماڻهو گڏيل پيئل دل کي ڪيرائي، ان جي جاءِ تي ٻي دل پيوند ڪرائي سگهي ٿو.

(5) مون بہ 1983ع ۾ "پوڙهو عقاب" جي عنوان سان هڪ علامتي ڪهاڻي لکي، اڳڪٿي ڪئي هئي، جا پنجن سالن کانپوءِ سچي ثابت ٿي هئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ عقاب جي جبر ۽ استحصال کي مون جنرل ضياءَ جي ڪردار طور پيش ڪيو هو، ۽ عقاب کي هڪ شڪاريءَ هٿان بندوق جي فئر سان ختم ڪيو هو، جنهن هڪ نديءَ جي پر تي-اچي ڦهڪو ڪيو هو، ۽ پوءِ جڳ ڏٺو، تہ جنرل ضياءَ پنهنجي ساٿ سميت اچي نديءَ ڪناري ڦهڪو ڪيو هو. هيءَ ڪهاڻي ف م لاشاريءَ هلال مئگزين ۾ ڇاپي هئي، ۽ جنرل ضيا جي موت تي اڳڪٿي جي سچي ٿيڻ جي خوشيءَ مون ۽ فقيرهڪ رنگين شام ملهائي هئي.

(6) هڪ ٻي آگاهي تازو1999ع آڪٽوبر مهيني جي تيرهينءَ تاريخ تي مون "عوامي آواز" اخبار ۾ ڪالم "قصو ٻن پائر مانگر مڇن جو" جي عنوان هيٺ ڪئي هئي، جنهن ۾ مون سنڌو درياهہ پرسان هڪ سينواريل تلاءَ ۾ ٻن پائر مانگر مڇن کي ڏيکاري، پنهنجي رنگ ڍنگ سان سندن موت آندو آهي. دنيا ڏٺو، تہ رات جو منهنجو ڪالم ڪمپوز ٿي رهيو هو، ۽ ساڳيءَ رات جهاز جي حوالي سان جنرل ضياءَ جي شاگرد ۽ سندس نڀڻي ياءَ جي اقتدار جي عبرتناڪ تبديلي ٿي هئي.

ساميءَ جا اڳڪٿيءَ وارا بيت:

(7) جا جانيءَ جي ذات، سا عاشقن جي اکين،
مٿي جن جي من موئن، سي پرائي تات،
سيتل ٿيا سامي چئي، درسن پائي دات،
جتي ڏينهن نه رات، تت تڪيائون تڪيو

عاشق تانگهو تار، ڳٽن ڪين اندر ۾،
لنوَ سان لک ٻڏي ڪري، پل ۾ لنگهيا پار،
وڃي بيگمپور جي، ويٺا منجهه بازار،
ڪري اکيون چار، سامي مليا سروپ سان

محبتن پرماڻ، پرچي لڌو پوربي،
جتي تون مان ناهه ڪا، نڪو داڻُ استاڻُ،
نڪو جيءُ نه ايشَ ڪو، نڪو گيان ڌيانُ،
سامي چئي سماڻُ، پرک وسي پرماتما،

محبتن سي مت، لئي ڪيا تنهن لک ۾،
جنهن ۾ تون مان نانهن ڪا، نڪي پنج ٿي تت،
حد پري بيحد، پاتو پد ٻانيڻ چئي

مٿيان چارئي ساميءَ جا سلوڪ آهن، جي خلا ۽ خلائي وستين بابت اڳڪٿيءَ طور چيا ويا آهن.

15) ساميءَ جي وڏن قدرن واري شاعريءَ جا مثال:

آخر ۾ اسان ساميءَ جي سلوڪن مان وڏن قدرن واري شاعريءَ (High-valued poetry) جا ڪجهه مثال ڏيون ٿا:

عجائب آهن، عاقل عقل جا ڏٺي،
موڙي موڙ سڪان جي، تا لڙموئن لنگهائن،
جتي ديرو دوس جو، تتي پهچائن،
ريءَ ڪنيءَ لاهن، ڪلف سڀ قلوب جا.

ستگر ساڌن چار، چيا سک سروپ جا
سک، سمجهه، ويساهه، سچ، هر جس هردي ڌار،
پهچائيندءِ پاڻهي، دوساٽيءَ دربار،

نئڙي نئن نهار، تہ سيتل تئين سامي چئي.
جيئن پيڙيءَ جو پور، تئين سنگ سنسار جو
لاهن لڪ هٽن، پنڊت چاٽي پاڻ کي
پوڙا ڪين پڙن، دانهان درد وندن جون
ڏرتي هري نہ تئي، بنا پاٽيءَ مينهن
کهڙي پيٽ ڏريان، سامي ساڌ سنگت کي
هر، هر هٽ مَ پاءِ، عشق جي اسرار ۾
سهاڳڻ سائي، ڪانڌ جنهن جي ڪڇ ۾

سامي‌ءَ جي گيتا، پراڻن، ويدن، اپڪارين، شاسترن، جوڳيسرن ۽ ساڌ سنگت بابت وسيع معلومات توڙي شعري ڏرجي کي سامهون رکي، اسان چئي سگهون ٿا، تہ سامي، ويدانيتي مسلک جو وڏي ۾ وڏو سنڌي شاعر آهي. لطيف "چنل چج هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا"، ڪانوني "پيو پاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري" تائين لکيو آهي. ان ڪري هر وڙ ۽ ورجيس جي بنياد تي شاهہ ڻمورتيءَ ۾ وڏو، ۽ سامي ٽيون نمبر شاعر ٿو وجي بيهي، جڏهن تہ هڪ ادبي وڙ يعني ويدانتي حوالي سان سامي سنڌيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.

سنڌ جي وحدت کي ڪيتن ۾ محفوظ ڪندڙ باغي شاعر

شيخ اياز

سنڌ مان سنڌين جي سرحد پار لڏ پلاڻ کان سنت پوءِ پنجاهه ۽ سٺ واري ڏهاڪن ۾ سنڌين جي بنيادي حقن جي لتاڙ ۽ ون يونٽ جي گهانگهي پوڻ کانپوءِ سائين جي ايم سيد، لطيف سائينءَ جي بيتن جي صحيح معنيٰ سمجهائي، ڪتاب لکي ۽ ان سان گڏ "بزمِ صوفياءِ سنڌ" قائم ڪري، آمراڻي ٽولي خلاف اسانکي سجاڳ ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. سامراجي عناصر ڪراچيءَ کي غير فطري عمل ذريعي وفاق سان ملائي، هتان جي آمدنيءَ تي ڌاڙو هڻڻ، اولهه ۽ اوڀر پاڪستان ٺاهڻ، ون يونٽ جو ڳچيءَ ۾ طوق وجهڻ، ملڪ جي گاديءَ کي مرگلا پهاڙين ۾ ڪٽي وڃڻ، سنڌ کي باب الاسلام ۾ تبديل ڪرڻ جا شوشا ڇوڙڻ، سنڌ جون زمينون پڳڙن مٺ تي فوجين، لاهور، ميانواليءَ جي رانديگرن ۽ ڪشتيءَ جي پهلوانن کي ڏيڻ، پاڻيءَ تي ڌاڙا هڻڻ واري عمل دخل سان سنڌ جي "وحدت" کي مليا ميٽ ڪرڻ لاءِ نهن چوٽيءَ جو زور لڳايو. ان کان اڳ سنڌ جو ملان سائنسي سوچ ۽ ترقي پسند لاڙن جي ڏيڻ ۾ ڦاسائڻ لاءِ لطيف جي بيتن جي پنهنجي مرضيءَ مطابق ظاهري ۽ باطني شرح سمجهائي سنڌ جي نوجوان نسل کي آفيم جون گوليون کارائي، جڻ ته سمهاري ڇڏيندا هئا. ان جي ابتڙ سائين غلام مرتضيٰ سيد ۽ ڪائونس فيضياب ٿيل سنڌ جي دانشورن، ٿوڙي ڪائونس اڳ وارن عالمن اڪابرن سنڌ ۽ سنڌيت جا سبق ڏيئي، لطيف ۽ سنڌ کي سمجهڻ ۾ رستو هموار ڪيو، جن ۾ سائين ميران محمد شاهه، حيدر بخش جتوئي، مولانا غلام محمد گرامي، رسول بخش پليجو، محمد ابراهيم جويو، علامه آءِ آءِ قاضي، سوڀو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، چينمل پرسرام، حفيظ قريشي، پروفيسر امر ڏنو لال جڳتياڻي، عبدالواحد آريسر، ڪيرت ٻاٻاڻي، يوسف لغاري، ۽ علي بابا شامل آهن. هنن وڏڙن سياسي سجاڳيءَ سان گڏ سنڌ سان جذبات جي حد تائين پيار ڪرڻ ۽

سندس احترام ڪرڻ جا درس ڏهرايا، جن ۾ سائين جي ايم سيد ڪي روشنيءَ جي مينار واري حيثيت حاصل آهي. آفريڪا جي پنتي پيل ماڻهن ۾ ڪردن وانگر اسان سنڌ کي وڏي ماءُ ۾ مائرن جي ماءُ وارو درجو تا ڏيون. ان ئي جذبي کي پنجاهہ ۾ سٺ وارن ڏهاڪن ۾ شيخ اياز بيتن، وائين، گيتن ۾ غزلن ۾ محفوظ ڪيو. جو وهنوار اياز جي شروعاتي شعر ۾، خاص ڪري سندس ڪتابن "ڀؤنر ڀري آڪاس" ۾ "ڪي جو ڀيجل ٻوليو" ۾ هر وڙ جي صنف ۾ پلؤن پل ملي ٿو: ۽ ائين قوم پرستيءَ ۾ ترقي پسند لاڙن جي پرچار اياز جي قلم مان ڦٽي نڪري ٿي، اچو تہ ڏسون:

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهہ،
منهنجي من ۾ چوليون ماري، سنڌو تنهنجو ساهہ

ڏينم اهو تنبورو مونکي، ڪيسين سمهندين شاهہ،
ڏيتم تہ ڳايان، آڳ وسايان، دليون ڪريان درياهہ

جاڳ ڀٽائي گهوٽ، سنڌڙي تي توڪي سڏي

پرسان تنهنجي پٽ ڏٽي! جهلي بيٺس جهول

وري چوريان چنگ، صدا ڪريان سنڌ ۾

اسان لاءِ سيد تہ ڪا شيءِ نہ آ
اسان لاءِ شاعر وڏي بات آ

وسامي نہ سگهندو انهيءَ جو ڏيئو
مجان تو تہ هن وٽ اها ذات آ

سنڌڙي تنهنجو ساهہ، جرڪيئو منهنجي جيءَ ۾
شال وسن او سنڌڙي، تنهنجا ڪيت وسن!

سنڌڙي! مونکي سڏ تہ ڏي، تون چپ چو آهين، ڇاهي؟
سنڌڙي تنهنجو ساهہ اياز، مري نہ ٺيٺو آهي مات

سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ، مرنداسين پر مرڪنديون
سڪ نه سيري سنڌڙي، ائين ري سچ لٽا

سنڌڙي تنهنجو نانءُ وٺو، چڙهي ڪاريهر تي پير پيو
هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌ اياز نه مرٽي آ

اهوئي سبب آهي جو اڄ اسان پنهنجي پيار جي جذباتي ۽ ثقافتي وابستگيءَ جي اظهار وقت، سنڌ کي سنڌ - ماتا تا سڏيون. لطيف پنهنجي رسالي ۾ ٻن هنڌ "سنڌ" جو لفظ استعمال ڪري سنڌ سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي:

سائيترا سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
(سارنگ)

جهڙس ڪونه جهان ۾، هند، سنڌ، سورت هاڻ
(بلاول)

ان ساڳي جذبي ۽ امنگ کي اياز ۽ ان ڪانپوءِ جي شاعرن ماضيءَ سان ملائي ڇڏيو آهي، جن ۾ شاعريءَ جي حوالي سان شيخ اياز جو وڏي ۾ وڏو هٿ رهيو آهي. اياز عهدساز (Era maker) شخصيت آهي، جنهن لطيف ڪانپوءِ مذهبن جي ڪٽرپڻي واريءَ ڏيڻ مان نڪري، ادب جا جديد قدر ۽ سائنسي سوچ ۽ فڪر کي بنياد بڻائي اسانکي وڏن قدرن جي شاعري ڏني. اياز جي پنجاهه ۽ سٺ وارن ڏهاڪن واري شاعريءَ جو اسلوب، موضوع، جماليات، اصطلاح، تشبيهون، تمثيلون، استعارا ۽ علامتون جديد شاعريءَ ۽ جديد فڪر جي قدرن سان مالا مال آهي، ۽ ائين اياز شاعريءَ جي بلندين تي وڃڻ تو ڏسجي. اهي ئي قدر کيس شيڪسپيئر، ورڊسورٿ، ڊانٽي، رومي، غالب ۽ لطيف وانگر عهد ساز، ادبي شخصيت بڻائي پنهنجي ٿهيءَ جو وڏو شاعر ثابت تا ڪن، جنهن لاءِ ڪنهن ڪان ذاتي قسم جي سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي هوند ڪا به ضرورت نه تي محسوس ٿئي. اياز پنهنجن واين ۽ گيتن جي حوالي سان پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي ڪلاسڪس جو درجو ماڻي ويو آهي، جنهن تي پهچڻ لاءِ سالن ۽ صدين جو وقت درڪار هوندو آهي.

جيتري قدر اياز جي مخالفن جو سوال آهي، ان لاءِ تجزيو ڪرڻ سان سندس مخالفت جو ڪو هڪ ڪارڻ نه رهيو آهي. اهڙا گهٽ ۾ گهٽ ٽي مرحلا ملن تا جن ۾ مخالفت جا سبب الڳ الڳ ڏسڻ ۾ اچن تا. هڪ مخالفت اياز جي شروعاتي جديد ۽ بلند پائي جي شاعري تخليق ڪرڻ تي ڪئي وئي،

جڏهن لطيف ڪانپوءِ اياز پهريون دفعو بلوغت کي رسيل هر لحاظ کان ڪڙيءَ چڙهيل بيت ۽ وائي لکي سامهون آيو. جنهن تي فرسوده روايتن تي عمل ڪندڙ ملان قسم جا شاعر ۽ رجعت پرست اديب مچرجي ويا. جن ۾ اهڙا شاعر به هئا. جي فارسيءَ جا دقيق لفظ شعر ۾ ٽنبي، پنهنجي وڏائيءَ جو سبب سمجهندا هئا ۽ ڪيترا اخبارن جا ايڊيٽر به مخالفت جا هٿيار ڪڻي، اياز خلاف ڪالم لکڻ لڳا.

اياز جي مخالفت جو ٻيو زمانو وائيس چانسلر جي مقرريءَ وارو آهي، جنهن کي ان وقت جي وزيراعظم شهيد ذالفقار علي ڀٽي جي حڪم تي مقرر ڪيو ويو هو. ڀٽي صاحب کي خبر هئي ته اياز آمر ايوب ۽ يحيٰ خلاف شعر ۽ ادب جي پليٽفارم تان هڪ طاقتور محاذ قائم ڪيو هو. ان ڪري ڀٽي صاحب کي ائين ڪرڻ ۾ پنهنجي عاقبت سنوارڻ وارو به قدم نظر آيو. ۽ وائيس چانسلر مقرر ڪرڻ جا احڪام، سي به عوام طرفان چونڊيل وزيراعظم طرفان، هڪ وڏي شاعر ۽ ڏاهي لاءِ به هڪ سٺو سنوڻ هو. جنهن لاءِ اياز مستحق به هو. ڇاڪاڻ ته اياز جو پهريون ڇپيل شعري مجموعو "ڀونر ڀري آڪاس" 1964ع ۾ ايوب جي آمريتي دور ۾ ضبط ڪيو ويو هو ۽ هڪ ٻيو شعري مجموعو "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ نثر جو اعليٰ ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" 1968ع ۾ ضبط ٿيا. نه رڳو اياز جا ڪتاب، پر ان سان گڏ ڪيترا سنڌي رسالا به بند ڪيا ويا ۽ 1965ع ۾ پهريون ڀيرو اياز کي جيل به موڪليو ويو. اياز کي آزاد ڪري، وري 1968ع ۾ سياسي ليڊرن سان گڏ ڪيس جيل اماڻيو ويو. ۽ اهڙيءَ طرح اياز کي وري ٽيون ڀيرو به 1971ع ۾ جيل جون عقوبتون سهڻيون پيون.

مٿين ڏاڍاين سهڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن اياز کي هڪ عوامي چونڊيل وزير اعظم پنهنجي ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وي، سي بڻايو، ته ان ۾ ڪا به حڪايت ۽ شڪايت نه هئڻ گهرجي. ان جي ابتڙ پنجاب جي سياستدانن تي نظر وجهبي ته اهڙا هزارين اسانکي مثال ملندا، جنهن هيٺ نااهلن کي نوازي، ڪين پٽ تان کڻي ڪٽ تي وهاريو وڃي ٿو.

ڀٽي صاحب جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ ضيا شاهيءَ جي ٻڪر ٻوساٽ وارو دور اچي ويو، جنهن ۾ اياز وي، سيءَ جي عهدي تي فائز رهيو. اياز جي عاقبت ان ۾ هئي، ته آمرَ جي اطاعت ۽ پاليسين کي ٺڏي فورن استعيفا ڏئي، سکر پهچي، وڪالت واررو پنهنجو لاٿل ڪارو چوغو سنڀالي ها.

اياز جي مخالفت جو ٽيون زمانو سندس دعائن وارو هو، جڏهن جماعت اسلاميءَ جو هڪ وفد ڪلفٽن واري فليٽ ۾ اچي ساڻس مليو هو. جنهن ڪري هو ادب جي اصل مؤقف تان هٽڻ لڳو هو. ٽيهارو سالن ۾ سنڌي قوم کي ڏنل سائنسي سوچ ۽ فڪر جنهن سوين ۽ هزارين شاعر ۽ اديب پيدا ڪيا هئا، جي اياز جي جلايل مشعل مان ڄاڻ جون ڄاتيون ۽ ڏات جا ڏيئا ٻاري رهيا هئا. اياز اها سوچ ۽ فڪر ڪانئونِ واپس وٺي رهيو هو، جڏهن ته نئين ٿهيءَ جا نوجوان شاعر فرسوده روايتن جي ڪاراڻ کي هڪالي، ادب جي نون ٻوٽن ۽ وڻن جي آبياري ڪري رهيا هئا.

مٿين حقيقتن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ اسان ان نتيجي تي پهچنداسون ته سنڌ جي ڪنهن به ماڻهوءَ هرويرون اياز سان نه ڪوئنس ڪئي هئي ۽ نه وري ڪنهن قسم جي مخالفت تي زور ڏنو هو، پر هر دفعي اياز پاڻ ئي پنهنجي مخالفت پيدا ڪرڻ جو جواز پيدا ڪيو هو، سواءِ ان مخالفت جي، جا نظرياتي طور ۽ سندس پلوڙ شاعري پڙهي، روايت پسند ۽ رجعتي ٽولن پنجاهه ۽ سٺ وارن ڏهاڪن ۾ ساڻس ڪئي هئي.

سنڌ جي نوجوان جامي چانڊئي ڏاڍو سٺو لکيو آهي ته، "سنڌجي ماڻهن جي اڪثريت اڍائي سؤ سالن گذرڻ ڪانپوءِ به لطيف کي شاعر ۽ مفڪر جي حوالي سان نه سمجهي سگهي آهي، ۽ اڄان سوڙو ماڻهن تي لطيف جي پير پرستيءَ وارو غيرسائنسي جذبو حاوي رهيو آهي. ان ڪري اسان لاءِ بهتر ائين ٿيندو ته اسان ڇڏي ڏيون اياز ۽ اياز جي تخليق ڪيل شهپارن کي ته اهي ڪلاسڪس جي مختلف مرحلن مان گذري، پنهنجي مقبوليت جو اصل مقام ۽ گراف ڳولهي، بلندين تي پهچن.

شيخ اياز سان منهنجي ٻانهن ٻڌڻ واري وات جو پهريون باب ستر واري ڏهاڪي ۾ سندس گلشن اقبال واري گهر ڪان منهنجي سرڪاري گهر واقع گارڊن روڊ ڪان شروع ٿي، مڊايسٽ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ واري رات ڪانوئنس طبيعت پڇڻ تي پڇي ٿو، جنهن وچ ۾ سندس گهر ۽ منهنجي گهر روح رهاڻيون ڪرڻ، سمنڊ ڪناري ٽيلار ڪرڻ، اياز جو منهنجي دفتر قدم پري اچڻ، چائنا ٽائون ۾ اديب دوستن سان ماڻي ڪاٽڻ وارا مرحلا به اچي وڃن ٿا.

اياز سان روح رهاڻين جو ٻيو باب 28 ڊسمبر 1997ع ڪان شروع ٿي، منهنجن اکين بند ٿيڻ تي پڄندو، جنهن ڪان پوءِ اسانجي ملاقاتين جو ٽيون دؤر تڏهن شروع ٿيندو، جڏهن اياز بهشت جي باغن ۾ هوندو ۽ حورون کيس

بهشتي شراب پيارينديون ۽ مان دوزخ جي ڪنهن جهروڪي مان اياز ڏانهن مٽيءَ مان جڙيل خالي جام وڌائيندس. اياز اڳتي وڌندو ۽ پوءِ اسان بهشتي ۽ دوزخي جام ٽڪرائي، حورن جي سنگ ۾ هيءَ ترانو ڳائينداسين:

سنڌ ديس جيَ ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان
مٽي ماٿي لايان
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين توکي چشمن ڇايان
گيت بہ مون وٽ تنهنجا ماتا! بيت بہ تنهنجا پانيان
جيءُ جيءُ جيجل! جيءُ جيءُ جيجل! توکي ڪيئن لنوايان
رم جهم رم جهم راڳ انهن سان تر بر باهہ لڳايان
ڪالهہ مليران مهڪ اٿي جا نڳر، نڳر ڦهلايان
تنهنجي مٽيءَ منجهہ ملان جي، آءُ امرتا پايان
سنڌ ديس جي ڌرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان
مٽي ماٿي لايان
مٽي ماٿي لايان

قومي زندهہ دلي

پير حسام الدين شاهہ راشدي

سنڌ ساڻيهہ جي بقا جا پڪا پختا اسانکي چار اهڃاڻ نظر اچن ٿا. منهنجو ايمان آهي، تہ جيستائين اهي چار اهڃاڻ يا بقا جا عناصر Elements آهن، سنڌ دائم ۽ قائم رهندي، اهڙن اهڃاڻن جي زنجير جي پهرين مضبوط ڪڙي آهي، سنڌو درياهہ جنهن کي مسلمانن جي تاريخ کان اڳ، رامائڻ ۾ مهاندي سڏيو ويو آهي. جنهن جو دنيا جي پراڻن ۾ پراڻن ڪتابن ۾ ويدن ٽيهہ دفعا ذڪر آيل آهي، جڏهن تہ هندو ڌرم جي تعليم موجب، جنهن نديءَ ۾ سنان ڪرڻ سان گناهہ صاف ٿي ٿا وڃن، ان نديءَ جو فقط ٻہ دفعا ذڪر آيو آهي، جا آهي گنگا ندي.

سنڌ جي بقا جو ٻيو اهڃاڻ آهي، شاهہ جو رسالو. ٽيون اهڃاڻ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو گڏ ڪيل سنڌي لوڪ ادب آهي ۽ چوٿون يا آخري اهڃاڻ سائين حسام الدين راشديءَ پاران، فارسي ماخذن توڙي قديم آثارن ۾ گم ٿيل سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي ڇنڊي، ڇاڻي، سنڌيءَ جو روپ وٺائي، ڪتابن جي پڙيءَ ۾ محفوظ ڪرڻ. سنڌ، سنڌو درياهہ جي حوالي سان، هڪ اهو سرسبز ۽ شاداب ملڪ رهيو آهي، جنهن قداور عالم، شاعر، دانشور ۽ سخي مرد پئي پيدا ڪيا آهن.

آن سنڌ ئي ان داتا، حق انصاف، امن امان، بهادر، سهپ، ڀائيچاري ۽ علمي خاصلات ۾ مالامال ڪري ڇڏڻ لاءِ، اسان کي ڄام نظام الدين سمون ڏنو. شجاعت ۽ سپهہ سالاريءَ جي حوالي سان دريا خان، دودو سومرو، روپلو ڪولهي، هيمون ڪالاڻي ۽ مريدڻ جت ڏنو. بنيادي تحقيق ۽ تاليف لاءِ اسان کي مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙو مل، پرمانند ميوارام، ڏيارام گدو مل ۽ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي مليا. اوچاڳا ڪدي، ميرن جا چڪ سهي لوڪ ادب سهيڙڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مليو. ساڻيهہ کي سڄڻ ڪري سمجهڻ ۽ سنڌ کي امان جيجل يا وڏي ماءُ سڏڻ جا بنيادي سبق ڏيندڙ سن جو سائين جي ايم سيد مليو ۽ اهڙيءَ طرح هي اهو سنڌ ساڻيهہ آهي، جنهن فارسي ماخذن ۽

سنڌ جي قديم ماڳن مڪانن تي نُور نچوئي مَکلي نامو ۽ ”هو ڏوٿي، هو ڏينهن“ جهڙا ڪتاب سرجيندڙ سدا بهار محقق ۽ ڏاهو سائين حسام الدين راشدي عطا ڪيو.

چام نندي ۽ پير حسام الدين راشديءَ جي هي اها سوپوان سنڌ آهي، جنهن بابت ڪيلاش پربت جي دامن ۾ واقع ليهه شهر ۽ ڪشمير جي قديم آثارن ۽ ڪتبخانن مان جيڪو تازو کوجنائي مواد مليو آهي، ان مواد موجب سنسڪرت جي شاعر ڀاسا سنڌوستان جي هڪ رومانوي داستان تي ناٽڪ لکيو هو ۽ اجين جي مهاراجه وڪرماجيت جي پوٽي حڪمران سنڌوستان جي دنوي ۽ روحاني لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ نئون قانون جوڙي، سنڌو درياهه تائين پنهنجي راڄڌانيءَ جون حدون مقرر ڪيون هيون. گوتم ٻڌ جڏهن سنڌ ۾ آيو هو، ته اهي سنڌوديش وارائي سنڌي هئا، جن سوڪڙيءَ ۾ ڪيس ڪنول جي رنگ جهڙا چار گهوڙا ڏنا هئا، جن کي رٿ ۾ جوٽي، گوتم ڪپل وستوءَ پهتو هو.

منهنجي ذاتي لائبريريءَ ۾ موجود ڪتابن، خاص ڪري غلام محمد لاکي صاحب جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“ موجب تصنيف تاليف ترتيب ۽ ترجمن جي حوالي سان، پير حسام الدين راشديءَ اٺيهه ڪتاب روشنيءَ ۾ آندا. جن ۾ اهي گمنام ڪتاب به اچي وڃن ٿا. جن ۾ ناياب تصويرون شامل ڪري، حاشيا، مقدما ۽ فوٽ نوٽ لکي راشدي صاحب ڪتابن جي تاريخي اهميت وڌائي ڪتابن کي لئبريرين ۾ رکڻ جي لائق بڻايو. انهن ڪتابن کي غور سان پڙهبو، ته خبر پوندي ته هي ڪتاب فارسي شاعرن، مغل دور ۾ اميرخاني ساداتن، مغل دور جي تاريخي معلومات، سمن ارغونن، ترخانن، ڪشمير جي شاعرن، فارسي جي غلبي وقت سنڌ جي عورت شاعرائن جي تذڪرن ۽ سنڌ جي صوفين جي احوالن سان ڀريا پيا آهن. راشدي صاحب کي جاکوڙيندي، کي اهڙا ڪتاب به هٿ آيا، جن جي ڇپائڻ لاءِ هن ساڻي مصنف بڻجي به اهڙن ڪتابن کي اسان تائين پهچايو.

منهنجي ٻانهن ٻڌڻ جي واٽ سپ ڪان پهريائين 1972ع ڌاران سائين علي محمد راشدي صاحب سان ٿي هئي، جڏهن هو پاڪستان ڪوارٽرس ۽ ابراهيم علي ڀائي آڊيٽوريم ڀرسان رهندو هو. جتي مان، خان محمد پنهور ۽ شمشيرالحيدري وٽن ويندا هئاسون. ان ڪانپوءِ قائداعظم جي مزار ڀرسان مسلم آباد ۾ پير حسام الدين راشديءَ وٽ ويندا هئاسون، جتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ اسان سنڌس ناياب، لائبريريءَ جو لطف وٺندا هئاسون.

ادبي لڏي ۾ تنوير عباسي هڪ اها شخصيت هئي، جنهن وٽ خيرپور ۾ پير حسام الدين راشدي وري پيو ايندو هو. جتي مان بہ راشدي صاحب جي ڪچهريءَ مان فيضياب ٿيندو هيس. راشدي صاحب تاريخ ثقافت ۽ سنڌ جي قديم ماڳن مڪانن تي ايڏو تہ ڪوجنائي ڪم ڪري ويو آهي، جو هو خاڪي جسم جي حوالي سان بيشڪ اسان وٽ نہ هجي، پر ڪتابن جي ورقن ۽ اسان جي دلين ۾ هميشہ زندهہ رهندو. ائين پيو محسوس ٿئي ٿو هاڻي بہ مڪليءَ تي ڄام نندي جي مقبري پرسان، مڪلي نامي ۾ ڏنل 136 تصويرون ۽ شجرن تي راشدي صاحب ڪم ڪري رهيو آهي. ملهايل ورسي جي حوالي سان، سائين حسين شاهہ راشدي عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، تہ اسان سنڌ وارا هر دور ۾ هڪ زندهہ قوم رهيا آهيون ۽ اڳتي بہ دعا آهي تہ اڳ وانگر زندهہ رهنداسون.

ون هنڊريڊ گريٽ لائيوز مان ڪم ٿيل عظيم شخصيت

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڏٺو ويو آهي تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ادب، فن ۽ انساني زندگيءَ سان سلهاڙيل هر ڪارڪرت کي فروغ ڏيڻ لاءِ، ٻيءَ همت افزائيءَ سان گڏ، انعام اڪرام بہ ڏنا وڃن ٿا. اسانجي پنهنجي پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ آباد ٿيل سنڌي اديبن جي قائم ڪيل جماعتن ۽ ادارن تي نظر وجهنداسون تہ خبر پوندي تہ شيلڊن يا تمغن سان گڏ، ڏهن هزارن روپين ڪانوني هڪ لک روپين جا هر سال بهترين ڪتابن تي ججن جي فيصلي موجب روڪ انعام ڏنا وڃن ٿا. جن ۾ ساهتيہ اڪيڊميءَ طرفان پنجويهن هزارن جو انعام، اکل ڀارت سنڌي سڀا جو انعام ۽ پروفيسر رام پنجواڻي لٽريري اينڊ ڪلچرل ايسوسيئيشن، ممبئي جي پليٽ فارم تان شاعريءَ جي بهترين ڪتاب تي آر جي آڏواڻي جو هڪ لک وارو انعام بہ شامل رهيو آهي. اسان ڏسئون وينا تہ هتي اسان جي سنڌ سونهاريءَ ۾ هن قسم جي همٿائڻ واري ادبي مهم جوئي ڪافي ماٺار جي مرحلن مان گذري رهي آهي.

لنڊن مان هر سال ڇپجندڙ رعبائتي ڪتاب (one Hundred great lives) ۾ انهن شخصيتن جون رنگين تصويرون ۽ ڪارناما ڇاڻايا وڃن ٿا، جي ادب، ايجاد، موسيقيءَ، مهم جوئي، خلائي تحقيقي ڪارنامن، ناٽڪ، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، دواسازي، راندين، گهوڙيسواريءَ جي ڪرتين وغيره سان واسطو رکن ٿا. هوڏانهن لنڊن مان ئي شايع ٿيل ڪتاب ”ون هنڊريڊ گريٽ لائيوز“ کي ڏسنداسون، تہ هن ڪتاب ۾ انهن شخصيتن جو احوال بہ ڇاڻايل آهي، جن جو متي ذڪر ٿيل شعبن سان گڏ سائنس سياحت، آرٽ، بهادري ۽ تحقيق سان واسطو رهيو آهي. اهڙين شخصيتن ۾ گئليلو، نيوٽن، ڊارون، رائيٽ برادرس، هيروڊوٽس، دانتي، روسو، شيڪسپيئر، شيلي، بائرن، ٽئگور، گوتم ٻڌ، سقراط، ارسطو، حضرت محمد، مارٽن ليوٿر، مهاتما گانڌي، قلو پطرا، جون آف آرڪ، مارڪوپولو، ڪولمبس، سڪندر اعظم، ڪمال اتاترڪ ۽ ٻيا شامل آهن. هن قسم جي هڪ سئو پاڳوند ليکڪن ۽ سائنسدانن ۾ اهڙا

تالا به شامل آهن، جي انگريزي زبان طفيلي ۽ ڪتاب جو انگريزي ملڪ مان ڇپجڻ ڪري ڏنا ويا آهن. انگريزي زبان جي شاعر شيڪسپيئر سان گڏ، رومانوي تحريڪ جي مشهور پنجن شاعرن مان بائرن ۽ شيلي جا به تالا ڏنل آهن، پر دنيا جي ٽن چئن وڏن شاعرن ۾ شامل شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪتاب مان گم آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ يورپي ڀٽيءَ کان ٻاهر آهي. ٻيا وري اسان جي ادارن جي پهچ محدود ٿي رهي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جنهن کي دنيا جي نون زبانن جي شاعرن سان ڀيٽيندي خود انگلينڊ جي شارح ۽ پارڪو ايچ ٽي سورلي پنهنجي ڪتاب Shah of Bhit ۾ نون زبانن جي شاعرن کان وڏو شاعر تسليم ڪيو آهي. ساڳي حالت "گنيز ورلڊ رڪارڊس" ۾ ڏٺي ۽ پڙهي وڃيٿي، جو جيڪڏهن ڪنهن همراهه يا محترمہ جا تنهن وڏيل آهن، يا پير ۽ پٽيون سچي، گهنج هٽي ويا آهن ته ان شخص يا مائي صاحبه کي به ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

اسان جيڪڏهن "لوڪ ادب" جي سهيڙڻ جي تاريخ تي نظر وجهنداسون، ته خبر پوندي ته اهڙي تجويز 1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ منظور ڪري، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي حوالي ڪئي هئي ۽ اهڙيءَ طرح 1957ع ۽ 1958ع وارا ٻه سال ڊاڪٽر صاحب جي نگرانيءَ ۾ سنڌي لوڪ ادب گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويا هئا. اڳتي هلي، ادب کي پرکي، ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو. هڪ معيّاري ادب ۽ ٻيو لوڪ ادب.

سنڌ جي سگهڙن ۽ ڏاهن سان رهاڻين رچائڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان ۽ لسبيلي سان گڏ، سنڌ جي سري، وچولي ۽ لاڙ ۾ وڃي، راتين جون راتيون جاڳڻو پيو هو. جتي مڇرن جا ڇڪ جهلي ڪاڙهي ۽ اپن ۾ ڪيس ڪم ڪرڻو پيو هو. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر صاحب سان سنڌي آفيسر به ٻانهن ٻيلي ٿي رهيا هئا. جئين ته مرحوم محمد اسماعيل نون (ويٺل اسلام ڪوٽ، ٿر) ڊپٽي ڪمشنر پورا ويهه سال ڪم ڪرڻ وقت جهنگ جهر ۾ توڙي پهاڙن جي پيچرن ۾ ڊاڪٽر صاحب سان گڏ هيو. سسيءَ واري واٽ ۾ گڏاپ کان پبوٽي ۽ لاهوت، شاهه بلاول توڙي هاڙهي ۽ هنگلاج تائين مرحوم اسماعيل نون ڊاڪٽر صاحب سان ساٿ نڀايو. ان ئي سفر ۾، لوڪ ادب هٿ ڪرڻ سان گڏ، هلنديءَ جيپ ۾ سنگت جي ساٿ کي ياد ڪندي، بلوچ صاحب پاڻ به بيت چيا آهن. جن ۾ چندوديائي توڙي فن ۽ فڪر جو ايڏو ته ڪمال آهي، جو مجٿو ٿو پوي، ته ڊاڪٽر صاحب جا جوڙيل بيت چئڻ ته اسانجي

ڪلاسيڪل ادب جو ناياب ۽ املهه حصو آهن. هتي نموني طور انهن بيتن مان ٻه بيت ڏجن ٿا:

سامي سفر هليا، توڪل توهه ڪٺي،
وندر ۽ ورونهه جي، تن ڪاجا ڳالهه ڳٺي،
ڪهه ڪٽوريان اڳري، تن پٽن جي پٺي،

پني پنج ڪٺي، گنج وڌائون گودڙيين.
نونن (1) ڏٺيو نينهن ڪي، ميم رکي منجهه من،
مصلحيت ڪا مونڻ جي، ڪانه ڪيائون ڪن،
تسيا ڏيئي تن، من مرادون ماٺيون.

مٿين پنهي بيتن ۾، اسانجي شاعر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي خاص واڪاڻ جوڳي فني قابليت، بيت جي آخري ۽ پهرينءَ سٽ واري بنا قافئي واري پد ۾ آخري لفظ جي آخري حرف جو ساڪن ماترا رکڻ وارو ڪمال آهي. جنهن حرف جو قافئي جي ابتڙ بي آواز هجڻ لازمي هوندو آهي، جا غلطي اسان جا پلوڙ شاعر ٻه عام جام ڪندا آهن.

"سنڌي ٻوليءَ جو اڳاٽو منظوم ذخيرو" نالي لوڪ ادب جو ڪتاب 1993ع ۾ ڇپايو ويو هو. جنهن جي مطالعي سان ڊاڪٽر صاحب جي قلمي نسخي کي پڙهڻ ۽ پڙهي پرجهڻ واريءَ محنت ۽ صلاحيت کي داد ڏيڻو ٿو پوي، سندس لکت موجب هي نسخو عزت بن سليمان نالي ڪاتب عيسوي سترهين صديءَ جي وچ ڌاري محنت ڪري، تيار ڪيو هو. جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو منظوم ذخيرو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي کوج سان، اسانکي اها ٻه خبر پوي ٿي تہ اسانجي عالمن ۽ استادن سوين سال اڳ مادري زبان ۾ درس تدريس جي نظرئي کي قائم رکڻ لاءِ ڪيڏا نہ جتن ڪيا هئا.

ڪاتب عزت بن سليمان جي تيار ڪيل قلمي نسخي ۾ سنڌي نظم جون ٻہ صنفون شامل آهن. هڪ بيت ۽ ٻيو منظوم بند. منظوم بند واري صنف سمجهائيندي، ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو آهي تہ هي اهو سنڌي نظم آهي، جنهن ۾ ٻن کان وڌيڪ هر قافيہ سٽون هجن ٿيون، ۽ قافيہ سٽن جي آخر ۾ آهن.

تازو گهر ۾ قائم ڪيل منهنجي ذاتي ”ذوالفي ائنڊ بلاول لائبريري“ جي آذار تي هن وقت تائين ڇپايل لوڪ ادب جو ذخيرو ۽ مختصر وچور هن ريت آهي:

معجزا، مولود، ڳيچ، مناقبات، مناظرا، ٽيهه اکريون، واقعاتي بيت، مشهور قصا، ڳجهارتون، ڏٺ، ڏور، لوڪ گيت، نڙ بيت، ڏهس، سينگار، مداحون، مناجاتون، ڊول مارو، اردو، سنڌي لغت، سنڌي اردو لغت، جامع سنڌي لغت (5 جلد)، هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ميين شاهه عنايت جو ڪلام، خليفي نبي بخش بلوچ جو ڪلام، نواب ولي محمد لغاريءَ جو ڪلام، شاهه جو رسالو (برٽش ميوزم) شاهه جو رسالو (1206ع ۾ قلمي نسخو لکيل) شاهه جي رسالي جو جامع ۽ مستند متن (10 جلد) ڪليات سانگي، مورڙو ۽ مانگر مڇ، شاهه لطيف ٻوليءَ جو معمار، ليلان چنيسر، شاهه جي رسالي جا سرچشما، سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، ڪافيون (3 جلد) ۽ لوڪ ڪهاڻيون (ست جلد).

اسانکي اها به خبر آهي، ته 1988ع ۾ لوڪ ادب جا جڏهن ايڪيتاليهه ڪتاب ڇپائي، پڌرا ڪيا ويا هئا، تڏهن اهو به ٻڌايو ويو هو، ته پهاڪا ۽ چوڻيون به جلد ڇپايون وينديون، خبر ناهي ته هي ڪتاب به روشنيءَ ۾ آيل آهي الائي نه!.

ادبي حلقن ڪي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي، ته سنڌي زبان جي لغت تيار ڪرائڻ لاءِ انگريز سرڪار به اڻويهين صديءَ جي شروعات ۾ ڪوشش ورتي هئي، پر مڪمل ۽ جامع لغت جي پنجن جلدن ڇپائڻ جو به سهرو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سر تي سونهين.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو جنم 16 ڊسمبر 1917ع ۾ ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ ۾ ٿيو، هن وقت پاڻ 86 سالن جي عمر ۾ داخل ٿيا آهن. مونکي خبر آهي، ته ڪين جسم ۾ سور جي تڪليف رهيتي. ۽ سندن عمر به آرام ڪرڻ جي آهي، پر پوءِ به تقرير ڪرڻ واري انداز ۾ ب، به ڪلاڪ بيهي لکڻ ۽ پڙهڻ سان نيائيندا پيا آچن. ڏٺي ، شل منهنجي عمر به کيس بخشي!

جئين لطيف رسالو تخليق ڪري، سنڌ ۽ سنڌيت کي هر دؤر ۾ زندهه رکڻ جو جتن ڪيو آهي، تئين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لوڪ ادب سهيڙي سنڌ ماتا کي ڳهه ڳنا پارائي، ايهي سينگاريو آهي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر صاحب کليءَ دل سان مانواري محمد اسماعيل شيخ، عابد جتوئي، الله بخش يوسف زئي،

مرحوم ممتاز مرزا ۽ ٻين سان ڏيندڙن سان گڏ، سگهڙ برادريءَ جا به گڻ ڳائيندا آهن.

اسان جو پڪو ايمان آهي ته ڊاڪٽر صاحب سنڌي لوڪ ادب سهيڙي، چپرائي، پاڻ کي لطيف ۽ سنڌ واتگر اسان سان گڏ رهڻ جو احساس ڏياريو آهي. مونکي يقين آهي، ته جيستائين شاهه لطيف جو رسالو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سهيڙيل لوڪ ادب جو خزانو آهي، تيستائين سنڌ ساڻيهه تورڙي سنڌي ادب، ثقافت ۽ سنڌيت اسانکي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي جهومندڙ ڪيتن جو احساس ڏياريندا رهندا. مان سنڌ سرڪار جي ڪلچر کاتي، سنڌالاجي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۽ سگا جي سرواڻ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ کي عرض ڪندس ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان سندن مڪمل بايوڊيٽا Resumeوٺي، نوبل پرائيز ۽ گنيز بوڪ لاءِ ٻاهر موڪلي وڃي.

مهان ڏات ڌڻي

سراج الحق ميمڻ

ادب ۾ اهڙو وقت بہ آيو آهي، جڏهن ادب کي ”ادب جو ادب يا آرٽ لاءِ هئڻ“ سمجهيو ويندو هو. ۽ پوءِ ”ادب جو زندگيءَ لاءِ هئڻ“ واري وصف عمل ۾ آئي، جيئن تہ اهو اديب يا ادب جو سرچشمهار ٿي آهي، جو ايندڙ حادثن، واقعن ۽ حالتن کان وقت جي حڪمرانن کان اڳ، آگاهي حاصل ڪندو آهي ۽ ائين ادب ذريعي، اديب سڄلي ۽ آزاد زندگي گذارڻ لاءِ قانون جوڙي، پنهنجن تخليقن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ادب وقت جي حڪمرانن حوالي ڪندو آهي تہ جئين غير ترقي يافتہ ملڪ يا قوم ترقي پذير منزل کي، ۽ پوءِ ترقي يافتہ منزل کي رسي، جنهن تي يورپ، آمريڪا ۽ ڪجهہ ايشيائي ملڪ عمل ڪري چڪا آهن. ان ڪري اهڙين تبديلين کي سامهون رکندي، ايڪيهين صديءَ ۾ پهچڻ کانپوءِ، اسان ادب جي وصف هن طرح ڪري سگهون ٿا:

ادب جو سماجي، سائنسي، فني، اصلاحي، معاشي ۽ سياسي انقلاب يا تبديلين لاءِ هئڻ“ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسانجا حڪمران پنهنجن نقيبن (رهنما - پيشوا) تي عمل نہ ڪندا رهيا آهن، ۽ اسان غربت جي گهاٽي ۾ پيڙهبا رهيا آهيون.

سراج الحق ميمڻ، منهنجي ويچارن موجب اهو اديب، ڏاهو ۽ ڏات ڌڻي آهي، جنهن ادب جي ايڪيهين صديءَ واري وصف موجب نہ فقط ادب سرجيو آهي، پر هڪ ماهر، هڪ استاد بڻجي، نئين نسل جي رهنمائي بہ ڪئي آهي. شاعريءَ جي حوالي سان، شاهہ، سچل ۽ ساميءَ کي هند ۽ سنڌ ۾ اساسي يا ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٿمورتي ڪري مڃيو ويو آهي. اهڙي ئي طرح، سراج ميمڻ، آغا سليم ۽ امر جليل نثر نگاريءَ ۾ اسان جي ٿمورتي آهن.

1996ع يا 1997ع ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران، سراج الحق جي لکيل ناول ”مرڻ مونسين آءُ“ تي رمپا پلازا ۾ ورڪشاپ ٿي رهيو هو. ڪلفٽن کان گهٽو اڳتي، سمنڊ ڪناري مون شيخ اياز کي ٻڌايو، تہ اڄ سراج صاحب جي ناول تي ورڪشاپ ٿي رهيو آهي، ان ڪري مونکي جلدي رمپا پلازا پهچڻو

آهي، جنهن تي شيخ اياز چيو ته هو به ان ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيڻ چاهي ٿو. بس ائين اسان رمپا پلازا پهچي وياسون.

سراج الحق جي ناول شيخ اياز توڙي مونکي ادب جي نواڻ ۽ وڏن قدرن جي حوالي سان ايڏو ته متاثر ڪيو هو، جو اياز ڪيترن ئي موقعن تي ناول جي ادب جي مختلف پاسن جي حوالي سان، واکاڻ ڪندو رهيو هو.

1983 ۾ منهنجي پهرئين شعري مجموعي "جڏهن پونء ٻٽي" جو سگا پاران هوٽل هاليڊي ان ۾ تيوير عباسيءَ جي صدارت ۾ مهورت ٿي رهيو هو، جنهن ۾ خاص مهمان سراج الحق هو. ان موقعي تي سراج الحق منهنجي پهرئين شعري مجموعي بابت اجهو هن طرح چيو هو: آئون شاعريءَ بابت اڪثر ڪري حضرت روميءَ جي راء يعني "شاعري جز و است از پيغمبري" تي يقين رکندو هئس، پر هاڻي تاجل جي شاعري پڙهڻ کانپوء ان ۾ تبديلي آڻي هيئن چوڻ تي مجبور آهيان ته "پيغمبري جز و است از شاعري" سراج جا مٿيان ويچار، امان سانئڻ جي سرپرستي، ادب ۾ استاد حڪيم الله آندي جتوئيءَ جي رهنمائي، سائين بدرالدين زاهديءَ جون مهربانيون ۽ درگاهه پير حيات شاهه تي ڪافي ڪلام ٻڌڻ وارو ماحول، اڄ به مون لاء اتساهه جا وسيلا ثابت ٿي رهيا آهن.

لاڙ جو لاڪيتو شاعر

مولانا حاجي احمد ملاح

مولانا حاجي احمد ملاح جا منهنجي ڄاڻ موجب هن وقت تائين پنج شعري مجموعا ڇپجي ظاهر ٿيا آهن، جي آهن:

(1) بياضِ احمد (2) گلزارِ احمد (3) گلشنِ احمد (4) هيڪڙائي حق ۽ (5) غزلياتِ احمد. 1978ع ۾ مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي جي پڌرا ٿيءَ موجب ڇهون ڪتاب ڪلياتِ احمد ٻڌجي ٿو. جيڪو شاعر جي سيني ڪتابن جو گڏيل مجموعو سمجهڻ گهرجي. هيءَ ڪتاب منهنجي نظر مان نہ گذريو آهي، پر يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي ۽ مانواري عبدالجبار جوڻيجي جهڙن شائقن ۽ ادب نواز ڏاهن هن ڪلياتِ کي ڇپائي پڌرو ضرور ڪيو هوندو.

هيءَ هڪ مڃيل حقيقت آهي، تہ مولانا حاجي احمد ملاح لاڙ جو هڪ قداور عوامي شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي ۽ محمد خان مجيدي. اسان چئي سگهون ٿا تہ مولانا حاجي احمد ملاح جون سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري لاڙيچن جي دلين تيءَ ڇاپون لڳل آهن. اها مقبوليت ڪيس نہ رڳو لاڏاڻي ڪانپوءِ ملي، پر سندس جيئري ئي ڪيس نصيب ٿي.

مولانا جي شاعريءَ کي غور سان پڙهبو ۽ پرکبو تہ خبر پوندي، تہ هو ٽن طاقتن جو عاشق ٻڌجي، سامهون ايندو، جن مان ٻہ طاقتون هڪ احد ۽ ٻيو احمد آهن، ٻن جو تعلق اسانجي جنم ڀوميءَ سان آهي، جي آهن: سنڌ ملڪ، ۽ سنڌ واسي.

مولانا روميءَ جو هڪ شعر هن طرح آهي:

شاعري جزو است از پيغمبري،
جاهلانا ڪفر داند از خري.

معني: شاعري، پيغمبريءَ جو جزو آهي، جنهن کي جاهلن پنهنجي گڏ هيٺي ڪري ڪفر سمجهو آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو اسانجي سدا ملوڪ شاعر نياز همايونيءَ لکيو آهي، تہ مولانا حاجي احمد ملاح جي شاعري سنڌي زبان ۾ پيغمبريءَ جو درجو

رڪيتي. هونءَ بہ شاعريءَ ۾ جيستائين سماجي ڪارج (Social Utility) ناهي، تيستائين اهڙي شاعري انساني وسَتين واهڻن يا سماج کان ڪوهين ڏور هجي ٿي. اَن قسم جي شاعري ماڻهن لاءِ نہ، پر ڪنهن خلائي مخلوق لاءِ ٿي سگهي ٿي. مولانا جي شاعريءَ ۾ سماجي ڪارج ائين پريل آهي، جئين ماکيءَ جو شيشو ٻوچ تائين ڀريل هوندو آهي. اَن ڪري سندس گهڻو ڪلام سنڌي سماج مان بدعت، برائي، پراڻين رسمن ۽ رواجن خلاف جنگ جو اعلان ٿو لڳي، تہ مٿان وري سندس شاعريءَ ۾ ڪتب آيل تجنيس حرفي ۽ جادو بياني ہہ اهم تخليقي وٽون ثابت ٿيون آهن.

سنڌ ۾ نئون ڪعبو جوڙي، ڪيس طواف ڪرائڻ وارو مسئلو هجي، يا پنجاب ۾ نبيءَ سڳوري جي پيدائش جو اعلان هجي، مولانا حاجي احمد ملاح ان قسم جي هر محاذ تي هڪ سالار واري ڏک ڏيندي، نظر ٿو اچي.

ابوالحسن سنڌي پهريون عالم هو، جنهن 1700عيسوي ۾ قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ۾ نثري ترجمو ڪيو هو. اهڙيءَ طرح مولانا حاجي احمد ملاح بہ پهريون شاعر هو، جنهن قرآن مجيد جو ويهين صديءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو. جنهن تي دنيا جي ڪهڙي بہ مسلڪ رکندڙ ڪنهن عالم اعتراض رڪارڊ نہ ڪرايو آهي. اهوئي سبب آهي، جو عرب سرڪار هن وقت تائين پنهنجي خرچ تي مولانا جي قرآن جون لکن جي تعداد ۾ ڪاپيون ڇپرائي، مفت ۾ ورهايون آهن.

ڪي شاعر خاڪي جسم جي فنا ڪانپوءِ ڪلاسيڪيت جي مرحلن مان گذري، ڪنهن مقام تي پهچندا آهن. مولانا حاجي احمد ملاح انهن سرجڻهارن مان هو، جي پنهنجي مقبوليت پنهنجن ڪنن ۽ اکين سان ٻڌي، ڏسي ويا.

اڄ تہ باغن ۾ بهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم
واهہ گلزاريون گلن جون، واهہ گولون واهہ، گاهہ
واهہ ساوڪ، واهہ ساريون، واهہ، قدرت رب ڪريم

جرَ منجهان جيئرا بڻائي، ذات مان هر رات ڪئي،
صورتون سيئي سونهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم.

سنڌ سڏڪي ٿي

موهن ڪلپنا

موهن ڪلپنا جو موت هڪ وڏي قلمڪار جو موت آهي. خاص ڪري، ڪهاڻي ۽ ناول جي حوالي سان، هڪ مهان ليکڪ جو لاڏاڻو آهي، جنهنجي تخليقي نقصان جي سالن ۽ صدين گذرڻ سان به تلافي ٿيڻ مشڪل آهي. سنڌ ۽ هند جي ادبي دنيا ۾ موهن ڪلپنا هڪ دفعو ئي اچڻو هو، جيڪو اچي چڪو. سندس وجود جو احساس صدين تائين محسوس ڪيو ويندو. هاڻي اسانوٽ ٻيو ڪوبه موهن ناهي اچڻو، نه ڪنهن جوڻ ۾ ۽ نه وري ٻئي ڪنهن ساپيا واري روپ ۾.

موهن هند سنڌ جي ادب تي اڻ مٽ ۽ اٽميٽ ڇاپ ڇڏي ويو آهي. ادب جي تاريخ کيس سونهري ورقن ۾ سانڍي رکندي.

ٻن کي ننڊ اچي وئي آهي، اهڙي ننڊ جنهن مان اڄ ڏينهن تائين ڪوبه جاڳي نه سگهيو آهي. پر، ها موهن ڪتابن جي ورق ورق تان اسانکي ڏسي پيو. اکيون اکين سان ملائي، موهن مرڪي پيو. سندس چهرو مرڪن سان سجايل آهي. ڪاش، هو سنڌ ۾ هجي ها، سنڌ جي ساون پنن ۾ لپيٽي مٽس گلن جي ورکا ڪري هنڌوري ۾ سمهاري، سنڌ ماتا کيس لولين ۽ مورن سان ابدي آرام بخشي ها.

هو هن وقت ڀارت ماتا جي گود ۾ ستو پيو آهي. هر ڌرتيءَ جي مٽيءَ جو رنگ ساڳو ئي ٿيندو آهي، ڀاڻي، ڀاڻي آهي، اهو گنگا جمنا جو هجي يا سنڌوءَ جو، نيل جو هجي يا وولگا جو. ان ڪري موهن ڪلپنا ڌرتيءَ جي رشتي ڪري اسان سان ايندڙ صدين ۾ به گڏ هوندو. ڌرتيءَ جي هڪ ئي ته گود ٿيندي آهي.

موهن ڪلپنا 22 نومبر 1930ع تي ڇنڇر ڏينهن صبوح جو ساڍي پنجين لڳي ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. جنهنکي ورهاڱي ڪانپوءِ لکين سنڌين سان جلاوطن ٿيڻو پيو. سندس شروعاتي زندگيءَ تي ڪارل مارڪس ۽ مهاڀارت جي ليکڪ ويدوياس جو گهرو اثر ٿو ڏسجي.

مُنهنجي ڄاڻ مطابق موهن ڪلپنا جي ڇپايل ڪتابن جو تعداد پنجويهن کان گهٽ ناهي. 1991ع ۾ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو طرفيان ڇپايل سندس جيوني "بڪ، عشق ۽ ادب" ۾موهن ڪلپنا جون سندس معاشي تنگدستي ۽ ڪٽين منين ڳالهين وارين سچايون پڙهي، جهڪي مون ڪيس سلام ڪيو هو.

1990ع ۾ پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر ۾ انڊو - سنڌ مشاعري ۽ شاهه، سچل، سامي سيمينار جي موقعي تي بمبئي ۾ مون ڪيس پهريون دفعو ڏٺو هو. مانيءَ جي وقفي ۾ ٿالهيون هٿن ۾ جهلي، پاپڙ، چانور، تيوڻ، چٽڻي ۽ ڦلڪا ٿالهين ۾ وجهي، سينٽر جي ديوار تي ويهي اسان - مون ۽ موهن - منجهند جي ماني به کاڌي هئي ۽ ورهاڱي کانپوءِ جون اُورون به اوريون هيون. ماڻ ۾ رهڻ سان به لڳو هو ته هو ڳالهائي پيو. سندس ڇهري تي مرڪون ڊوڙي رهيون هيون، مونکي پاسيو هيو ته، ڇهري کي مرڪن سان سجائي، موهن پوءِ ئي گهران نڪتو هو. ڪاش، منهنجي يارت جي سفرنامي ۾ هڪ رانجهو لکان دي مٽ، عنوان هيٺ سندس باري ۾ ٿورو گهڻو لکيل پڙهي سگها ها. اڄ اسان وٽ نه هوندي به موهن موجود آهي. مان اسانجي ياڄائي ڪملا ۽ ڏيءَ گيتا سان سندن غم ۾ هڪ جيترو شريڪ آهيان. نه رڳو موهن ڪلپنا جي ڪٽنب سان پر هند جي ليکڪن، ليکڪائن، ڏاهن ۽ پارکن سان پڻ.

موهن ڪلپنا کي ياد ڪندي، اڄ سنڌ روئي، پئي ڪوٽڙيءَ به ڳوڙهن جي بارش سان ڪوٽڙي پل هينان درياهه جوڙي ڇڏيو آهي. الهاس نگر کان آڏيپور ۽ بمبئيءَ کان پنيور تائين ادبي حلقن ۾ واويلا آهي. موهن ڪلپنا جي وڇوڙي ڪري ستار جي تارن سرسوتيءَ جا هٿ زخمي ڪري وڌا آهن، نارد جي هٿن مان ويڻا ڪري پئي آهي، شو جي تنبوري جون تارون ٽٽي پيون آهن ۽ ڪرشڻ مرليءَ کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيو آهي.

سيتا سنڌو پٽ جو سخي جام ڏاتار وڇڙي ويو

دادا آر- جي آڏواڻي

ممبئيءَ مان هر آچر تي شايع ٿيندڙ سورنهن صفحن تي ڦهليل "هندواسي" اخبار جي 29 آگسٽ 1999ع شماري ۾ دادا آر جي آڏواڻيءَ جي لاڏاڻي جي خبر پڙهي، سر چڪرائجي ويو. ۽ 1990 ع ۾ سندس ڇانوَ ۾ گهاريل گهڙيون ۽ پرهه جهڙا پل ياد اچڻ لڳا. جڏهن ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٽمورتي: شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ شريڪ ٿي، ممبئي ۽ الهاس نگر ۾ دادا آر جي آڏواڻيءَ جهڙي سخي مرد جي سخاوتن ۽ سندس ڳڻن پريون ڳالهيون وجي پڌيون هيم. سچ پڇ، مونکي لس بيلي (بلوچستان) جو سخي جام سپڙ، ڪڇ جو سخي حاڪم جادم جکرو، ۽ عرب دنيا جو سخي حاتم ياد اچي ويا هئا. دادا مونکي جادم جکري جني لقبن جيئن تہ: اُبڙو وڏ وڙو، هالار - ڌڻي، ڏونگر راءِ، ڪڇ - ڌڻي، راهو، جکرو جس ڪرو، جي لائق نظر آيو هو. جنهن جکري لاءِ سهڻي لطيف سر بلاول ۾ هن طرح چيو آهي:

"جيهس ڪونہ جهان ۾، هند، سنڌ سورت هاڻ"

تن ڏينهن واري سيمينار ۾ دادا آر جي آڏواڻي هر بينڪ ۾ مونکي جسماني توڙي روحاني طور شامل اچڻ لڳو هو. ۽ پوءِ مون پنهنجي سفرنامي، "ڏور بہ اوڏا سپرين" ۾ هن طرح لکيو هو:

"جويل آف انڊيا ۽ سن ائنڊ سئينڊ هوٽلن جي ست رڃي طعامن ۽ سوم رس جي ڍڪڻ اسانجي جسم ۾ ضرور رت - ڦڙا پيدا ڪيا هوندا. "جويل آف انڊيا" هوٽل ۾ مانواري آر جي آڏواڻيءَ اسانجي رات جي ماني موڪلائي هئي، جنهن ۾ سندس گهر جا ڀاتي ۽ اسان شريڪ ٿيا هئاسون."

سفرنامي ۾ دادا جو تعارف ڪرائيندي، مون لکيو هو: "آر جي آڏواڻي ڪراچيءَ جو رهواسي هو. ڪراچيءَ ۾ ٽاور ۽ ڪي پي ٽيءَ وٽ تي جيڪو قمر هائوس آهي، سو سندن اڏايل آهي. وڻج واپار جي لحاظ کان آڏواڻي صاحب وڏو تجار ۽ ڌن دولت جو مالڪ آهي، جنهن جون هند ۽ آمريڪا ۾ واپار جون

ڪوئيون آهن. آڏواڻي صاحب مونکي هڪ الهراسي ۽ الهلوڪ شخص لڳو. پاڻ هن وقت پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جو چيئرمين آهي."

"جوپل آف انڊيا" هوٽل ۾ چڱن خاصن اديبن فنڪارن، سيٺين ۽ ٻاهران آيل مهمانن ڪي رات جي ماني ۽ تي گهرايو ويو هو. پر دادا آر جي آڏواڻي هڪ ميزبان ۽ مهربان جي حيثيت ۾ شروع ڪان آخر تائين مونسان ئي هڪ ميز تي ويٺو رهيو. جڏهن ته سندس ڪٽنب جا ڀاتي به شريڪ ٿيل هئا. پر پوءِ به سوم رس ڪانوني، ماني کائڻ تائين مونسان ئي رهيو. ۽ ائين اسان پيئڻ، کائڻ سان گڏ ڪچهري به ڪئي.

ٽن ڏينهن جي ميڙاڪي ڪانپوءِ هوٽل مان لڏو پٽي، مونکي به طارق اشرف وانگر شهيد ڀڳت سنگهه روڊ تي گريٽ ويسٽرن بلڊنگ جي ٻيءَ منزل تي واقع مانواري هري مونواڻيءَ جي گهر رهڻو هو. هوٽل مان سامان کڻي، مان جئين ئي هيٺ لٿس، ته دادا آر جي آڏواڻيءَ جي گهران فون آيو. ته دادا سنڌ جي روايتن موجب مونکي ڪجهه سوکڙيون ڏيڻ ٿو گهري، جنهن لاءِ مون کين ٻڌايو ته اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ دادا جون سونَ-سريکي سوکڙيون مونکي هري مونواڻيءَ جي گهر موڪليون وڃن، جي مونکي نه پهچايون ويون هيون. ۽ پوءِ شام جو مان سائين نارائڻ پارتيءَ سان گڏجي الهاس نگر روانو ٿي ويو هيس.

دادا آر جي آڏواڻيءَ جهڙا دانوير ۽ ڏاتار صدين جي سفر ۾ پيدا ٿيندا آهن. جيون جي هن پيچ پيچان ۾ سنڌس اصول هو: "ونڊ ورهاءِ، سک پاءِ" سندس هي به لفظ: "اڳتي وڌو، صدق رکو، سائين سڀ سولي ڪندو" ڇا ته عزم ۽ اعتماد جا مثالي ٿنڀا ۽ ٿوڻيون آهن.

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي اهڙا سخي ۽ مزماني ڪندڙ سنڌي به ٿي گذريا آهن، جن جي دسترخوان تي جڏهن ڪو هڪ به مهمان نه هوندو هو، ته هو، بنا کائڻ جي، بکئي پيٽ سمهي پوندا هئا. دادا آر جي آڏواڻي به اڳرين تي ڳڻڻ وارن اهڙن مزماني ڪندڙ ۽ دانويرن مان هيو. جو پاڻ ڪي پنهنجي سخاوت ۽ انسان دوستيءَ ڪري، هن توڙي هن جهان ۾ سرخرو ڪري ويو آهي. پر پوءِ به موت، موت آهي. اهو موت هلڪي ساک رکندڙ ماڻهوءَ جو هجي، توڙي ڪنهن داتا دانوير جو. پوءِ به ائين ضرور چئي سگهجي ٿو، ته ڪو موت، وڏو موت هجي ٿو. هند ۾ نارائڻ شيام، موهن ڪلپنا، رام پنجواڻي ۽ هاڻي دادا آر جي آڏواڻيءَ جو موت ويهين صديءَ جا وڏا موت آهن. ڇاڪاڻ ته هرڪو پنهنجي ذات ۾ ڏک ۾ فرد نه پر ادارو يا انجمن هو. اداري جي موت تي ڌرتي به ڏبڻ

لڳندي آهي، آسمان ۾ به تر تلو مچي ويندو آهي. اهڙو ئي موت هتي سنڌ ۾ پهريائين استاد بخاري، ۽ پوءِ شيخ اياز جو ٿيو هو. ۽ هاڻي تازو اسانجي برک شاعر، محقق ۽ ڏاهي، تنوير عباسيءَ جو ٿيو آهي، جڏهن سنڌ وارن کي ڦاهيءَ جا جهٽڪا محسوس ٿيا ها. موت کي ڏوراپي، يا ميارَ ڏيڻ کان وڌيڪ ڪري به ڇا ٿو سگهجي!

موت، پويئي مارَ مرين بنا موت جي،
ابد جي اوڙاهه ۾، ٿو لوڙهين لک، هزار،
سالڪ، مالڪ، سوپيا، جوڌا ۽ جهونجهار،
ڪرين وينو ڪيترا، "بيوس" بي اختيار،
توبهه، تابعدار! ڪر ته ڪاٽيارو نه ٿئين.

دادا جي قول ۽ ڪردار تي نظر ٿي وجهجي ته پتو ٿو پوي ته هو انساني بستين جو هڪ ديوتا هو، جو امرت جا ڍڪ پيري، امرتا ماڻي ويو آهي. ڪلا ۽ ساهتيه جي ڦهلاءَ (Dissemination) لاءِ سندس خدمتون سنڌ، هند ۽ ٻاهرينءَ دنيا جا ايندڙ نسل به ياد ڪنديُ مجتا ۾ سرخم ڪندا رهندا.

آخر ۾ شاهه لطيف جي سر بلاول جون هينيون سٽون اسان دادا-آر جي آڏواڻيءَ کي پيٽا طور ارپيون ٿا:

جکرو، جس کرو، پيا سپ انيرا،
جيائين جڙيو جکرو، تيائين نه پيا؟
مٿي تنهن ماڳا، اصل هئي ايتڙي.

(جکرو ئي جس جو لائق آهي، ۽ پيا انيراءِ وانگر فقط راجائون آهن (راجا انيراءِ جنهن بيجل کي لالچائي، راءِ ڏياچ جو سر وڍايو هو). جهڙيءَ طرح جکرو جڙيو هو، تيئن پيا نه جڙيا هئا، ڇاڪاڻ ته ان هنڌ مٿي ئي ايتري هئي (جنهن مان جکري کي جوڙيو ويو هو).

ڪُجهه ٻاءِ آوَر فرينڊ

تنوير عباسي

زميني لڳ لڳاءَ ۽ ٻوليءَ جو رشتو ڌرمي لاڳاپن کان متاهون مڃيو وڃي ٿو. جلاوطن ۽ باغي ڪرد قبيلي جا ماڻهو جي پنهنجي ملڪ جي سرحد قريب غير ملڪن ۾ لڪي ڇپي زندگي بسر ڪري رهيا آهن. انهن ڪڏهن ڪڏهن اٿين به ڪيو آهي، جو جڏهن سندن ڪو پار يا وڏو لاڏاٽو ڪري ويو آهي ته هو رات جو اونده ۾ سرحد جي محافظن کان اک بچائي، سرحد اڪري ان مڙه کي وڃي، پنهنجي ملڪ عراق جي حدن ۾ دفن ڪري آيا آهن. اهو جنم ڀوميءَ جي ازلي رشتن جو هڪ نادر مثال آهي. تڏهن ته شاه صاحب چيو آهي ته "پويون ٿئي پساهه، ته نجان مڙه ملير ڏي."

هڪ ڀيري اسلام آباد مان هڪ سرائڪي زبان ڳالهائيندڙ ملازم ديري غازي خان ڀرسان واقع پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو. پنهنجي مائٽن سان هن طرح همڪلام ٿيو هو: "مين وطن ويندا پيا هان." مون جڏهن ڪاٺونس پڇيو ته تنهنجو وطن ڪهڙو آهي ته هن پنهنجي ڳوٺ جو نالو ٻڌايو، جنهن جي ڪل آبادي هن ٿي سئو ماڻهو ٻڌائي، ڪن سرائڪي ڳالهائيندڙن کي پاڻ ۾ ڳالهائيندي مون هيئن به ٻڌو آهي: "ادا، ميڪون ملڪ وڃڻا هي."

اسان کان وڇڙي ويل اسان جي ساٿي تنوير عباسي پنهنجي لاش کي سنڌ م واقع ايل ايم سي جي حوالي ڪرڻ لاءِ وصيت ڪئي هئي، ته جيئن ڊاڪٽرن جي تجربن ڪانپوءِ يا اڪين ۾ بڪين ڪيڻ ڪانپوءِ سندس لاش ڄامشوري جي قبرستان ۾ ٿانيڪو ڪيو وڃي.

اها حقيقت آهي ته ڪوبه لاش تجربن ۽ مطالعي ڪانپوءِ يا اکين ۾ بڪين ڪيڻ ڪانپوءِ، نه ته ڪاليج يا اسپتال جي ڪنهن شوڪيس ۾ سنڀالي رکيو ويو آهي، ۽ نه وري سردخاني ۾ ئي ڄمائي، برف کان به سخت ڪيو ويندو آهي، اهوئي سبب آهي، جو راولپنڊيءَ جي ڊاڪٽرن ٽن ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ لاش مالڪن کي موٽائڻو ڪيو هو، جنهن کي وارثن ڇهن ستن ڏينهن ڪانپوءِ وڃي هٿ ڪيو، ۽ اسلام آباد جي قبرستان ۾ دفنايو. جڏهن ته واعدي

موجب چون ٿا تہ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، امر جليل، يوسف ميمڻ ۽ ٻين لاش کي سنڌ ڪٺي اچڻ لاءِ سمورا انتظام بہ ڪري ڇڏيا ها.

اسان کي اهو بہ پڌڻ ۾ آيو آهي، تہ لاش جي وارثن جو اعتراض هيو تہ اسان لاش تہ ڏيون، پر سنڌ وارا لاش کي وجي پورينداا. اهڙي تصديق ڊاڪٽر قادر مگسيءَ وٽان بہ ڪئي ويئي آهي. جڏهن تہ وارثن ان جي ابتڙ پاڻ مڙهہ کي مٽيءَ حوالي ڪيو آهي.

قبر يا قبي پرست ٿيڻ اجايو سمجهيو ويندو آهي. پر پوءِ بہ هڪ اهو "شاعر، ڏاهو ۽ محقق، جو جيئري ئي پنهنجن لکڻين ڪري، امرتا ٿو ماڻي، ان جي قبر يا آخري آرامگاهہ تحقيقي ۽ تخليقي اعتبار کان ايندڙ نسلن لاءِ هڪ علامت بڻجي وڃڻي هئي. هڪ تہ پليٽفارم ۽ سينگاريل اسٽيج هجي ها، جتي ملڪي ۽ غير ملڪي اڪابر ميڙاڪا مچائي، ان مهان هستيءَ جي زندگيءَ ۾ ڇڏيل ادبي ذخيرن مان لاڀ حاصل ڪن ها. ان ڪري اهڙين هستين جي قبر واري مٽي بہ مانائتي هجي ٿي، جئين لطيف چيو آهي: "ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان" اڄ تنوير جي قبر تہ آهي پر پنهنجن سنڌ واسين کان هزارين ڪلوميٽر پري آهي. لڳي ٿو، ڄڻ مانائتي مڙهہ سان گڏ، تنوير عباسيءَ جي آخري آرامگاهہ کي بہ هائيجيڪ ڪيو ويو آهي. يا لاش کي جلاوطن ڪيو ويو آهي.

شاهہ، سچل، نانڪ ۽ خوش خير محمد جي حوالي سان تنوير عباسيءَ جو بہ قلمي پورهيو ڪيو آهي، ان کي هر دؤر ۾ پڙهيو ۽ پرجهيو ويندو، هن ڪم ۽ ڪارج ۾ اسان جي هڪ ٻئي ساٿي محمد علي حداد جو بہ واڪاڻ جوڳو عمل ۽ دخل رهيو آهي. جيڪو ڪجهہ وقت اڳ تنوير وانگي موت اسان کان کسي ويو آهي. ڏٺي، اسان مان ڪنهن کي سگهہ ڏئي، جو سچل سرمست تي ٿيل ڪوجنا وارو ڪم، جتي اسان ڇا بہ ساٿي ڇڏي ويا آهن، اتان شروعات ڪري، سچل جو ڪو مستند قلمي نسخو تيار ڪيون.

تنوير عباسي ستر واري ڏهاڪي ۾ جڏهن بہ ڪراچيءَ ايندو هو، تہ وقت ڪڍي مون وٽ ضرور اچي ٽڪندو هو. ان رات مان شمشيرالحيدري ۽ هدايت بلوچ کي بہ گهرائيندو هيس. شمشير پيار وچان، تنوير کي تنو مل ۽ تنوير موت ۾ شمشير کي شمون ۽ شمن گڏي سڏيندو هو. مان هڪ ٿهي تنوير کان ننڍو هئس، ۽ مون تي سندس ادبي احسان بہ هيا، ان ڪري مان ڪڏهن بہ ساڻس گستاخي نہ ڪئي. مون جڏهن تنوير عباسيءَ جو سفرنامو "ڏوري، ڏوري

ڏيهه" ۽ فقير محمد لاشاريءَ جو سفرنامو "سگهارو هماليه ۽ هيٺا ماٺهو" پڙهيا هيا تہ انهن ۾ ايڏي تہ دل لپائيندڙ معلومات ۽ تخليقي شيرٽي هئي، جو پڙهندي پڙهندي منهنجي جسم جا وار ڪاندارجي ويندا هئا. اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ قطعي جي سدا ملوڪ شاهوڪار شاعر اميد خيرپوريءَ پنهنجن ويچارن "تنوير جو موت، هن جهان جو موت آهي" ۾ ڏاڍيون متاهيون ڳالهيون لکيون آهن، هو لکي ٿو:

(1) جيڪڏهن تنوير بہ ، سان ڪي اهو ٻڌائي ها تہ مان ويس، تہ مؤٽندس ئي نہ، تہ اسان تنوير جي وڃڻ جا سيئي رستا روڪي ڇڏيون ها.

(2) مون کان جيڪڏهن ڪو پڇي تہ ادب ۽ سخن جي معنيٰ ڇا آهي تہ، مان جواب ۾ چوندس: "تنوير عباسي."

بيشڪ پياري اميد سچ ئي سچ لکيو آهي، ڏٺي ڪيس صحتياب ڪري، ۽ هو محفل جو مور ٻڻجي اسان وچ ۾ ويٺو نظر اچي! تنوير عباسيءَ سان سچي سنڌ پيار ڪندي هئي، ۽ سندس لاڏاٽي ڪانپوءِ بہ سنڌي قوم ۾ تس عقيدت جا گل نڇاور ڪندي رهندي. پياري مختيار ملڪ جي سرواٽيءَ ۾ پيڻ قمر تنوير جي رهائشگاهہ "سرمد هائوس" ۾ وڇايل تڏي تي اوڇنگارون ڏيئي رئندڙ يارڙن ثابت ڪيو آهي، تہ پوري سنڌي قوم جي اندر جي ديوارن تي تنوير جي تصويرن جا فريم سجايل اهن. اها بہ ڳالهہ آهي تہ ٽيون ڏينهن جيئي سنڌ قومي محاذ پاران خيرپور ۾ تنوير عباسيءَ جي ياد ۾ ٽيل رفرنس جي موقعي تي ٻڌايو ويو تہ تنوير جن دوستن تي وري وري احسان ڪيا. سندس زندگيءَ ۾ جيڪي تنوير جا وڏا شائق رهيا، اهي بہ ڏوڪڙ خرچ ڪري اسلام آباد پهچي، سندس ڪلهي ڪانڌي بہ نہ ٿيا. جنهن تي مون کين چيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي يارڙا تنوير جي لاش کي سنڌ آڻڻ جو انتظار ڪندي رهجي ويا هجن.

تنهن ڏينهن ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ سندس دوست حيدرآباد کان تنوير جي عذرخواهيءَ لاءِ "سرمد هائوس" آيا هئا "سرمد هائوس" بند هئڻ ڪري، يارڙن واهہ جي ڪپ تي واقع "صحافت هائوس" پهچي مون سان ۽ پياءُ منصور ميراڻيءَ سان تنوير جون ساروڻيون تازيون ڪيون هيون.

ساڻي ماڻ ڏور ڪھڻو ڏور ھليو ويو آھيان

فقير محمد لاشاري

فقير محمد لاشاريءَ جو ڳوٺ گاجي کهاوڙ لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جي اولهائين ڪاڇي واريءَ پٽيءَ ۾ اچي ٿو. فقير جو لاش جڏهن راولپنڊيءَ آندو ويو هو، تڏهن مان اسلام آباد ۾ هيس. جيون ساٿياڻيءَ کي ساڻ ڪري، مون ٻن لاشن پرسان جڏهن فقير جو رتائون لاش ڏٺو هو، تڏهن اسان اوڇنگارون ڏيئي رنا ته هئاسون، پر مون محسوس ڪيو هو، ڄڻ ڪاڇي جي ڌرتي ڌٻڻ لڳي هئي. ان ڪيفيت ۾، مون شاهه جا هينيان ٻه شعر پڙهيا هئا:

ڪاڇي پيئي ڪوڪ، سچ ڪِ سنگهارن لڏيو؟
مادر! اوءِ ملوڪ، اٿي ويا اکري.

ڪنڌا! تو وٺان، سچ ڪِ سيٹن لڏيو؟
مجر تو مٿان ڇٽيو پون، ڇڳا ڪيو.

مون ڪافي ڪوشش ڪئي هئي، ته جنهن جهاز ۾فقير جو لاش مهين جي ڊڙي نيو ٿي ويو، ان ئي جهاز ۾ سيٽ ملي ته مان به وڃي دفن ڪفن جي رسمن ۾ شريڪ ٿيان، پر ائين نه ٿي سگهيو هو. ان ڪري دفن ڪفن وقت گاجي کهاوڙ ۾، غير حاضريءَ وارا گناهه بخشائڻ لاءِ 30 جولاءِ جمعي ڏينهن تي سندس خيرات جي مانيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ شام جي ٽين وڳي واري جهاز ذريعي مان اسلام آباد کان سکر روانو ٿيو هئس. جهاز جي اڏام کي اڃا ڏه منٽ ڪن مس گذريا هئا، جو جهاز جي هڪ انجڻ بند ٿي وئي. انجڻ جي بند ٿيڻ سان جهاز جي اوڀي توڏي تي مسافرن جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو. ڪپتان جهاز کي ڪافي هيٺ لاهي آيو، شايد ان ڪري ته زمين ويجهي هجي، من ڪي مسافر بچي پون! مون سمجهيو ته فقير سان جلدي ملڻ لا فقير جو پيغام آيو آهي. فقير بهشت ۾، ۽ مان دوزخ ۾ ئي سهي، گهٽ ۾ گهٽ دريءَ کان ديدارڙو ته ڪبو پيو. من ڪو وجهه ملي وڃي ۽ بهشت - دوزخ جي داروغن کان اک بچائي فقير کي سنڌ موٽائي اچان! ڳالهه تي ڪيم جهاز جي ڪيتن مٿان اڏامڻ جي. اسان ڪپتان جي هنگامي اعلان جي اوسيئڙي ۾ هياسون، جو جهاز لاهور جي هوائي اڏي تي اچي لٿو، ڄڻ ٺهڪر اچي ڪيائين. موت جي

پوءِ کان ڪپتان ايڏو به هراسجي ويو هو، جوو جهاز کي بريڪ مٿان بريڪ هڻي وڏي رهيو هو. سمجهوسون ته اجهو ٿو جهاز جو مٿو خراب ٿئي، ۽ اسان ڳولهيا به نه ليندا سون. ايتري ۾ ڪپتان معذرت سان همڪلامي ٿيو. پوءِ سمجهيوسون ته جيڪڏهن بروقت هوا جي دوش تي انجڻ جي بند ٿيڻ جو اعلان ٿئي ها، ته ڪي مسافر سداسمنگئي جي حالت ۾ ڪپتان جي ڪئبن ڏانهن ڊوڙن ها ته ڪي ايمرجنسي گيٽ ڏانهن، ۽ ائين جهاز جي آسيري پاسيري (Imbalance) ٿيڻ ڪري، يقيني طور اسانئي جهان پهچي وڃون ها. اسان ڪپتان جي ڏاهپ کي داد ڏنو.

اسان ڇئين وڳي ڏاران جهاز جي پيٽ مان ٻاهر نڪتاسون ۽ نون ڪلاڪن جي انتظار ڪانپوءِ هڪ ٻئي جهاز وسيلي رات جو هڪ وڳي سکر روانا ٿياسون. سکر مٿان پهتاسون ته هن جهاز جو به مٿو خراب ٿيڻ لڳو. اسان پنڌرهن منٽ کن سکر مٿان گهمتاريون ڏيندا رهياسون، ڇڻ حيدرآباد پهچي چڪا هئاسون. ڪن يارڙن ”ربُ تون ستار تون آئي بلا ٽار تون“ جا ورد وظيفا شروع ڪري ڏنا. هڪ موت کان بچاسون ته وري ٻئي موت جي منهن ۾ وڃي پياسون. چوٽڪارو ٿيڻو هو، جو سکر جي هوائي اڏي تي لهڻ ڪانپوءِ خبر پئي ته رَن - وي جي بجلي - بتين ۾ گڙٻڙ هئڻ جي ڪري جهاز نه ٿي لهي سگهيو.

اسان صبوح جو سوا ٽين وڳي سکر جي هوائي اڏي تي لٿاسون. سائين غلام سرور (مانواري غلام قادر پليجي جو اٽارني جنرل، جنهنجو مون پهرينءَ قسط ۾ به ذڪر ڪيو آهي) سکر جو رهواسي آهي، جنهن خلوص سان صلاح ڏيو ته لاڙڪاڻي واري رُوٽ تي بيگاهه وقت سفر ڪرڻ بدران سکر ۾ ڪا جهٽ آرام ڪري، صبوح سج ابرڻ گاجي کاهوڙ روانو ٿيان.

ايئرپورٽ ان ٻاهر نڪتس ته پهرين ئي نظر غلام مرتضيٰ (منهنجو نياڻو) تي وڃي پئي، جيڪو ڪار سوڌو منهنجو انتظار ڪير رهيو هو ۽ ائين پورا ٻارنهن ڪلاڪ ٽين وڳي تائين شام کان ٻيءَ صبوح جيَ ٽين وڳي تائين منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو. منهنجي دل تيَ لطيف جو هيئيون بيتَ ٽري آيو:

”جو وڙُ جڙي جن سين، سو وڙُ سيئي ڪن“

۽ ائين لاڙڪاڻو اڪرندي، اسان سوا پنجين ڏاران صبوح جو گاجي کهاوڙ پهتاسون.

خيرات جي مانيءَ ۾ مجازي غزل جي پلوڙ شاعر جهونڙي ۽ عاشقڙي اسحاق راهي، هدايت بلوچ، حسام لانگاهه ۽ لاکاني ڀهرانيءَ سان به ملاقات ٿي. هدايت ۽ لاکاڻي جون اکيون مون ڳچ وقت تائين آليون ٿي ڏٺيون.

فقير سان منهنجي آخري ملاقات جانورن جي ڪسجڻ واريءَ گذريل عيد تي ڪراچيءَ ۾ سندس گهر تي ٿي هئي، جنهن ۾ هو هڪ ڳوڻاٽي معاملي ۽ اک جي بيماريءَ ڪري گهٻرايل ۽ پريشان لڳو هو. ياءُ غلام قادر پليجي جو ڪيس اوتروئي اونهو نظر آيو هو، جيترو ڪيس پنهنجي گهر جو مونکي ته پليجي صاحب جي خوشين ۾ سندس خوشي محسوس ٿي هئي. اڄ ڪارخانو ٿو خريد ڪري، سياٽي پيپلز پارٽيءَ ۾ ٿو شامل ٿئي، بس ڳالهيون ڪندي ڊاپيو ئي نه ٿي. واقع ڪي يار دلين جي سرحدن تي راءِ ڪنگهار واري ڏک ڏيندا آهن.

حادثي کانپوءِ اسلام آباد کان پليجو صاحب جڏهن ڪراچيءَ پهتو هو ته مان ۽ هدايت بلوچ ساٿس ملڻ لاءِ سندس ڪلفٽن واري بنگلي تي ويا هئاسون سڪندر ۽ اياز لطيف جي قربت سان اسان پليجي صاحب جي ڪمري تائين پهتاسين. ان وقت غلام قادر صاحب جون اکيون نوٽ تي لڳيون، شايد حد کان وڌيڪ رنو هو. اسانکي ڏسي سندس اباڻڪين ۽ ويڙهيل اکين وري وسڻ جا ويس ڪيا. فقير جي نالي وٺڻ سان سندس اکين جا ڪٽورا ڇلڪي ٿي پيا. فقير محمد جهڙن دوستن لاءِ اهي لڪيءَ جا چشما ٻارهوئي ساوا رهڻا آهن. زندگيءَ ۾ مون هتي ٻيو دفعو اکين مان پٿا ڳوڙها ڳڙندي ڏٺا. جيڪي فقير جي ارمان ۾ غلام قادر پليجي جي اکين مان موتين وانگر ڇٽي رهيا هئا.

(فقير محمد لاشاريءَ جي ياد ۾، بن بيٺڪن ۾ پڙهيل ڀ مقالا)

اسان جو وڏو پايي ۽ سالڪ شاعر

نياز همايوني

تازو 3 جنوري 2003ع تي دل جي دؤري پوڻ سبب اسان جو برک شاعر، محقق يوناني ويج، فارسيءَ جو ماهر ۽ ڏاهو نياز همايوني لاڏاڻو ڪري، هڪ اهڙي سفر سڌاڻو، جتان ڪوبہ واپس نہ وري سگهيو آهي. هو هڪ اعليٰ مزاحمتي شاعر هجڻ سان گڏ، فارسيءَ جو عالم بہ هو. جنهن جي ترجمي ٿيل ڪتابن ۾ تاريخ جا بہ ڪتاب "تاريخ مظهرشاهجهاني" ۽ "تاريخ طاهري" بہ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لازوال سرمايو آهن. منهنجي ڄاڻ موجب، سنڌس بہ شعري مجموعا "ڌرتيءَ جا گيت" ۽ "ساڻيهہ ۽ سڪ" بہ اسان جي لائبريرين جي سونهن بڻيل آهن.

منهنجي دعا سلام ۽ ساڻس پاڻهن ڏهن جي واٽ سٺ واري ڏهاڪي ۾ خيرپور ميرس ۾ منهنجي ڳوٺائي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي گهر تي هئي، جتي ڪڏهن ڪڏهن نياز همايوني، رشيد ڀٽي، عطا محمد حامي ۽ عبدالڪريم گدائي ايندا هئا. سچل سرمست جي ميلي جي موقعي تي مشاعرن ۾ تہ ملاقاتون ٿينديون ئي ٿينديون هيون. شعر ۽ سخن جا هي چار ئي وڏڙا اسان کان جدا ٿي چڪا آهن. هي اهو زمانو هو، جڏهن تنوير عباسيءَ مونکان منهنجا شعر وني "نئين زندگي" رسالي ۾ ڇپجڻ لاءِ عبدالواحد سنڌي ۽ شمشيرالحيدريءَ ڏانهن موڪليا هئا.

جڏهن سرڪار بهادر سائين جي ايم سيد تي ڏاڍ ۽ ڏمر وڌائي ڇڏيو هو، تڏهن سائينءَ "بزمِ صوفياءِ سنڌ" قائم ڪري، ادبي محفلن ۽ مشاعرن ذريعي، سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جا پنهنجا پيغام ۽ حڪمت عمليون هن بزم جي پليٽفارم تان ڏيڻ شروع ڪيون هيون. هن ڏس ۾ هن قسم جي هڪ مخفل ڪوٽ بنگلي پرسان ٽڪريءَ تي قائم ڪيل درگاهہ اين شاهہ تي ڪوٺائي وئي هئي، جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تنوير عباسيءَ مون تي وڏ ۾ وڏ زور رکيو هو. زور ان ڪري جو مون لاءِ اهو پهريون موقعو هو جو ڪنهن مشاعري ۾ مان

شريڪ ٿيڻو هيس ڇاڪاڻ تہ خوف ۽ ڌڙڪ ٿي رهي هئي، تہ مان شعر پڙهي بہ سگهندس، الائي نہ! هن مشاعري ۾ نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، ڪامريڊ برڪت علي آزاد ۽ ٻيا بہ ڪيترائي جهونا شاعر ۽ ڏاها اچي گڏ ٿيا هيا. منهنجو شعر سچو سنڌ ۽ سنڌ جي آزاديءَ بابت هو. ايترو تہ داد مليو هو، جو مونکي خبر نہ ٿي پئي، تہ ماڻهن، خاص ڪري سن جي سائينءَ جي مقرر، مقرر چوڻ تي مونکي ڇا ڪرڻو هو. بس، مون بہ هٿ ۽ آڱريون ٿي لوڏيون. مان جڏهن اسٽيج تان لٿو هيس، تہ محفل جي صدر سائين جي ايم سيد اٿي بيهي مونکي ڳلي لاتو هو ۽ نياز همايونيءَ منهنجي بي نيازيءَ ۽ لاٌپاليءَ تي مونکي چڱو خاصو چيڙايو هو.

نياز همايوني جڏهن سکر کان حيدرآباد لڏي آيو هو، تہ اتي بہ مان وٽس وڃي رهندو هيس. سندس گهر شوقينٽين جي بازار جي پرسان هئڻ ڪري، ان بازار مان ضرور گذرڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن جو واقعو هن طرح آهي، جو مون هڪ پاڳن پريءَ کي گراهڪ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي ٻڌي ورتو، بس پوءِ تہ مون تي ايڏي غيرت سوار ٿي وئي، جو ان مائيءَ جيَ در وٽ وڃي ڪيس هبي تبي ڪرڻ لڳس، تہ تون سنڌياڻي ٿي ڪري، هتي ڇو اچي ويٺي آهين؟ مائيءَ جڏهن چيو تہ هوءَ سنڌ جي نہ، پر ڪڇ ڀڄ جي آهي. تڏهن وڃي منهنجي گرمي جهڪي ٿي. ان سڄي تماشي ۾، اسان جو نياز همايوني مونکي سمجهائيندو ۽ ٺهڪ ڏيندو رهيو هو.

مان ڪيترن ئي مشاعرن ۾ نياز همايونيءَ کي ڏٺو، ٻڌو ۽ ساڻس ڪچهريون ڪيون. سنڌ ۾ سنڌيت بابت شعر چوڻ لاءِ مونکي جن اتساهيو هو، انهن ۾ جنهن ترنم ۽ انداز سان نياز همايوني شعر پيش ڪندو هو، اهو ڍنگ ۽ رنگ ڪنهن ٻئي شاعر ۾ اجان سوڌو پيدا نہ ٿي سگهيو آهي. هو جڏهن چوندو هو، تہ اي سنڌ امان! مان ڀلي تہ ڌاڙيل ۽ چور ٿيان، پر تنهنجو غدار نہ ٿيان. يا ترنم ۾ هيءَ غزل چوندو هو: "جڏهن بہ سچ ۽ سونهن پڪاريو، اسان جلال ۾ آياسين جنم، جنم ۾ جوڳي ٻڌجي جهنگ سيال ۾ آياسين"، تڏهن سندس مٺڙ آلاپ سانوڻيءَ واري ٻوڙ ٻوڙان لائي ڏيندا هئا.

نياز همايونيءَ سان ڪيل هڪ وڏي ڪچهري بہ مونکي ياد آهي، جڏهن اسان تنوير عباسيءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بسنت هال، حيدرآباد آيا هئاسون، جتي پهريون دفعو مون "سانگهڙ" ناول جي سرجڻهار محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي ڏٺو، جو ڪنهن هڪ هنڌ بيهي پليٽ ۾ ڪجهہ وجهي کائڻ

بدران، هٿ سان ڪڙو ڪڙو چڪنڊي ٺپي وتيو هو، جنهن تي تنوير عباسيءَ، ’نياز همايوني ۽ اسان ڇڳو خاصو ڪليا هئاسون.

نياز همايونيءَ سان، منهنجي آخري ملاقات سندس لاڏاڻي کان ڪجهه مهينا اڳ، سنڌوءَ ڪناري حسين آباد (حيدرآباد) جي هڪ پارڪ ۾ ٿي هئي، جتي هو پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ڪيڏائي رهيو هو. ۽ مان آل سنڌ ترقي پسند ملاح تنظيم جي چيئرمين ۽ اسان سمن، تماچين، ڏماچن ۽ ملاحن جي پڳدار محمد عارب ملاح سان گڏ، اتان لانگهائو ٿيو هيس. ڏٺي، شال! ڪيس سنڌ ساٿيهه جي حصي ۾ آيل جنت ۾ شاهه ڀٽائي، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام سان ڪچهريون ڪرائي!

سنڌ جي ڪونج

زرينہ بلوچ

مان پيڻ زرينہ بلوچ جا لوڪ گيت ۽ ڪافيون ان وقت بہ ٻڌندو هيس، جڏهن ريڊيو ڪچ ۾ ڪٽي، هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، يا پنهنجي ڳوٺ،درگاهہ پير حيات شاهہ کان ٻنين ڏانهن رخ ڪندو هيس ۽ هاڻي بہ زرينہ بلوچ کي وڏي ذوق سان ٻڌندو آهيان. سنڌيس ڳاتل مذر گيت شام ويلي چڙين جي سر تار تي ڏنارن کان ڳائيندي اڳ بہ ٻڌندو هيس ۽ هاڻي بہ ٻڌي ونندو آهيان. ڪو وقت اهڙو بہ هو، جو اسان پاڻ بہ ڪن تي هٿ رکي، جن فنڪارن ۽ فنڪارائن جا مشهور گيت ڳائيندا هئاسون، انهن ۾ زرينہ بلوچ بہ شامل هوندي هئي.

ڪنهن بہ راڳيءَ تي ڳالهائڻ يا لکڻ کان اڳ، منهنجي ذهن ۾ فن ۽ فنڪار بابت ڪيئي سوال ۽ ويچار پيدا ٿيندا آهن. ان فنڪار جي ماضيءَ کان حال تائين واري فن ۾، نرڙ تي هٿ رکي جهاتيءَ پائڻ جي آس پيدا ٿيندي آهي، جنهن ڪري فنڪارن يا ڳائڻن جون هيٺيون حدبنديون مقرر ڪندو آهيان:

(1) فنڪار جو ڪلاسيڪي هئڻ

(2) فنڪار جو ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي هئڻ

(3) فنڪار جو نيم ڪلاسيڪي هئڻ

(4) فنڪار جو نيم ڪلاسيڪي ۽ سڌو سنئون ڳائڻ

(5) فنڪار جو سڌو سنئون يا هلڪو ڦلڪو ڳائڻ

الهڏنو نوناري، استاد منظور علي خان ۽ گلزار علي ڪلاسيڪي موسيقي جا نادر مثال آهن. نيم ڪلاسيڪي ڳائڻ جا نالا وٺڻ سان استاد محمد جمن، عابده پروين، محمد يوسف، برڪت پٽ ۽ وحيد علي سامهون اچيو وڃن. سڌي سنئين يا هلڪي ڦلڪي سنڌي ڳائڻ ۾ استاد محمد ابراهيم، ڀڳت موهن لال، نارو ڀڳت، ڊول فقير سينگار علي سليم، فقير امير بخش، زيب النساءَ، رسول بخش پٽ، روبينہ ۽ زرينہ بلوچ جا نالا قابل ذڪر هجن ٿا .

اسان وٽ قوميءَ ۽ لوڪ گيت اهڙا وڙ ۽ ورجيسون آهن، جن کي ٻڌندي، ڪڏهن ڪڏهن هرويرون بہ وهوا نڪري ويندي آهي. پوءِ ڀلي تہ راڳ يا فن ۾ دم نہ بہ هجي، اسان کي ڏسٹو اهو آهي تہ اسان جنهن فن تي تاڙيون تا

وڃايون. ڇا ان مان ڪو سماجي يا ڪو قومي ڪارج سرجي ٿو. يا رڳو هش ۾ خوش آهيون، جيڪو وقت پيا وڃايون. جا نعريبازي پيا ڪيون. ان سان اسان جو ڪو مسئلو به حل ٿئي ٿو. يا پاڻيءَ ۾ لٺيون پيا هڻون! فنڪار جي فن کي پرکيندي، اسان کي اهو به ڏسڻو آهي، ته فنڪار قومي ۽ لوڪ گيتن سان گڏ. راڳ جا پيا وڙ به ساڳي خوبيءَ سان ڳائي، داد وٺي ٿو. ماڻهو جهومن ٿا. تاڙيون وڄائي ڪارج يا سڦلتا حاصل ڪن ٿا يا هڪ، هڪ تي اٽندا، ٿا وڃن.

مٿي ذڪر ڪيل خوبين ڪان وڌيڪ پارکوءَ کي هيءَ پرک به ڪرڻي آهي، ته فنڪار، جيڪو به اسان ٻڌندڙن کي پيغام ڏئي ٿو. ان پيغام کي پاڻ به سمجهڻ جو شعور يا سگهه رکي ٿو يا ميان مٺوءَ وارو ڪو چڪر آهي.

مٿين حقيقتن ۽ راڳ جي رمزن کي ذهن ۾ رکي اسان جيڪڏهن پيڻ زرينہ بلوچ جي فن جي وڏنڪ ڪنداسون. تہ پتو پوندو تہ زرينہ ڪوڙ ساترين خوبين جي مالڪياڻي آهي. هوءَ فن ۾ برابر ياڳياڻي ۽ ياڳوند فنڪاره آهي. هونءَ بہ اسان جڏهن زرينہ جي ماضيءَ تي نظر وجهنداسون تہ خبر پوندي، تہ زرينہ قومي تحريڪن ۾ سرواڻ رهي آهي، جنهن کي هر وقت سڄاڻ ۽ باصلاحيت سنڌياڻي چيو ويو آهي. مڃڻو ٿو پوي تہ زرينہ تحريڪن جي قدرن ۽ اهميت کي سمجهڻ جو اوتروئي شعور رکندڙ آهي، جيترو شعور ڪو سڄاڻ اديب رکي ٿو. زرينہ ڪهاڻيڪار بہ آهي تہ استاد سان گڏ، شاعره بہ آهي. اسان تہ ائين بہ چونداسون، تہ زرينہ بلوچ جي هيءَ بہ هڪ خوبي ئي آهي، جو هن اياز لطيف جهڙي سڄاڻ پٽ کي جنم ڏيئي، سنڌ جي گلدستي ۾ هڪ گل جو اضافو ڪيو آهي. انسان جي ڳلي ۾ ٻاويهہ (22) تارون ٿين ٿيون. جن کي موسيقيءَ جي حوالي سان هندي زبان ۾ سرتيون چئبو آهي. هنن تارن مان هوا ۽ چرپر جي اصول تي ست سر نڪرن ٿا. جن کي موسيقيءَ ۾ کرج، ريکپ، گنڌار، مڌم، پنجم، ڌيوت ۽ نکاد چئبو آهي. پيڻ زرينہ جي ڳلي جي سرتين ۾ جا مڌرتا موجود آهي، ان جو ئي نالو سنگيت آهي.

منهنجي سامهون دادو ضلعي جو هڪ سڄاڻ قومي ڪارڪن ۽ سماجي اڳواڻ وينو آهي. جو هن وقت اسلام آباد ۾ نوڪري ڪندو آهي، زرينہ تي ڳالهائيندي دوست چوي ٿو. تہ زرينہ بلوچ جهڙيون سريليون فنڪارائون ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿينديون آهن. لوڪ ۽ قومي گيت ڳائي، داد وٺڻ زرينہ جي خاص سڃاڻپ ۽ مٿاهون تعارف آهي، ٻڌندڙن تي وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏڻ جو بہ هن ئي فنڪاره کي ڏانءُ ۽ ڏات آهي.

مان هن يارڙي کي ٻڌايان ٿو تہ جئين تہ زرينہ علم سيکاريندڙ استاد آهي، ڪيڏو نہ سنو ٿئي ها، جيڪڏهن راڳداريءَ ۾ بہ زرينہ استاد هجي ها. ۽ پوءِ ييم پلاسي راڳ چيڙي آروهي ۽ امروهيءَ جا سر جڪتب آٽي، اسان کي ٻڌائڻ لڳي ها، تہ ييم پلاسي ڪافي ٺاٺ جو راڳ آهي، جو آروهيءَ ۾ اوڊو ۽ امروهيءَ ۾ سمپورڻ ٿيندو آهي. هن ۾ وادي سر مڌم ۽ سموادي کرج ٿيندو آهي.

پيڻ زرينہ هڪ استاد ڳائڻي جي حيثيت ۾ اسان کي اهو بہ ٻڌائڻ لڳي ها، تہ ييم پلاسيءَ جي لئي تين تال ۽ ڳائڻ جو وقت ٽيپهري هوندو آهي. باجو وڄائي، زرينہ اسان کي ٻڌائي ها، تہ استائي ۽ انترا ڦلاٽي سر تان کڃي، ڦلاٽي سبتڪ جي ڦلاٽي سر تي وڃي ماٺا ٿيندا آهن ۽ ائين ئي راڳ جو پورو روپ نهي راس ٿئي ٿو، وغيره.

سيتا روڊ جو رهواسي قربان بلوچ ٻڌائيتو، تہ جيجي زرينہ اسان کي اهو ڪجهہ ڏنو آهي جو پٺي پراٽو نہ ٿيندو، هائو، مان بہ مڃان ٿو، تہ سنڌ جي قومي گيتن واري تاريخ ۾ زرينہ بلوچ جو ذڪر پهرين باب ۾ روپهري ۽ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.

اسان 1990ع ۾ شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۽ انڊو-سنڌ مشاعري ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سائين ٺاڪر چاولا جي دعوت تي جڏهن ممبئي وياسون، تڏهن هر محفل ۾ پنهنجي فن سان زرينہ بلوچ هند جي هزارن سنڌين ۽ سنڌياڻين کي موهي وڌو هو. ياد رهي تہ راڳ ويراڳ جون محفلون بہ سيمينار ۽ مشاعري سان گڏ ٽي ڏينهن رچايون ويون هيون. اديبن ۽ فنڪارن جي هن وفد ۾ شيخ اياز، طارق اشرف، زرينہ بلوچ، استاد فيروز گل ۽ مان وڃي شريڪ ٿيا هياسون، اڄ بہ مان جڏهن ممبئي ۾ رچايل سنڌين جي محفلن جون وڊيو فلمون ڏسندو آهيان تہ دل جهومڻ سان گڏ اداس بہ ٿيڻ لڳندي آهي، جنهنجو ظاهري سبب شيخ اياز، طارق اشرف ۽ استاد فيروز گل جو اسان کان جدا ٿي وڃڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو.

اميد آهي تہ زرينہ جو فني رشتو سنڌ جي ماضي سان ڳنڍير جي ڳنڍين جيان ڳنڍيل رهندو. ايندڙ نسل وارا سندس نغما ٻڌي سندس يانت يانت جا روپ ۽ مورتيون جوڙيندا. اڃو تہ زرينہ کي "سنڌ جي ڪونج" سڏي مستقبل قريب ۾ سنڌ جي ڪونج واري سوني تاج پارائڻ جو بہ انتظام ڪري وٺون. (هي ويچار اڄ کان ڏهاڪو سال اڳ هڪ پرڏيهي ادبي محفل ۾ مون پيش ڪيا هيا.)

شاھ لطيف يونيورسٽيءَ خيرپور جي ماھر ۽ ملوڪاڻي شاعره

نجمہ نور

مان جڏھن بہ ڏرتيءَ ۽ ڌرتي واسين باري ۾ پلوڙ قدرن واري شاعري پڙھندو آھيان، تڏھن ماڻھو ۽ مٽيءَ (Man and Soil) جا مونکي سوين روپ نظر اچڻ لڳندا آھن. اسانجي ملوڪاڻي شاعره نجمہ نور بہ انھن شاعرائن مان ھڪ آھي، جي پنھنجي جنم ڀوميءَ ۾ ھڪ گھاٽي وڻ وانگر ڪتل آھن، جيئن عطيہ دائود، پريت چنڙ، امر سنڌو، مريم مجيدي، شبنم گل، پشپا ولڀ، ارم محبوب، ۽ سرحد پار پوپٽي هيراننداڻي، ڪلا وينا، شبنم ۽ پارو. سنڌ، لطيف، اياز ۽ نارائڻ شيام جي جنم ڀوميءَ سان گڏ، استاد بخاري، سرڪش ۽ تاجل جي بہ سوياري ڌرتي آھي، جنھن لاءِ شيخ اياز ھن طرح چيو آھي:

”اي سنڌ! تون ماءُ آھين، مان تنھنجي ڌرتيءَ مان شاعراڻو مواد ائين حاصل ڪندو آھيان، جيئن ٿر جي ڳاڙھي ڳئونءَ جي اوھ مان انَ جو ٻچڙو کير پيئندو آھي.“

سچڻ ۽ ساٿيھ جي فطري سونھن ڪان متاثر ٿي، آسڪر وائيلڊ بہ ھن طرح چيو آھي: ”فطرت منھنجي نگاھ کي تازو ۽ تيز ڪندي آھي.“

مون بہ جڏھن نجمہ نور جي شاعريءَ جو ”دوُر ڪرڻ“ شروع ڪيو، تہ مونکي بہ منھنجي ڌرتي ۽ سنديس پاڳياٽين باري ۾ منھنجا ھينيان ويچار ياد اچڻ لڳا:

”ھوءَ پاڳياٽي چاڏيءَ تان ڊڪڻ لاھي، چاڏيءَ ۾ نھاري، چوي پئي تہ روشنيءَ جي جيڪڏھن ڪا حسين ڪائنات آھي، تہ اھا سنديس ڪير ۽ مکڻ واري چاڏي ئي ٿي سگھيتي.“

”ھنَ پورھيت جيَ پيشانيءَ تي پگھر - ڦڙا منديءَ جون ٽڪون پيا لڳن.“

”ھو ڏس، ھنَ ڳجر جيڪو گل پٽيو آھي، سو سنديس ھٿ ۾ ڪيڏو نہ سھڻو ۽ تازو پيو لڳي!“

”ھنن ٻوڪيل انبن جي ٽارين کي سيرُون ڏيئي، ھوءَ مالھڻ مونکي گل پئي آڇي.“

نجمہ نور جو هر گيت، هر ڪافي ڪنهن نہ ڪنهن ريڊيائي ڌن تان ڪنيل آهي، جنهن ۾ خيرپور ريڊيو اسٽيشن جو وڏو عمل دخل ٿو نظر اچي. اهو ئي سبب آهي، جو ڪنهن بہ صنف جي شعر کي علم عروض جي نہ ڪنهن بحر تي پرکڻ جي ضرورت آهي، ۽ نہ ڇندودائي ماترائن جي ڪسوٽي ئي سامهون رکڻي ٿي پوي. ان ڏس ۾ نجمہ جي آواز جيٰ مڌرتا ۽ سحر انگيزيءَ جو بہ وڏو عمل دخل آهي، جنهن ڪري سندس گيت "مکڻ" ۽ آواز "ماکي" ٿيو پون.

اسانکي اهو بہ مجٽو ٿو پوي تہ نجمہ نور جي تخليقن ۾ روائتي شاعريءَ جون جهلڪون، سنديس مطالعي جي ساک ڀرين ٿيون.

نجمہ نور جي شاعريءَ ۾ سج پچ جيرن جاڳندڙ ڳوناڻن ڪردارن جون تصويرون اُڪريل آهن، جيئن متي مون ياڳياٽي، گجر، مالهڻ ۽ سندن مکڻ جي ڇاڏين، انبن جي تارين ۽ پگهر-ڦڙن جو ذڪر ڪيو آهي. نجمہ پهريون دفعو جڏهن مونکي پنهنجو ڪلام جهونگاري ٻڌائي رهيٰ هئي، اُن وقت شايد لاشعوري طور سنديس اندر مان ٿڌا ڇوڪارا پئي نڪتا. اڻين، جيئن ٻرندڙ جبل مان "لاوو" نڪرندو آهي. شال، سنديس ڏات ۽ ڏانوَ کي چار چنڊ لڳن، جيئن ڪَوتا ديوي ڪائونس ايترو لکرائي، جو سنڌ-واسي ڇوڻ لڳن، تہ نجمہ نور سنڌوءَ جو روپ ڌاري، ٿبيٽ جي سنگي ڪباب (شيهن جو مُنهن) ۾ جنم وٺي، مانسرور ۾ ڪيلاشٰ جا آبشار اوتي رهي آهي!.

پيڻ ۽ ڀهڻ جي پوڻ ۽ لاڙڪاڻي ۾ جنم وٺندڙ

هري موٽواڻي سنڌي

8 - اپريل 1999ع تي سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي شاخ طرفان سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي سهڪار سان ڀارت ڪان آيل اديب ڪونج رسالي جي ايڊيٽر هري موٽواڻي سنڌيءَ سان سڱا جي آڊيٽوريم (ڪراچي) ۾ شام رچائي ويئي هئي، جنهن ۾ منهنجن لفظن ۾ مهمان اديب جو ڪرايل تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

”هري موٽواڻي سنڌيءَ جو جنم سال 1929ع ۾ سنڌ جي تاريخي ۽ رونقدار شهر لاڙڪاڻي جي نوان تڪ محلي ۾ ٿيو اهڙيءَ طرح اسانجو هري موٽواڻي سنڌي پنهنجي عمر جون ستر (70) بهارون ڏسي چڪو آهي.

هري موٽواڻي ملڪ جي هاجيڪار ورهاڱي ڪان هڪ سال اڳ وڃي ڀارت جو شهر هردوار وسايو هو. ان ڪري هن لاڏاڻي وارا دل ڏاريندڙ مرڻ مارائڻ جا نظارا نہ ڏٺا هئا. هري اڄ بہ سنڌ جو رهواسي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو ورهاڱي ڪري، ڀارت ناهي ويل.

ادبي دنيا ۾ پير پائڻ وقت هريءَ پاڻ لاءِ سنڌي تخلص چونڊيو. جنهن تخلص جي مٽ زميني ۽ جنم ڀوميءَ جي رشتي جي لحاظ کان، مان سمجهانٿو تہ ڪو ٻيو مٽ نٿو ٿي سگهي. حجائتا ۽ ويجهڙا اديب منڊ ۾ ڪيس تنگ ڪرڻ لاءِ چوندا هئا تہ هري مس وڃي ”سنڌي“ ٿيو آهي، جنهن تي هري موٽواڻيءَ جو جواب هوندو هو تہ جڏهن ڪو مسلمان حج ڪري ايندو آهي تہ ڪيس ”حاجي“ چيو ويندو آهي، ان ڪري مان بہ جڏهن سنڌ جي تيرٿ گاهہ جي زيارت ڪري ٿو اچان تہ ”سنڌي“ ٿو سڏايان.

هند جي قداور ٻرڪ ليکڪ وشنو ڀاٽيا سهڻن لفظن ۾ هري موٽواڻيءَ جي واکاڻ بہ ڪئي آهي، تہ ”ڪونج“ رسالي جي شروعاتي دؤر ۾ ڪيس Angry)

young man) ۽ اڄوڪي دؤر ۾ "Angry old man" بہ سڏيو آهي، جنهن جو خاص ڪارڻ هري موٽواڻيءَ جي طبيعت يا مزاج ٿي ٽي سگهي ٿو.

هري موٽواڻي سنڌيءَ جي تخليق ڪيل ڪتابن جو هن طرح تفصيل آهي:

(الف) چار ناول: ابو، اڃهو، پاڻيارا پکي ۽ ٻاهر نڪرڻ جو رستو

(ب) پنج ڪهاڻين جا مجموعا: هڪ لهر، ڌرتي، خوددار، اجھا وار ڪارا پنؤر ۽ آزاد فضا ۾.

(ت) جڙيل جن سان جند (سنڌ جو سفرنامو)

ث) آخري پنا (آتم - ڪٿا)

ج) ڪوڙو سچ (ناول) ڇپائيءَ هيٺ

هري موٽواڻيءَ ۽ مون ۾ هڪ ڳالهہ مشترڪ آهي، جا آهي، هري موٽواڻيءَ جي ڪتابن جو تعداد ٻارنهن ۽ منهنجن ٻارن جو بہ تعداد ٻارنهن (12)، هجڻ.

هريءَ جي آتم ڪٿا پڙهي ائين ٿو لڳي، ڄڻ هريءَ سان گڏ اها آتم ڪٿا سنڌي قوم ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي بہ آهي. هونءَ بہ هري پنهنجن لکڻين جي حوالي سان "انا" يا "آنءُ پڻي" جي خول ۾ ڪڏهن بہ بند نہ رهيو آهي. هند توڙي سنڌ ۾ جنهن تي بہ ڏاڍ ۽ ظلم ٿيو آهي؛ اهو ظلم ۽ ڏاڍ هري موٽواڻيءَ پاڻ تي ٿي سمجهيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو جلاوطنيءَ ۾ هريءَ جي سنڌ سان پريت ۽ حب الوطني تہ جي مارئي جهڙي آهي.

هريءَ جي ادبي سفر ۽ هڏڪاڻ جي ڪٿ لڳائبي تہ هري موٽواڻي فرد جون منزلون طئي ڪري، هاڻي اداري (Institution) جي حيثيت ماڻي چڪو آهي. هن ڪونج ذريعي ڪيترن ئي نون ليکڪن ۽ ليکڪائن کي دريافت ڪري، روشنيءَ ۾ آندو آهي، ايتري قدر جو ڪن جهونن اديبن کي بہ اهڙيءَ تہ عمدي رٿابنديءَ (Projection) سان ڇاپيو اٿائين، جو ادب جي دنيا ۾ هن وقت اهي اديب امرتا ماڻي چڪا آهن.

1986ع ۾ هري جڏهن سنڌ - ياترا تي آيو هو، تہ هن طرح سنڌ - ماتا سان عقيدت جو اظهار ڪيو هيائين:

"چاليهن سالن جو اوجاڳو آهي.. هاڻ سنڌ - ماتا وٽ آيو آهيان، چاهيانٿو تہ ستو پيو هجان."

ڪن پبلشرن وانگر هري موتواڻي هند ۾ فليٽ ۽ بنگلا ته نه جوڙايا آهن، پر ان جي ابتڙ سنڌس پناڙن تي اخبارن، ڪاغذن ۽ ڪونج رسالي جا بنڊل ئي پئي ڏٺا ويا آهن، جن کي هري پنهنجي حقيقي جائداد ڄاڻايو آهي. واقع اهي هٿ خقيقي جائداد ۽ ملڪيت جا مالڪ آهن، جن هٿن علم ۽ شعور جون مشعلون ٻارائي، دليون روشن پئي ڪيون آهن. هري موتواڻيءَ جي اهڙن هٿن کي ڏسي، هينئن ئي چئي سگهجي ٿو: ” اهي هٿ، جي ڪنهن جي ڪم اچن، يا ڪنهن جي مدد ڪن، اهي هٿ انهن چپن کان وڌيڪ مقدس آهن، جي عبادت ڪن ٿا.“

سنڌي راڳ جي موتين مالها جو املهه داڻو

ڊول فقير

موسيقي يا راڳداريءَ کي روح جي غذا چيو ويو آهي، جنهن جي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ سان، تن من ۾ تازگي ۽ سرور پيدا ٿئي ٿو. رقص ۽ راڳ، ساز ۽ سرود سنڌ جي ماڻهن جي رڳ، رڳ ۾ رچيل ۽ سمايل آهن. قديم سنڌ ڪانوني، هن وقت تائين راڳ ويراڳ زندگيءَ ۽ جياپي لاءِ ائين رهيو آهي، جئين ماڻهن، پکين ۽ پسن لاءِ هوا، ٻاهه، پاڻي ۽ مٽيءَ جي زرخيزي.

دنيا جي ڪن مذهبن ۽ گروهن موسيقيءَ کي عبادت جو درجو ڏنو آهي. شاعر ڀڄن جوڙيندا هئا ۽ فنڪار رام، لڇمڻ، رادا، ڪرشن ۽ سيتا جي شان ۾ اهڙا ڀڄن ڳائيندا هئا. ڪيترا مسلمان به قوالين کان حمد ۽ نعتون ڳارائي عقيدت جو اظهار ڪندا آهن. صوفي به تصوف ۽ ويدانتي مسلڪ جو ساز ۽ آواز ۾ پرچار ڪندا آهن.

موسيقيءَ جي تاريخ ۾، اهڙو زمانو به ٿي گذريو آهي، جڏهن يوناني حڪيم يا ويڄ کي سند (Certificate) حاصل ڪرڻ لاءِ، ٻين پرچن سان گڏ، موسيقيءَ جو پرچو به پاس ڪرڻو پوندو هو. ويدن جا منتر به موسيقيءَ تي جڙيل آهن. رامائڻ جي دؤر ۾، قصن ۽ ڪهاڻين کي راڳن ۾ ڳائي ڳايو ويندو هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي عوامي زبان ۾ شاعري ڪري، ڪيترن داستانن جا نالا راڳن مان ورتا هئا، جئين ته سهڻي، سورٺ، ڪيڏارو، سارنگ، ڪنيات ۽ پربهاتي ۽ ائين سنڌي موسيقيءَ کي سنڌ وانگر، زنده جاويد ڪري ويو آهي. نه رڳو ايترو، پر لطيف هندوستان جي به ڪيترن ئي راڳن جا نالا پنهنجن داستانن تي رکيا آهن، جئين ته: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، بلاول، ديسي ۽ ڪاموڏ.

تاريخ اهو به ٻڌائيندي، ته لطيف راڳن ۽ داستانن جي ترتيب ۽ نالن رکڻ جي مدد هندوستان جي ٻن پائر گوين اٽل ۽ چنچل کان ورتي هئي. ٿي سگهي

ٿو. تہ سنڌ ۽ هند جي اهڙن ئي ڳانڍاپن پنڊت نارائڻ ڀات کان هن طرح چورايو هجي:

"جنهن موسيقيءَ جي سٽاءَ ۾ ريکپ ۽ ديوت ڪومل سر هجن ٿا، ان راڳ جو تاريخي تعلق لازمي طور سنڌ ملڪ سان آهي"

اسان جو ڊول فقير بہ سهڻي لطيف جي راڳ ويراڳ واريءَ موتين - مالها جو هڪ املھ داڻو هو. جنهن ڪي صوفي اوتارن جو مڌر آواز عطا ٿيل هو. سنڌ ۾ اسان ڪيس عوامي يا لوڪ رنگ جو علامتي فنڪار چئون، تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. اهڙا فنڪار تمام ٿورا هئا، ۽ هن وقت بہ گهٽ آهن. اهڙن فنڪارن ۾ سهراب فقير، فقير عبدالغفور، حسين بخش خادم، موڻ شاھ، مصري فقير، ڊول فقير، سينگار علي سليم ۽ فقير شامل آهن. جن مان آخري بہ فنڪار اسان سان جئرن جي جهان ۾ گڏ آهن. هنن فنڪارن ۾ دل ۽ دماغ تي جادو ڪندڙ عوامي رنگ موجود آهي.

فنڪار ۽ شاعر جو پاڻ ۾ چولي ۽ دامن وارو رشتو هوندو آهي. ڪراچي ٽيليويزن جي پروگرامن، صوفي درگاهن تي راڳ رهاڻين، خاص ڪري، سچل سرمست جي عرس جي موقعن تي ڊول فقير ڪي مون نہ رڳو روبرو ٻڌو هو، پر مرحوم ممتاز مرزا، موسيقار فيروزدين ۽ تنوير عباسيءَ جي رفاقت سان، مون ڊول فقير سان ڪچهريون بہ ڪيون هيون. هونءَ تہ ڊول فقير سڄوئي ڊول آهي، ۽ رهندو، پر سندس ڳاتل ڪي اهڙيون بہ ڪافيون هيون، جي سامهون ٻڌڻ سان مونکي جادوءَ ۾ جڪڙي ڇڏينديون هيون، ۽ اجان سوڌو ٻڌڻ سان دل ۽ دماغ تي ساڳو اثر ٿيون ڇڏين. انتري مٿان انتري ۾ ڊول فقير جا چيل ڏوهڙا، تہ اجان بہ ڪير ۾ ڪنڌ وارو ڪم ٿا ڪن، اچو تہ اهڙن ڏوهڙن ۽ ٻن ڪافين ڪي ظاهر ڪيون، جن ڪي اڄ بہ ٻڌڻ سان، سچ پچ، تہ روح تي اڙهونءَ، ڪنول، مجر ۽ گينبدي جي رنگن جي ورڪا ٿيندي محسوس ٿئيٿي.

ڪافي:

"سورُ انهيءَ ساڙي، ساڙي، هو جي ويا هليا
وڻ وڻ هيٺ آئون، ورهہ پئي پانيان
(شاھ)

ڏوهڙو:

ڪَڪا اٿ ڪيچين جا، ڪارا سندن ڪاپار،
جتن ڇوڙي ڇڏيا، هاڙهي منجهہ هزار،

چـرن چنـڊن چوٽيـون، موڙيـن مينـديءَ ڏار،
جنهن جا پيين پار، سو تہ ساٿ سويرو لنگھيو.

ڪافي:

عمر مون نہ ٿا وسرن، ويڙهيچن جا واڙا،
پڇي پور ٿيندئي، ڪنجون ڪرف تاڙا
(حاجي شاهہ)

ڏوهڙو:

ٿر ونو تاڏل ٿي، ونا مينهن ڳڙا،
پوياڙيءَ جو پٽن تي، چونگارين چڙا،
قادر! پيچ ڪڙا، تہ ملان ماروئڙن کي.

متين ٻن ڪافين، ڏوهڙن، يڪتاري ۽ ڍولڪ جو سنگم، اسان کي پٽ شاهہ پهچائي ٿو ڇڏي، جتي لڳي ٿو، ڄڻ لطيف کبڙ هينئان فقيرن جي وچ ۾ وچايل رلهيءَ تي ويٺو آهي، ۽ ڍول فقير سنڌس ڪلام ڳائي رهيو آهي، خاص ڪري، ڪافيءَ جي هر مصرع ۾ "ڪڪا اٿ ڪيچين جا".ڏوهڙي سان شروع ڪرڻ وارو تسلس مجرائي ٿو، تہ برابر موسيقي روح جي غذا آهي. ڍول فقير جهڙا فنڪار، ڪڏهن بہ ناهن مرندا، پر هو مرڻ کي مات ڪرائي، پاڻ "امرتا" جو درجو ماڻي وٺندا آهن.

هڪ ڪامل ڪلاڪار ۽ اعليٰ اديب

گوبند مالهي

گوبند ماليءَ پنجويهه ناول لکيا، جن مان مکيه ناول آنسون، پيار جي پياس، ڏيهي پرڏيهي، ديسي سيڻ ڪجن، شرم ٻوٽي، پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، چيا وڃن تا. کيس ”پيار جي پياس“ ناول تي ساهتيه اڪيڊميءَ جو ايوارڊ مليو هو. ماليءَ جي ناولن ۾ اسانکي سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌين جا نج ڪردار ملن ٿا.

هن ”سنڌوءَ جي ڪناري“ فلم به ٺاهي هئي. کيس ڪلاڪار منڊل جو جنم داتا، ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سڀا جي به جنم داتائن ۾ شمار ڪيو ٿو وڃي. ماليءَ کي هڪ هيءُ به اعزاز حاصل آهي، جو کيس ترقي پسند دؤر جي ٽمورتيءَ ۾ شامل ڪيو ويندو آهي، جي آهن: ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي ۽ اي جي اتم.

گوبند ماليءَ نه رڳو ناول نويس هو، پر هو هڪ اعليٰ ڪهاڻيڪار به هو. ڀارت جي ٻرک محقق ۽ اديب سائين هولارام جي ڏنل واقفيت موجب گوبند چاليهن کان مٿي ڪهاڻيون به لکيون. ڪتاب ”سنڌي ناول ۾ ماليءَ جي يگاني ڏين“ ۾ هن صاحب ڄاڻايو آهي، ته گوبند مالهي هڪ ڪامل ڪلاڪار ۽ اعليٰ اديب آهي، جنهن پنجٽيهن کان مٿي ناٽڪ به لکيا. ”گستاخي معاف“ ۽ ”گهوٽ ڪنوار“ ماليءَ جي ناٽڪن جا مجموعا آهن. سنڌس ٿي لفظن ۾ ته هيءُ صاحب هڪ باغي ليکڪ آهي، جنهن کي ڏسڻ سان ائين لڳندو آهي، ڄڻ هوسنڌ ديس جي صديون پراڻي مٽي آهي، ۽ ناولن پڙهڻ سان لڳندو آهي ته ڄڻ هر صفحي تي شاهه، سچل ۽ ساميءَ جا خيال ائين، پکڙيل آهن، ڄڻ ڪنهن خماريل مستيءَ جي عالم ۾ رنگن جا ڪيئي ڊيا پنهنجي اردگرد هاري ڇڏيا آهن.

سائين هنس هن طرح به لکيو آهي، ته ماليءَ جون جڙون سنڌس جنم ڀوميءَ ۾ هيون، سنڌس فڪر ۾ گهرائي ۽ اڏام هئي، عالمگير ۽ آفاقي جذبا ۽ سنڌس مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هئڻ ڪري ئي کيس ”ناول سمراٽ“ چيو ٿو وڃي.

شري ٺاڪر چاولا پاران ممبئيءَ مان نڪرندڙ ٽماهي مئگزين ”سپون“ جي جنوري، فيبروري، مارچ 2001ع ۾ ڇاپايل معلومات موجب سرڳواسي گوبند مالهي ڏهن ادبي ۽ ثقافتي سنستائن يا جماعتن جو باني هو، ۽ کيس اڻ ڳڻيا ايوارڊ مليا هئا.

ادب ۽ اديب، جي نالي سان گوبند مالهيءَ جي پنجن پاڳن تي مشتمل آتم ڪٿا ڇپيل آهي، جا1987ع ۾ ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون آتم ڪهاڻيءَ کان الڳ آتم ڪهاڻي آهي.

گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي آتم ڪهاڻين جا پنج پاڱا اسان لاءِ بي مثال آتم ڪهاڻين جا نمونا آهن، جي زندگيءَ جي قدم، قدم تي اسانجي رهبري ٿا ڪن؛ ته ادب، تحقيق ۽ تاليف جي دنيا ۾ ماڻهو لطيف جو ڪاهوڙي بڻجي، ڪيئن تو قطري مان سمنڊ بڻجڻ ڏانهن به وک وڌائي.

مان 1990ع ۾ جڏهن ممبئيءَ ويو هيس، ته مالهي سائين مون تان به گهورَ ٿي ويو. شل اسان سنڌين جي امان سانئڻ جي ٻوليءَ جو رشتو اجمير ۽ الهاس نگر کان آريجن ۽ اڏيري لال تائين اسان سنڌين کي هڪ ٻئي ماله ۾ پوئيندو رهي، ۽ ائين ڪنهن سنڌيءَ جو من ميرو نه ٿئي.

٭ ڪلاڪار

ناڪر چاولا ۽ پارو چاولا

1947ع جي ورهاڱي ڪانپوءِ ڀارت جي ٻرڪ ڪهاڻيڪار ۽ تماهي "سپون" مئگزين جي ايڊيٽر مانواري ناڪر چاولا ۽ سندس جيوَن ساٿياڻي سندر راڳ - راڻي ۽ شاعرا پارو چاولا کي جيئن ئي پهريون دفعو پنهنجي اباڻي سنڌ ملڪ گهمڻ لاءِ ويزا مليّ، تہ ناڪر چاولا، ڪجهہ ٻين سنڌ - واسين سان گڏ، مونکي بہ خط لکي، پنهنجا اچڻ کان آگاهہ ڪيو، جنهن خط ۾ مونسان ملڻ سان گڏ، اٿين بہ لکيو تہ ڀٽ شاهہ، ڪينجهر، سکر، سنڌالاجي ۽ حيدرآباد کو تہ وني ويندو، وغيره.

کوتہ وني ويندو، کي ذهن ۾ رکي، مون سڀ ڪم ڇڏي، ٽڪڙيءَ موٽ ۾ ناڪر چاولا کي هن طرح فئڪس ڪيو:

"اسان سنڌ وارا اوهان ۽ ڀيڻ پارو چاولا کي اکين ۾ وهاري پليڪار چئون ٿا، جو اوهان ورهاڱي ڪانپوءِ پهريون ڀيرو پنهنجي جنم - ڀوميءَ جو درشن ڪرڻ اچو ٿا ... مان اوهانکي هڪ سني سواريءَ ۾ ويهاري، اوهانجي چاٿايل تفريحي، ثقافتي ۽ تاريخي جاين مان ڪينجهر ڍنڍ، سنڌالاجي ۽ ڀٽ شاهہ سان گڏ، مڪلي، ٺٽي جي شاهجهان مسجد، ڀنڀور جا قديم آثار، ڪراچيءَ ڀرسان چوکنڊي.تاريخي قبرستان ۽ منگهو پير بہ ڏيکارڻ هلندس. اوهان جي مرضي هوندي، تہ حب چوّنڪيءَ کان اوهان کي بلوچستان ۾ واقع ونڊر ۽ سومياڻي بہ ڏيکارڻ هلندس، جتي ڪلاچيءَ جي ڪُنَ ۾ مانگر مڇ اوياهي ملاح جا ڇهہ ڀٽ ڳڙڪائي ويو هو، ۽ ستين ڀٽ مورڙي پنهنجيءَ حرفت سا مانگر مڇ کي ماري، ڍير ڪيو هو. منهنجا بہ ڏينهن اوهانکي.گهمائڻ گهتائڻ لاءِ وقف هوندا...."

سچل ڳوٺ (ڪراچي) پهچي، تاجل بيوس اڪيڊميءَ جي عهديدارن صوفي پريم نگر جي صوفين سان گڏجاڻي ڪري سچل ڳوٺ ۾ مهمانن جي پليڪار لاءِ 13 فيبروري 2001ع تي هڪ رنگين شام ملهائڻ جو احتمام ڪيو ۽

اهڙو دعوتنامو اڳواٽ ناڪر چاولا صاحب کي مون فئڪس ذريعي موڪلي ڏنو، جو اڪيچنيپ ۾ سندس هٿن ۾ پهچي ويو. جن منهنجي پنهي مراسلن بابت ناڪر چاولا رات جو فون تي ٻڌايو، ۽ ٻه ڏينهن مونسان رهڻ بابت به آگاهي ڪيائين.

اسان طئي ڪيو، ته 12 فيبروري 2001ع تي اسان ڊاڪٽر اي ڪي پنجواڻيءَ وٽ سندس پارس ميڊيڪل سينٽر ۾ گڏ ٿي، ڏيڍ وڳي منجهند جو وفد جي صورت ۾ ڪراچي ايئرپورٽ تي مهمانن کي رسيو ڪنداسون.

رٿيل پروگرام موجب اسان مان: تاجل بيوس اڪيڊميءَ جو چيئرمين ساجد سومرو، رڪيل مورائي ۽ نصير سومرو پارس ميڊيڪل سينٽر ۾ وڃي گڏ ٿياسون، مگر پنجواڻي صاحب ۽ ڪجهه ٻيا دوست گاڏيءَ سميت غائب هئا، مجبورن اسان ايئرپورٽ روانا ٿياسون، جتي ممبئيءَ کان ايندڙ جهاز ٿورو ليٽ ٿي وڃڻ ڪري، هدايت بلوچ اسانجو سختيءَ سان انتظار ڪري رهيو هو.

اسان هٿن ۾ گلن جا هار جهلي، ٻاهر انتظار ڪيو. ۽ ان وچ ۾ پي آءِ اي ۾ آفيسر جي حيثيت سان ملازمت ڪندڙ شاعر هدايت بلوچ جهاز تائين پهچي، مهمانن جو وڃي آڌرڀاءُ به ڪيو. ته سندن سامان، بنا چڪاس جي ڪين اسان تائين به وٺي آيو. جتي سنڌو ۽ گنگا جي هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃڻ واري نظاري هر ڪنهن ايندڙ ويندڙ کي حيرت ۾ ٿي وڌو. سخي قبول محمد، سجاده نشين درازا شريف پاران سائين جٺرام گنگواڻي به مهمانن کي رسيو ڪرڻ لاءِ ايئرپورٽ تي پهتل هو. جتان صلاح مشورو ڪري، قافلي جي صورت ۾ اسان ڊفينس هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ واقع گنگواڻي صاحب جي گهر پهتاسون.

چانهه جا گرم، گرم ڍڪڙا پي، پنجين وڳي، اسان مهمانن کي چوکنڊي تاريخي قبرستان ۽ ڀنڀور جا قديم آثار ڏيکارڻ لاءِ ٻن ڪارين ۾ روانا ٿياسون. اسان سان گڏ، ساجد سومرو، رڪيل مورائي ۽ نصير سومرو به هئا.

چوکنڊي قبرستان گهمي، اسان جڏهن ڀنڀور پهتاسون، ته سج لهي چڪو هو، ۽ ڀنڀور جو ميوزم به بند ٿي چڪو هو. جيئن ته مان اڄ کان سورنهن سال اڳ قديم آثارن جي وزارت ۾ ڊپٽي سيڪريٽري طور ملازمت ڪئي هئي، ان ڪري ميوزم جي ڪيوريٽر محترم خميسي خان مونکي سڃاڻي، پنهنجي پوري عملي سان گڏ، مونکي ۽ مهمانن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، ۽ يڪدم ميوزم کولرائي، نه رڳو مهمانن کي ميوزم گهمايائين، پر

ڪنٽرات ڏيکارڻ ڪانپوءِ ڪرسين تي ويهاري، چانهه ۽ بسڪوٽ به اڳيان رکيائين، مهمانن کي اها منجنيق به ڏيکاري ويئي، جنهن سان وڏا وڏا پٿر اڇلائي عربن ديبل بندر جو قلعو تباهه ڪيو هو.

واپسيءَ تي رات جي ماني جو انتظام مون وٽ منهنجي گهر ٿيل هو، جتي مهمانن کي ماني کارائي، ٻارڙن سان ريان ڪنيان ڪري، مهمان گنگواٽي صاحب جي گهر روانا ٿي ويا.

13 فيبروري 2001ع تي ٺاڪر چاولا صاحب چيو، ته هو سڀ ڪان پهريائين رام باغ ۾ پاڪستان چوڻڪ پرسان واقع پنهنجي ٺاڪر نواس(بلڊنگ) ڏسڻ ٿو چاهي. مون کيس ٻڌايو، ته ورهاڱي ڪانپوءِ رام باغ جي اڳيان "آ" ملائي کيس مسلمان ڪري، "آرام باغ" جو نالو ڏنو ويو آهي. اسان پاڪستان چوڻڪ پهچي، گهٽين جو جائزو وٺڻ لڳاسون. مان هڪ ميمڻ اسٽيٽ ايجنسيءَ واري پيرسن کان بلڊنگ جو اتو پتو پڇڻ لڳس، جنهن ٻڌايو ته اها بلڊنگ عدنان پلازا جي نالي سان بلڪل موجود آهي.

ميمڻ صاحب پنهنجي آفيس ڇڏي، مونکي بلڊنگ ڏيکارڻ هليو. اسان پري کان ڏٺو ته ٺاڪر چاولا اسان کان اڳ ئي پنهنجي بلڊنگ پاڻ تلاش ڪري، بلڊنگ جي سامهون بيٺو هو. هن بلڊنگ جو ٺاڪر نواس مان نالو بدلائي، شروع ۾ ماهِ رخ پلازا، پوءِ رحمان بلڊنگ، ۽ هن وقت عدنان پلازا نالو رکيو ويو آهي.

ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا جڏهن پهرينءَ منزل تي پهتا، ته مهاجر عورتون کين پليڪار چئي، پنهنجي فلئٽ ۾ وٺي ويون، جتي اسانکي به گهرايو ويو. اهڙيءَ طرح پاسي واري فليٽ جون مايون به کين وٺي ويون، جتي مهمانن کي نه رڳو بسڪوٽ کارايا ويا، پر اسان سان گڏ جي عورتن ۽ ٻارڙن فوٽو به ڪڍرايا.

ياد رهي ته 1948ع ۾ ٺاڪر چاولا وارن تي مهاجرن جڏهن حملو ڪيو هو، ته سامهون رهندڙ سنڌين کين بچايو هو. زخمن جا اهي نشان اڄ به ٺاڪر چاولا جي ڇهري تي موجود آهن. ٺاڪر چاولا بعد ۾ ٻڌايو ته کيس زخمن جو ڪو به افسوس ڪونهي، افسوس فقط حملي وقت ڪڙڪين جي انهن شيشن جو آهي، جن جي ٽيونجاهه سال گذرڻ ڪانپوءِ به مرمت نه ڪئي ويئي آهي. هن بلڊنگ جو سوڏو هڪ مسلمان سان ست لک روپين ۾ طئي ٿيو هو، مگر سرڪاري طور هندن جي ملڪيت جي وڪري تي پابندي لڳڻ ڪري، هن ويهن

فليٽن جي بلڊنگ جا ٺاڪر ڇاولا وارن کي فقط انهٺ هزار روپيا پِيڙ پيا ها، جي پڏيءَ پيڙيءَ جون هريڙون سمجهي، ٺاڪر ڇاولا قبول ڪيا هئا.

انڪانپوءِ اشوڪ ڪمار سان گڏجي، اسان ڪلفٽن ۾ واقع رٽنيشور مهاديو مندر گهمڻ وياسون، جتي مندر جي سيوا ڌاريءَ اسان کي ننگر جو تل ڦل به پيش ڪيو. هن مندر جي ڪاريگرن جبل جي غار ۾ اهڙي ته نفاست سان اڏاوت ڪئي آهي، جو اڏاوت ڏسي، ڏندين آڱريون اچيو ٿيون وڃن!

منجهند جي ماني گلشن اقبال ۾ جاودان سيمينٽ جي ايم ڊي سائين مرلي گنگواڻيءَ وٽ ڪائي، شام واري پروگرام جي انتظامن ڏسڻ لاءِ اسان سچل ڳوٺ روانا ٿياسون، ۽ مهمان جٽرام گنگواڻي صاحب جي گهر هليا ويا.

شام جو ستين وڳي مهمان رڪيل موراڻيءَ سان گڏجي، سچل ڳوٺ ۾ واقع صوفي پريم نگر پهتا، جتي صوفي علي ڏني ملاح، صوفي غلام قاسم ڪٽپر، ۽ سچل ڳوٺ جي رهواسين گلن جا هار پارائي، مهمانن جو آڌرياءُ ڪيو. هن محفل ۾ ٽنڊي محمد خان کان ياءُ قيمت سنڌي به ڪهي آيل هو، ۽ ڳاجي کهاوڙ لاڙڪاڻي کان روشن لاڙ ۽ پيا به آيا هئا. جن شخصيتن سان مهمانن جو تعارف ڪرايو ويو، انهن ۾ سنڌ ثقافت ڪائونسل جو چيئرمين ستار پيٽي، سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جو چيئرمين اي ڪي پنجواڻي، ستار پيرزادو، سنڌي ادبي سنگت جو انچارج سيڪريٽري باري منگي ۽ بيدل مسرور به شامل هئا.

محفل ۾ سڀ کان پهريائين مون ٺاڪر ڇاولا صاحب کي اجرڪ پارايو ۽ تاجل بيوس اڪيڊميءَ جي چيئرمين ساجد سومري پيڻ پارو ڇاولا کي مٿي تي چني اوڍائي. اسٽيج سيڪريٽري ساجد سومري جي اعلان مطابق مون مانائتن لفظن ۾ مهمانن جو تعارف ڪرايو. ان کانپوءِ پارو ڇاولا جي صدارت ۾ مشاعري جي شروعات ڪئي ويئي، جنهن ۾ خاص مهمان طور ٺاڪر ڇاولا، ۽ اعزازي مهمان ميزبان تاجل بيوس کي ٻڌائي، اسٽيج تي ويهاريو ويو. مشاعري شروع ٿيڻ کان اڳ، ناول سمراٽ سرڳواسي گوبند مالهيءَ جي لاڏاڻي جي صدمي کان هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ويئي، جنهن دوران تاجل بيوس حاضرين کي سپون جي ٽائيٽل ڪوَر تي ڇپيل گوبند مالهيءَ جي تصوير جو درشن ڪرايو، جنهن کي وڊيو ۽ ڪئميرائن ۾ محفوظ ڪيو ويو.

مشاعري ۾ سگهڙ گل محمد بلوچ، نصير سومري، رڪيل موراڻي، ساجد سومري، منصور ملڪ ۽ تاجل بيوس حصو ورتو. پارو ڇاولا ترنم ۾ پُنهنجو مشهور گيت "ميلي ۾ پيي آءُ اڪيلي" ڳائي، ۽ تاجل بيوس مهمانن جي مانَ ۾

جوڙيل گيت "هر، هر پيا هتڙن مان پگهل گرهه ڪرن ٿا. محبوب اچن ٿا" پڙهي، خوب داد حاصل ڪيو. ان ڪانپوءِ ٺاڪر چاولا صاحب ڪي سنڌ ۽ هند بابت ويچارن ونڊڻ لاءِ ڇيو ويو، جنهن سنڌ جي ساروٽين سان گڏ، ڀارت ۾ سنڌي ادب ۽ زبان کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ ڪيل عملي سرگرمين جو تفصيل سان دل کولي جائزو پيش ڪيو.

محفل جي ٻئي حصي ۾ فقير ثابت علي جتوئي، سچڻ، علي محمد سرمستاڻي، فقير غلام حيدر، بيدل مسرور ۽ پارو چاولا راڳ پيش ڪري، حاضرين کان خوب داد حاصل ڪيو. ان وقت محفل جو عجيب دکدائڪ منظر هو، جڏهن سچل سرمست جي ڪافي "حال ته منهنجو ڪونه هو جيڏيون، پنهنجو ڪرم ڪيائون" ٻڌائيندي، پارو چاولا جي دل ڀرجي آئي، ۽ روئي ڏنائين.

محفل جي پڇاڙيءَ ڪانپوءِ رات جي ماني ۽ پاڻيءَ جو انتظام منهنجي چاچي غلام مرتضيٰ لاشاريءَ جي گهر ٿيل هو، جتي رات جو ڪافي دير تائين ڪڪي نورجهان ۽ سنڌيس نياڻين سان مهمان روح ريجهائيندا رهيا.

14 فيبروري 2001ع تي منجهند جي ماني گنگواڻي صاحب وٽ کائي، اسان ٺٽي مان ٿيندا، ڪينجهر ڪناري پڳاسون، جتي مهمانن کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري، ڪينجهر جو سئر ڪرايوسون، ۽ مون لطيف جو هيءُ بيت جهونگاريو:

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وڙاهه،
اچي وچڙي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اتر واءُ، ته ڪينجهر هندورو ٿئي.

بس پوءِ ته پارو چاولا ۽ مون واري، واري سان لطيف جي سر ڪاموڏ جا بيت پڙهي، ڪينجهر جي ڇولين جي ورق گرداني ڪندا، اچي ڪنڌيءَ تي لٿاسون.

15 فيبروري 2001ع تي مهمان هوائي جهاز ذريعي سکر روانا ٿي ويا. ۽ اتين سخي قبول محمد، سجاده نشين درازا شريف جي سنگ ۾ مهمان درازا ياترا، سکر وٽان سنڌو درياهه، راڻي پور واري جڳهه، منڇر، سيوهڻ (پارو چاولا جو شهر) سنڌي لئنگيوئيج اٿارٽي ۽ ڀٽ شاهه تان ڀيرو ڪندا، واپس ڪراچيءَ پهچي ويا. جن سان سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران رمپا پلازا ۾ واقع سگا جي آڊيٽوريم ۾ گوبند مالهيءَ جي حوالي سان، هڪ عاليشان

تقريب جو انتظام ڪيو ويو. جتان مهمانن کي روزانہ شام اخبار جي بيورو اي حميد پنّي جي آفيس ۾ آندو ويو. جتي مهمانن ڪان انٽرويو ورتو ويو. جنهن ۾ اي.حميد پنّي، اياز گل، غفار تبسم ۽ تاجل بيوس مهمانن کان سوال پڇيا.

متي ذڪر ڪيل ادبي تقريبن ۾ مانواري ٺاڪر چاولا جا ڪجهہ هن طرح ويچار هئا: ”اڄ سنڌوءَ کي سڪل ڏسي، اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا آهن. ۽ اسانکي پنهنجي جنم ڀومي جمڻ لاءِ اڏصدي انتظار ڪرڻو پيو آهي. جو انتظار ممبئي کان جنم ڀومي پهچڻ لاءِ فقط ڏيڍ ڪلاڪ اندر ختم ٿيو آهي“ ٺاڪر صاحب وڌيڪ چيو تہ ملڪي ورهاڱي جڻ تہ دلين جا ورهاڱا ڪري ڇڏيا آهن. هن چيو تہ اها وڏي ڏک جي ڳالهہ آهي. جو شيخ اياز جهڙي وڏي شاعر جي مزار تي بورڊ بہ نہ لڳايو ويو آهي! پيڻ پارو چاولا جذبن کي اظهاريندي، چيو تہ ٿيونجاهہ سالن ڪانپوءِ سنڌ ۾ اچي مون پاڻ کي پيهر زندهہ محسوس ڪيو آهي. هن چيو تہ ڀارت جا سنڌي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ لاپرواهہ ناهن. پارو چاولا وڌيڪ ٻڌايو تہ سنڌي وسندين ۾ سنڌي سنگيت جون محفلون ٻوليءَ سي زندهہ رکڻ لاءِ وڏو وسيلو ۽ ڪارگر ثابت ٿيون آهن.

اسانجي ٻنهي سرحدن وارن ويندي، ويندي چيو تہ سنڌ جي اديبن کين اکين ۽ دلين ۾ ويهاري، محبت ونڊي آهي. جا ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهجي. هنن وڌيڪ چيو تہ سنڌين جي احسانن جون سندن ڪلهن تي پريون رکيل آهن. ۽ سنڌ جي ثقافتي سوکڙين جي پڻ متن ورڪا ڪئي وئي آهي. جا حقيقت ظاهر تي ڪري، تہ سرحد وٽ ڀاتل هترادو ليڪا سنڌين جي ٻوليءَ ۽ ثقافتي رشتن جي زنجير کي ڪڏهن بہ ٽوڙي نٿا سگهن.

هڪ پريمي ماڻهو ۽ لاجواب ليکڪ

غلام نبي مغل

1988ع ڌاران مان آفيس ۾ ويٺو هيس، جو طارق اشرف آفيس ۾ داخل ٿيندي، چيو ته تاجل! تولاءِ هند مان هڪ سوکڙي گهرائي اٿم. جو آهي: هري موٽواڻي سنڌي - هريءَ سان مليس ٿيا، پس پڪجي ويس -ان کان اڳ به ساڳي دفتر ۾ طارق اشرف قرب ڪري، مون وٽ آيو هو-اهڙيءَ طرح مون به حيدرآباد طارق اشرف جي پريس ۾ گهر ساٿس ملڻ شروع ڪيو هو.

هڪ ڏينهن طارق اشرف چيو ته غلام نبي مغل جو اجهو هتان پاسي ۾ گهر آهي، هل ته مليون اچونس - ملڻ سان ڪڙي قابو ڪري ڇڏيائين -ائين چئجي ته ڪهاڻيءَ جون به سٽون پڙهي، چوڪاري، پنهنجو ڪري ڇڏيائين، ۽ ائين پاڻ ۾ ملندا رهياسون

پوءِ هڪ ته طارق اشرف جي لاڏاڻي ۽ منهنجو گهڻو وقت اسلام آباد ۾ هئڻ ڪري، منهنجو ڪڏهن، ڪڏهن ڪنهن تقريب ۾ غلام نبيءَ سان ملڻ ٿيندو هو.

مون طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل کي جڏهن ويجهو ٿي ڏٺو ته پئي مونکي مثالي پڳ - مٽ يار لڳا ها، جي پاڻ سان پيچاڙيءَ تائين پائرن جيان نڀائيندا رهيا، ۽ هاڻي طارق اشرف جي وڇوڙي ڪري غلام نبي مونکي اڪيلو، اڪيلو لڳندو آهي.

ليکڪ زندگيءَ مان ئي اثر وٺي ادب سرجيندو آهي، جنهن مان سندس شخصيت به جهلڪندي نظر ايندي آهي. غلام نبي مغل ڪهاڻين مان ناولن سرجڻ تي پهتو آهي. ناول به ادب جو هڪ تخليقي روپ آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي مهارت سان جيون ۽ هن جڳ کي اظهاريو ويندو آهي، جنهن جي پرک جي خاص ڪسوٽي نواڻ (Novelty) ۽ فڪري اڏام (Imagination) هجن ٿيون.

غلام نبي مغل جون مون ڪهاڻيون به پڙهيون آهن، ته ناول به، جن ۾ "اوڙاهه" به شامل آهي.

سندس نثري شهپارا متي بيان ڪيل وڙن ۾ ورجيسن سان مالامال آهن. سندس ذات ۾ ڏانوَ مان سرجيل ادب نه رڳو معروضي (Objective) آهي، پر آفاقي (Universal) به آهي.

هيءُ ليکڪ ڪجهه وقت خاموش رهي، ادبي افق تي ائين اوچتو ظاهر ٿيندو آهي، جيئن ڪا پيڙي چڪڻ جي چپيٽن مان بچي، لڙهي لهنواري تي اوچتو سيرَ اڪرندي نظر ايندي آهي، جنهن ڪانپوءِ پيڙيءَ جي ناڪئي نگهبان سان گڏ سڪاڻي ۾ وانجهين جو قد پنهنجي اصل قد کان وڏو لڳندو آهي.

سُرَن جي متيءَ مان ڳوهيل فنڪار

علڻ فقير

قديم زماني کان عرب ملڪن ۾ دف وڄايو وڃي ٿو، جو دهل ۽ نغاري جي حوالي سان ساز ۾ شماريو ٿو وڃي. اڄ به عرب ملڪ جا اوٺار (سارباڻ) صحرائي سفر ۾ اٺ تي لانگ ورائي راتين جون راتيون راڳ آلاپيندا رهن ٿا. جنهن ڪري، سندن اٺ بنا ٿڪاوٽ جي، اڃ، بک کان بي نياز سفر ڪندا رهن ٿا. سنڌ جي ڪاڇي ڪوهستان ۽ ٿر علائقن ۾ به بار برداريءَ جو اهو سلسلو صدين کان رهيو آهي ۽ زراعتي سماج ڪري، اجان به جاري آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ارغونن ۽ ترخانن جي تسلط وقت ۽ ننڍي ۽ ٻين شهرن مان سآمان سان اٺ لڏي، گجرات ۽ ڪانياواڙ تائين ويندا هئا، جنهن سفر ۾ اوٺي ڪن تي هٿ رکي، لوڪ گيت آلاپيندا هئا.

موسيقيءَ جي سرن ۽ آلاپن ثابت ڪيو آهي ته موسيقي واقعي روح جي غذا آهي، بيشڪ سر ۽ آلاپ انسان جي اندر ۾ تازگي ۽ توانائي ٿا پيدا ڪن. اها موسيقي ئي آهي، جنهن جي ٻڌڻ سان هڪ انسان لاءِ ٻئي انسان جي دل ۾ درد ٿو پيدا ٿئي. اهو ئي سبب اهي جو موسيقي هر طبقي جي ماڻهن وٽ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۽ رنگ ۾ جائز آهي. ڏٺو وڃي ته سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي آباد بستين ۾ صوفين ۽ ويدانتي مسلڪ وارن موسيقيءَ جي سرپرستي به ڪئي آهي، جن ۾ شاهه، سچل، مصري شاهه، ولي محمد خان لغاري، مهدي شاهه، سلطان باهو، بلي شاهه، لال حسين ميان محمد بخش، خواجه غلام فريد، بيدل، بيڪس ۽ مخدوم طالب المولي به شامل آهن.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته هتي ننڍي کنڊ ۾ ڪو وقت اهڙو به آيو آهي، جڏهن هندو فنڪارن ۽ سرپرستن، مسلمان فنڪارن جي معاشي بدحالي ڏسي سندن هڙئون وڙئون مدد پئي ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح هندو فنڪارن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان موسيقيءَ کي زنده رکي پاڻ ڏانهن منتقل ڪيو. اڄ به هندستان جي ڪلڪتي شهر ۾ رابندر ناٿ ٽئگور جي قائم ڪيل "شانتي نڪيتن" نالي موسيقيءَ جي يونيورسٽي موجود آهي. اسان کي تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته ماتا

۽ ارڙيءَ ۾ ورتل ٻارڙن لاءِ سنڌ جون مائرون ڀڳت ڪنور رام ڪان لوليون ڳارائينديون هيون، جنهن لوڪ رنگ ۾ اسان جو علڻ فقير بہ هڪ وڏو نالو آهي.

علڻ فقير 1932ع ۾ سنڌ جي آمري ڳوٺ ۾ مگڻهار قبيلي ۾ جنم ورتو، ننڍي هوندي ڪان ونني ڪڙيءَ رسڻ تائين ريل گاڏين ۾ خوشيءَ جي ميڙاڪن ۾ ڳائي سنڌ جي ماڻهن جون دليون خوش ڪندو هو. 1970ع ۾ ريڊيو، 1971ع ۾ ٽي ويءَ تان سندس آواز گونجڻ لڳو. شهيد ڀٽي جي حڪومت ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ ڳائڻ سان هو شهرت جي بلندين تي پهچي ويو. جنهن ڪانپوءِ 1978ع ۾ کيس سنڌالاجيءَ ۾ ملازمت ملي.

علڻ فقير وٽ هڪ الستي آواز هو. جنهن مان سنڌ جي مٽيءَ جي ڀني خوشبوءِ ايندي هئي، سچ پچ هو جڙيل ٿي سرن سان ڳوتل مٽيءَ مان هو. لطيف جي واين کي هو لطيفي انداز ۾ ڳائيندو هو. سندس الو ۾ ڪن فيڪوني ڪيفيت هئي، جا مٺل دلين کي جيئرو ڪرڻ وارو مسيحائي اثر رکندي هئي. نہ رڳو ايترو پر علڻ فقير ساز ۽ آواز جي دنيا جو هڪ اهو سفير هو. جنهن سنڌي زبان ۽ سنڌي ثقافت کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي. علڻ فقير ان موتين مالها ۾ پوتل هڪ موتي هو. جنهن مالها ۾ موهن ڀڳت، مائي ڀاڳي، ڊول فقير، فقير عبدالغفور، حسين بخش خادم، مصري فقير، سينگار علي سليم، سهراب فقير، موتڻ شاهه، زرينہ بلوچ ۽ جلال چانڊيو پوتل آهن. الائي تہ ڪهڙو واءُ وريو آهي، جو ان موتين مالها مان ڪي موتي وجن ٿا گم ٿيندا.

اخباري حوالن مان خبر ٿي پوي تہ علڻ فقير فالج جي موذي مرض ڪري ستن ڏينهن تائين تڙپندو رهيو، پر ڪنهن بہ سندس پرگهور نہ لڌي. سندس اوڙي پاڙي جڻ ماٺ جو روزو رکيو هو. فالج جهڙي حملي ۾ علڻ فقير کي فقط تيل جي مالش ٿيندي رهي، ۽ بس. سنڌ حڪومت جي صاحبن علڻ جي ان وقت سار لڌي جڏهن علڻ فقير جو ساهہ لِڪيءَ ويجهو اچي چڪو هو ۽ سندس ڪمزور ٽنگون قبر ۾ لٽڪيل نظر اچي رهيو هيون. الائي تہ ڇو اسان وٽ اهڙي روايت جو بنياد وڌو ويو آهي جو چور جڏهن گهر ٻهاري روانا ٿا ٿي وڃن، تڏهن وارو ڙي وارو ڪئي ٿي وڃي! هوڏانهن اسپتال ۾ بہ مريض کي ان وقت داخل ڪيو ٿو وڃي، جڏهن مريض اکيون بند ٿو ڪري، تہ وري نہ کولي.

علڻ فقير جڏهن ٽي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي پهتو، تہ اسان جي ملاقات بار، بار ٿيڻ لڳي. ڪڏهن ٽيليويزن اسٽيشن تي تہ ڪڏهن ريڊيو تي. اسان جو گهڻو ملڻ ممتاز مرزا جي آفيس ۾ ٿيندو هو. هڪ دفعي مون کي پاڪر پاٿي شهپرن تي هٿ هڻي مون کان پهرئين ٿي جملي ۾ پڇيائين تہ تاجل! ٻڌاءِ تہ مان ڪئين ٿو ڳايان؟ سوال ٻڌي مان هڪو ٻڪو ٿي ويس، ۽ سوچڻ لڳس تہ هن وقت اهڙي سوال پڇڻ جي علڻ فقير کي الائي تہ ڪهڙي ضرورت پئي آ، سو بہ ممتاز مرزا جي سامهون، جنهن جي اسان وڏ ۾ وڏ عزت ڪندا هئاسون. مون جواب ڏنو تہ علڻ فقير جهڙو سنڌ ۾ فنڪار هڪ دفعو ٿي پيدا ٿيندو آهي، علڻ فقير کي منهنجي جواب تي مزو نہ آيو. وري چيم تہ علڻ فقير جهڙا فنڪار صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. چيائين تہ ائين تہ تڏهن چيو ويندو آهي، جڏهن فنڪار مري ويندو آهي. مون سوچيو تہ ڪهڙي قسم جي شاعري ڪجي، جو نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ بچائجي. چيم تہ "جڏهن علڻ فقير ڳائيندو آهي تہ پوري محفل کي لطيف سرڪار جي دربار ۾ پهچائي ڇڏيندو آهي."

ممتاز مرزا مونڏانهن ڏسي مرڪيو ۽ ائين فيروزالدين (موسيقار) بہ ڪمري ۾ پهچي ويو. شعر جو ٻيو بند هن طرح پڙهيم تہ: "جڏهن علڻ فقير ڳائيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن لطيف سرڪار پاڻ محفل ۾ هلي ايندا آهن ۽ علڻ فقير اجرڪ پٽاري، لطيف سائينءَ جا هٿ چمي، لطيف سرڪار کي اجرڪ تي وهاري، وري بہ شاهہ جي وائي لطيفي انداز ۾ ڳائڻ لڳندو آهي."

منهنجو جواب ٻڌي، علڻ فقير جي اکين ۾ ڳوڙهن جو درياهہ ڇلڪڻ لڳو هو.

ويهين صديءَ ۾ اسان کان وڇڙي ويل استاد منظور علي خان، گلزار علي خان، وحيد علي، حسين بخش خادم، مصري فقير، موهن ڀڳت، مائي ڀاڳي، ڀڳت ڪنور رام، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ ناراڻ شيام، ادب ۽ سنگيت جي دنيا ۾ وڏا نالا هئا ۽ رهندا. سندن موت کي اسان ويهين صديءَ جا وڏا موت چئي سگهون ٿا. ايئن صوفي علڻ فقير جو موت بہ ايڪيهين صديءَ جو وڏو موت آهي. اهڙي هاجي لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو:

گل چنو گرنار جو، پنڻ ٿيون پنين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اُڀيون اوسارين،
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين، راجا رات رمڳيو.

واويلا وٺڪار

طارق اشرف

طارق اشرف جي موت جو ٻڌي، مونکي ڦاھيءَ جو جهٽڪو لڳو ھو. پيرن ھيٺان ڌرتي کسڪندي محسوس ڪئي ھيم. مونکي پنواڻيون اچڻ لڳيون ھيون. اجان ھڪ ڏينهن اڳ تہ لاڳيتو ٽي ڪلاڪ ڪچهري ڪئي ھئي شون. طارق اشرف چانهہ تہ پئندوئي ڪونہ ھو. چيومانس: طارق! تنڌي پاڻيءَ پيارڻ يا ماني کارائڻ ڪانسواءِ اڄ ڪونہ ڇڏيندوسانءِ. ان وقت سنگم پبليڪيشن جو سرواڻ ڪرم الاھي چنا- بہ وينو ھو. طارق انڪار ڪرڻ لڳو. چيومانس تہ مانيءَ کي ڇڏ، تون رڳو ٿڌي پيئڻ لاءِ ھائوڪر تہ پيپسي ڪولا گهرايون. ھاءِ بلڊ پريشر جي تڪليف ڪري ۽ ڪجهہ وشنو ھئڻ ڪري، طارق ڏاڍو صفائي پسند ۽ گهر کان ٻاهر کاڌي پيتي ۾ محتاط لڳندو ھو. عام ماڻهن وانگر ھوٽلن ۾ يا ڪنهن دوست وٽ ڪنهن بہ شيءِ جي ويجهو نہ وڃڻ وارو. طارق، اڄ مون وٽ ٿڌي پيئڻ لاءِ ھائوڪار ڪئي ھئي. نائب قاصد کي ٽن بوتلن گهرائڻ جو اشارو ڪيم. طارق چيو: ٽي بوتلون تہ اسان پيئنداسين تاجل ! تون ڇا پيئندين؟ تون نہ پيئندين تہ اسان بہ ڪونہ پيئنداسون. طارق جي اسرار تي چار بوتلون گهرايم ۽ دستور موجب پاڻ واري بوتل مان ڪجهہ ڍڪڙا گلاس ۾ اوتي، باقي بوتل نائب قاصد کي موٽائي ڏنم.

بوتلون واپرائيندي، ڪرم الاھي چنا طارق اشرف کي ھلڪڙن لفظن ۾ شڪايت ڪئي تہ تاجل کي سمجهايو جو ھن دفعي پارت وارو سفرنامو سنگم پبليڪيشن جي پليٽفارم تان نٿو ڇپرائي، جڏهن تہ ھن کان اڳ تاجل جو ھر ڪتاب سنگم ڇپايو آھي. طارق جهيٽي آواز ۾ جواب ڏنو تہ اھو تاجل ۽ سنگم جو ذاتي مسئلو آھي، ھو تاجل کي ڇاتو چئي سگهي؟

طارق کي ٻڌايم تہ مان سنگم ۽ ڪرم الاھيءَ جو نہ رڳو ٿورائتو آھيان، پر سنگم لاءِ ھر قسم جو احترام بہ آھي، جنهن لڳاتار منهنجا (6) ڇهہ ڪتاب

ڇاپي مونکي اونڌهه مان ڪڍي، روشنيءَ ۾ آندو آهي. ڪرم الاهي ڇنا جي موجودگيءَ ۾ طارق چيو ته سهڻيءَ ۾ ڇپجندڙ اهم شخصيت لاءِ تصويرون ڪڍائڻ لاءِ هو هڪ پن ڏينهن ۾ اياز گاد کي مونڏانهن موڪليندو. اياز گاد جي تصويري فن جي طارق حد کان وڌيڪ تعريف ڪئي، مون طارق جو شڪريو ادا ڪيو.

طارق سان منهنجي گهرائي 1987ع ۾ اسلام آباد کان ڪراچي بدلي ٿيڻ کانپوءِ ٿي، جيڪا ڪجهه مهينن جي قرابت کانپوءِ ياراڻيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. اسانجي ڪچهرين جو سلسلو جاري رهيو، جيڪو ڪراچيءَ جي پرنس ڪمپليڪس کان ٿيندو حيدرآباد جي ڪوڪر محلي ۾ واقع طارق ۽ غلام نبي مغل جي گهرن تائين ڦهلجي ويو. هڪ ٽپڪي انب جهڙو مٺڙو، ته ٻيو ڪٽمٺڙو. مون ۾ سواد اهوئي سمجهڻ گهرجي جيڪو مٺڙي ۽ ڪٽمٺڙي ۾ ملي وڃڻ کانپوءِ پيدا ٿيندو آهي.

طارق ۽ مان هڪ ٻئي کي اڃان به وڌيڪ ويجها ٿي وياسون، جڏهن آڪٽوبر 1990ع جي آخري هفتي ۾ ٻنهي هڪ ٻئي کي بمبئيءَ جي اپنگر سيتا سنڌو پون ۾ ڪوناڻل شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ وڃڻل ڏٺو.

اسان - طارق ۽ مان - نه رڳو سيمينار، انڊو - سنڌ مشاعري، روز وڊ هوٽل ۽ آجياڻن ۾ گڏ هئاسون، پر شام ويلي قلمڪار دوستن سان سندن گهر وڃي ملڻ وقت به گڏ ڏٺا ويا سون. هن موقعي تي طارق جون لکل خوبيون به منهنجي اڳيان نروار ٿي پيون.

اڳيان هري موٽواڻي ۽ پٺيان طارق ۽ تاجل آهن. شهيد ڀڳت سنگهه مارگ آهي، ۽ اسان ٿي ڇٽا، تنهي جا نمونا پنجاب جي پينو فقيرن جهڙا، جيڪي چادر کي ڪنڌن مان پڪڙي، پالڻهار ۽ پنج تن پاڪن جا واسطا وجهي سنڌ جي ماڻهن جا کيسا ڪٽي وري به پنجاب موٽي ويندا آهن. اسان به پينو فقير هئاسون - سونهن، سچ، فن ۽ ڌرتيءَ جي خوشبوئن جا وڻجارا.

فلورا فائونٽين مارڪيٽ ۾ گهمندي، طارق ۽ هريءَ مونسان هڪ ”راز“ سليو هو، اهو راز جنهنجو سڌو سنئون منهنجي ذات سان تعلق هو. ڪڪڙ وانگر ڦڙڪيون هڻڻ بدران، پاڻيءَ وانگر ايامڻ بدران، مون ٻڌو ان - ٻڌو ڪري ڇڏيو. ٻئي يارڙا مونکي وري به ”ڇيرا“ ڏيڻ لڳا. مونکي پوءِ به ڏنڌين آڱريون نه آيون. مونکي پوءِ به ٿامڻي نه وئي وٺي، ڪين وراڻيم: ”جنهن جو اوهان نالو ٿا ڪٺو، اهو مون لاءِ اٿين نٿو ڇئي سگهي. هُو مونسان اٿين آهي، جيئن ڇار

جو وڻ ڪيترن ئي ڇتن ۽ پوٽن کي پاڪر ۾ جهليو بيٺو هوندو آهي. ڇرچو سمجهي، لڳايل ان تهمت کي مون پنهنجي تي اجلائي ڇڏيو هو.

طارق مونکي ايترو تہ ويجهو سمجهڻ لڳو هو، جو سهڻيءَ ۾ ڇپجندڙ شاعريءَ وارو سيڪشن طارق منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو هو. هڪ دفعي سچا سارا بہ بنديل شاعريءَ جا منهنجي حوالي ڪيائين، جن مان معياري شاعري، خاص ڪري نئين ٿهيءَ جي تخليقن جي چونڊ ڪرڻ، مون لاءِ مسئلو ٿي پيو هو. مونکي اجازت هوندي هئي تہ يونيورسل وارن وٽان ڪمپوز ٿيل مواد حاصل ڪري، پروف ريڊنگ ڪانپوءِ سڌو سنئون ڪين ئي پهچرايان.

رات جو ساڍي ڏهين وڳي ڏاران مانواري علي احمد بروهيءَ جو فون آيو تہ طارق اشرف دل جي تنڻ ڪري پرنس ڪامپليڪس واري فليٽ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي. ان وقت مان گهر ۾ موجود ڪونہ هئس. ٿوري جهٽ ڪانپوءِ مان جيئن ئي گهر پهتس تہ منهنجو پٽ سليم دروازي تي بيٺو هو، جنهن ٻڌايو تہ بابا، اڄ اوهان لاءِ ڏاڍي صدمي واري خبر آهي. بس، پوءِ تہ سڌو سنئون پنهنجي دلگهرئي دوست انعام شيخ وٽ هليو ويس، جيڪو منهنجي پرسان معمار ڪمپليڪس ۾ رهندو آهي، جتان پوءِ اڌ ڪلاڪ اندر بروهي صاحب وٽ پهتاسون ۽ ائين اچي طارق جي ٿڌي ٿي ويل لاش تي بہ ڳوڙها ڳاڙياسين. ان ڪانسواءِ وڌيڪ ڪريٰ بہ ڇا ٿي سگهياسون! اهو طارق اشرف جو بہ ڪلاڪ اڳ انعام شيخ سان ڪچهري ڪري، پرنس ڪمپليڪس پهتو هو. بروهي صاحب سان گڏ "جاڳو" اخبار جو سرواڻ ف م لاشاري بہ موجود هئو. طارق جو گهريلو نوڪر ڪڪو غلام الرسول پنهور بہ هيو، جيڪو ڪنهن ضروري ڪم سانگي طارق سان ملڻ لاءِ حيدرآباد کان آيو هو، جنهن طارق سان نہ ملي سگهڻ ڪري، مون وٽ ئي طارق لاءِ انتظار ڪرڻ مناسب سمجهيو هو.

هند ۾ طارق اشرف جو بحيثيت ڪهاڻيڪار توڙي سهڻيءَ جي حوالي سان ڏاڪو جميل ڏنم. شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۾ "شاهہ بابت ڪجهہ اهم ڳالهيون" جي عنوان سان طارق جي پڙهيل مقالي تي ايترو تہ ڳالهايو ويو هو جو منهنجي خيال مطابق اهڙو بحث مباحثو ٻئي ڪنهن جي بہ مقالي تي نہ ٿيو هو.

منهنجي ڄاڻ مطابق هن وقت تائين طارق جا جيڪي ڪتاب پڙهندڙن تائين پهتا آهن. انهن جو وچور هن ريت آهيٰ: سونهن، پٿر ۽ پيار، جيل گهاريم جن سان، جيل ۾ ٻاويهہ مهينا (بہ حصا) اڌ ملاقات، زندگيءَ جو تنها مسافر، ميرو ڏاڙيل، هٿين هٿ ڪڙول، انٽرويو ۽ درد جا ڏينهن ۽ درد جون راتيون.

طارق اشرف کي پنهنجن دوستن ۽ پڙهندڙن کان بہ شڪايتون رهيون آهن. ان قسم جا ڪيترائي دفعا اچي مونسان پڻڻا پتيائين. هڪ دفعي ٻڌايائين تہ سنڌ سرڪار ۾ هڪ بہ اهڙو بہ اديب دوست آهي، جيڪو ڪرسيءَ تي ويهڻ کانپوءِ آفيسر وڏيڪ ۽ اديب گهٽ تو لڳي. ڪڏهن ڪڏهن تہ دفتر ۾ هئڻ باوجود بہ ملاقات جو شرف نتا بخشين. اهڙن دوستن لاءِ ٻڌايائين تہ ڪو وقت هوندو هو، جڏهن اهڙا اديب دوست اسان وانگر رستن جي مٽي ڇڻيندي ڏٺا ويندا هئا. تڏو ساهہ پري، چوندو هو:

”تاجل! ڏس تہ ڪرسي ملڻ کانپوءِ ڪيئن نہ ماڻهو پنهنجي ماضيءَ کي وساري ٿا ڇڏين! حيف اٿن اهڙي نوڪريءَ ۾ سُڌن جاهلپڻي تي.“ هڪ ڏينهن ٻڌايائين تہ اهڙا بہ نام ڪنيا، اديب دوست آهن، جيڪي اڳ تہ ڏاڍا ڇڳيرڙا هوندا هئا، پر هاڻي ڪنڌ ۾ ڪنهن ڪلي هٽي ڇڏي اٿن. هو وس ۽ وسيلن وارا آهن. سندن سهڪار رڪجي وڃڻ ڪري، سهڻي مهينن جا مهينا ليٽ ٿيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن اديبن ۽ شاعرن جا بہ قصا ڪهاڻيون ڪولي وهندو هو. چي: فلاڻو شاعر آمريت ۾ جمهوريت ۾ ڪوبہ فرق نہ ڪندو آهي. ادبي تقريرن جو تجزيو ڪري ٻڌائيندو هو تہ فلاڻي اديب يا شاعر جي تقرير ۾ 10 سيڪڙو بہ ادب ڪونہ هو. رڳو سياست ۽ پاڻ - وٽائڻ جون ڳالهيون هيون، وغيره.

اهو منهنجو ايمان آهي تہ طارق جيڪو چئي ويندو هو، ان ۾ صداقت ئي هوندي هئي. هي اهو سچار ۽ بي ڊپو اديب هو، جنهن جي ڪنهن بہ نڪتي کي چئلينج ڪرڻ، پاڻيءَ ۾ لنين هڻن برابر هو.

طارق اشرف سان پنج سال کن ويجهو رهڻ ۽ سهڻيءَ کي نئين سج نئين روپ وٺائڻ وارين طارق جي حڪمت عملين تي نظر وجهڻ کانپوءِ طارق اشرف لاءِ مان هئين ئي چئي سگهان ٿو:

(1) ادب جي نون قدرن، تبديلين ۽ نئين ٽيڪنالاجيءَ کي سامهون رکي، هرڪو تخليقار پنهنجن تخليقن ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ جي ئي ڪوشش وٺندو آهي. ادب ۽ اشاعت جي نين تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ طارق اشرف فرد سان گڏ اداري کي بہ ان قسم جي تبديلين مان گذارڻ جا جتن ۽ جاکوڙون ڪيون. سهڻيءَ کي ادب ۽ شعر جا ڳهہ، ڳنا پارائي، گيگر ۽ اطلس جا جوڙا اوڍائي ڏورن ڻائين عاج جا چوڙا چاڙهائي، نرڙ تي ڏينپوڙيون هڻائي، مٿي تي ٽر جي چني پهرائي، طارق هر دور ۾ پڙهندڙن کي موهيندو رهيو.

(2) سهڻيءَ جي حوالي سان طارق اشرف جو موت هڪ اداري جو موت آهي، هڪ تحريڪ جي پڇاڙيءَ جو وڇندڙ گهنڊ آهي. سهڻي ميهار سان گڏ درياهه جي لهرين ۾ لوڏن حوالي ٿي وئي.

(3) طارق اشرف ادب ۾ اشاعت جي ميدان ۾ هڪ بهادر ۽ باضمير سپهه سالار هو.

(4) اسان سنڌ واسين (خاص ڪري هوندءِ وسيلن وارا اديب دوست) سندس حياتيءَ ۾ تيچ برابر، به قدر نه ڪيو. طارق ته پنهنجا ڏکيا سکيا ڏينهن گذاري رمندو رهيو، هزارين شڪايتون دل ۾ دفن ڪري ويندو رهيو، پر سهڻيءَ کي به لهرين ۾ لوڏن ۾ ڏسي، اهي هوند وارا روپئي سان راندين ڪرڻ وارا اسانجا اديب ۽ شاعر واويلا ۽ وڇوڙي جا به اکر لکي، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپرائي، ڪنڌ هيٺان ٻانهن ڏئي، سمهي پوندا. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي ۽ سنڌي لئنگيويج اٿارٽي ۽ وفاق جي ڪلچر کاتي ۾ هن قسم جي ڪابه اميد رکڻ ٻٻرن کان ٻيرن گهرڻ جي برابر ٿيندي. هان، ٿي سگهي ٿو ته سنڌ ڪلچر ۽ شيخ سلطان ٽرسٽ وارا سهڻي ۽ طارق جي پونئرن جي ڪا سار سنڀال لهن، ڪو جس کٽن.

(5) مزاحمتي ادب اشاعت هيٺ آڻڻ ۾ هن وقت تائين طارق اشرف جو ڪوبه ثاني پيدا نه ٿي سگهيو آهي. طارق اهي گس گهڙيا، جن تي هلندي اسان وقت جي حاڪم سان اکيون اکين سان ملائي، سچ چوندا رهيا آهيون.

(6) طارق اشرف پنهنجو گهر جلائي سنڌي اديبن جي دلين کي روشن ڪندو رهيو. سنڌ وارن کي گهٽو ڪجهه ڏئي ويو. سنڌ وارن فقط طارق جي لاش کي ڪلهي ڏيڻ ۾ ئي پنهنجي عاقبت سمجهي.

(7) طارق جو موت هڪ عظيم الميو آهي، سنڌ جي ڪير - ٿر ۽ ڪپري ڪانوڻي اجمير، الهاس - نگر، بمبئي ۽ ڀوپال تائين، اسانجي بي قدري جڻ ته طارق جي غير فطري موت جي گواهي پئي پيش ڪري، جنهن ڪانپوءِ هر چوواٽي تي سهڻي ۽ طارق جا لاوارث لاش ٿياس تي ٽنگيل نظر اچي رهيا آهن. جيستائين ڌرتيءَ جي هن گولي کي ماڻهن سميت تباهه نه ڪيو ويندو، تيستائين طارق زنده رهندو. اوير ۾ پارت، ڏکڻ ۾ دوارڪا ۽ عربي سمنڊ، اولهه ۾ بلوچستان ۽ قتل سلڪ روٽ ۽ اتر ۾ پنجاب سان ملندڙ هن سنڌ - ساٽيهه کي جيستائين ڪو سامراجي مانگر مڇ ڳيت ڏئي ڳڙڪائي نه ڇڏيندو، تيستائين سهڻي طارق اشرف زنده رهڻا آهن.

(8) ”عوامي آواز“ جي 16 -اپريل 1992ع واري شماري ۾ پهرئين صفحي تي طارق اشرف جي آخري سفر واري تصوير ڪي ڇتائي ڏسڻ سان نه رڳو طارق ننڊ ۾ ستل تو لڳي، پر ڇپن ڪان سندس اکين تائين مرڪون ٽي مرڪون ڦهليل ٽيون نظر اچن، هو ڪلي تو پيو: اسان هاڻي به ڏسي سگهون تا، هائو، طارق زنده آهي.

(10) طارق اشرف ڪي سهڻيءَ جي سوداءَ ماريو آهي. موت ڪان هڪ ڏينهن اڳ ۽ موت واري ڏينهن به طارق چيڪن وٺڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو، مگر ”سهڻ چنگهان ٽي، چوٽون پڇ.“ موت ڪان هڪ ڏينهن اڳ طارق جي ڊرائيور عزيز اچي ٻڌايو ته سياڻي طارق ڪيس پنج هزار روپين جو چيڪ لکي ڏيندو ۽ سهڻي ڇپائيءَ لاءِ موڪليندا سون.

مٿين خوبين واري انسان جي زندگي بيشڪ قومي سرمايو هجي ٿي ۽ سندس موت هڪ فرد جو نه، پر هڪ اداري جو. طارق اشرف ادب ۽ اشاعت جي ٻيڙي جو سڪاڻي هو، ناکو نگهبان هو. جنهنجي ٻيڙي ۾ ونجهه هلائيندڙ وانجهي به هئا ته بنا پتڻ درياه پار ڪندڙ مسافر به. اڄ اهو ٻيڙو بنا ناکئي جي مسئلن جي طوفان ۾ وڪوڙيل آهي. اسان ڏسون پيا ته ان ٻيڙي جا ڪوها، سڙه ۽ سڪاڻ ٽڪرا ٽڪرا تي چڪا آهن، جيڪو چڪڻ جي چوٻول ۾ ڇتين ڇولين جون سٽون سهندو اچي آجهار ۾ آيٺ ۾ قاتو آهي! ادب ۽ تحريڪ جو هڪ ڏار ٽٽي پيو آهي، جنهن جو جهٽڪو وڻ پاڙن تائين محسوس ڪندو آهي. هڪ ٻڙ جو وڻ آهي، جيڪو ڪناري تان اکوڙجي، ڪنن ۾ ولوڙجي، لهرين لهوارو ٿيو آهي.

لاڙيچيءَ مالها جو موتيءَ داڻو

محمد خان مجيدي

محمد خان مجيدي سنڌ جي آڱرين تي ڳڻجندڙ انهن شاعرن ۾ شامل آهي، جن جو وڏي ۾ وڏو آدرش سنڌ ۽ سنڌيت رهيو آهي. عبدالڪريم گدائي، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، زخمي چانڊيئي ۽ سرڪش سنڌيءَ وانگر، مجيدي صاحب به مزاحمتي شاعرن جو سرواڻ آهي، ته زمين جي جنهن خطي ۾ حق تلفيون ۽ حقن جي لتاڙ ٿيندي هجي، اتي مزاحمتي شاعري محمد خان مجيديءَ جهڙي شاعر جي سيني تي ڏيئن ۽ ڪانڊيرن جيان ڦٽي پوڻ لازمي امر آهي. جا حالت شاعر جي ننڊ ڦٽائي ڇڏيندي آهي.

محمد خان مجيديءَ پنهنجي سڄي زندگي سنڌ ۽ سنڌيت جي خدمت ۾ گذاري. هن پنهنجيءَ ماتا سانڻ جي رکيل پوري نالي محمد خان مجيديءَ کي ادبي نالي طور ڪم آندو.

پاڻ ذات جو جتوئي بلوچ ۽ سندس جنم ميرانپور (جهوڪ شريف) جي لڳ، ڳوٺ قيصر خان جتوئيءَ ۾ سال 1918ع ۾ ٿيو. شاعريءَ جي شروعات 1938ع ۾ ڪيائين. سندس پيٽ گذاري جو ذريعو تعليم کاتي ۾ استاد هجڻ رهيو.

روزانه هلال پاڪستان ۽ سندس شعري مجموعي "منهنجي متي آهي" موجب محمد خان مجيديءَ جو پهريون مجموعو "سنڌڙي ۽ ان جون ذاتيون" 1962ع ۾ ڇپيو. عجيب اتفاق نه. پر هڪ سنو سنوڻ ڇئبو ته محمد خان مجيديءَ جون پنج ڳالهيون منهنجي زندگيءَ جي سفر سان ملن جلن ٿيون. هونءَ به وڏڙن جي پيرن جا نشان وٺي هلڻ، خوشقسمتي سمجهڻ گهرجي. اهڙن پنجن حقيقتن مان هڪ جتوئي ذات آهي. جو منهنجو ادبي استاد ۽ رهبر استاد حڪيم الله آندو ذات جو جتوئي هو. ننڍپڻ ۾ ويهين صديءَ جي چاليهين ڏهاڪي ۾، جنهن مسجد جي پيش امام پهريون ديني سبق ڏنو هو، ان جو نالو محمد خان هو. ٽين هڪ جهڙي ڳالهه استاد يا ماستر هجڻ آهي. جو مئٽرڪ

پاس ڪرڻ ڪانپوءِ پهريون پيرو نوڪري مونکي انگريزي ماستري ملي هئي، پوءِ ستن اٺن سالن ڪانپوءِ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي چونڊجڻ سان سائيڪل (ڪل گهوڙو) ڇڏڻو پيو هو. چوٿين ڳالهه سال 1938ع جو آهي، جڏهن مجيدي صاحب شعر چوڻ جي شروعات ڪئي هئي، جو سال منهنجي جنم جو سال آهي.

آخري ملندڙ جلندڙ حقيقت 1962ع واري سال جي آهي، جنهن ۾ مجيدي صاحب جو پهريون شعري مجموعو ڇپيو هو. ۽ منهنجي هٿن ۾ پيرن کي ان سال ميندي لڳي هئي.

انٽيهن سالن جي وڏي وٿيءَ، ڪانپوءِ مجيدي صاحب جو ٻيو شعري مجموعو "مٺي منهنجي مٺي آهي" جي نالي سان 400 صفحن تي ڦهليل هئڻ جي ڪري چڱو خاصو ضخيم مجموعو آهي. جنهن ۾ اعليٰ قسم جا قومي نظم آهن. ٻڌايو وڃي ٿو، تہ "ملهہ مهانگا ماڻهو" ۽ "ساڍي ست ورهي" اڻ ڇپيل مجموعا بہ مجيدي صاحب پنيان ڇڏي ويو آهي.

مجيدي صاحب پنهنجي چار ڇمار سنڌ ساٿيهہ کي اربي ڇڏي هئي، جنهن لاءِ سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ ماڳ مڪان کي هو پنهنجو ئي سمجهندو هو. سندس شاعريءَ ۾ سماجي ڪارج پلئون پل آهي. اسان مجون ٿا، تہ سندس شاعري سماجي، معاشي، اصلاحي، سياسي ۽ سائنسداني ۽ تبديلين يا انقلاب لاءِ رچيل آهي. اُن ڪري، يورپي ملڪن جي مجتا موجب، اسان جو مجيدي صاحب بيشڪ وقت جي سائنسدانن حڪمرانن جو نقيب يا رهنما ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪن شاعرن ۾ ڪي خاص خوبيون يا خاميون گهر ڪري ويندريون آهن، ڪي شاعر اهڙا بہ ٿي گذريا آهن، جي مهمان يا ملاقاتيءَ کي دروازي تان ئي موٽائي ڇڏيندا آهن، تہ وري ڪي زبان جي پاڪائي ۽ مناڻ ۾ گار گند وارو زهر ملائي، زبان کي سينواريندا رهندا آهن! ان جي ابتڙ، محمد خان مجيديءَ ۾ هيٺيون مثالي خوبيون ملن ٿيون، جن کي اسان نہ رڳو ياد ڪندا رهنداسون، پر اهڙين خوبين تي عمل بہ ڪندارهنداسون.

(1) هو جڏهن بہ ڪنهن نئين شاعر سان ملندو هو، تہ خوشيءَ جي اظهار سان گڏ، موقعو ڪڍي ان شاعر جي مائٽن سان ملي، ڪين چوندو هو، تہ اوهان کي لک لک مبارڪون هجن، جو اوهان وٽ شاعر پيدا ٿيو آهي.

(2) ادبي حلقن ۾ مشهور آهي، تہ شعوري توڙي لاشعوري طور، مجيدي صاحب ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو.

(3) هو شعر ذريعي ظالم کي ظالم ۽ چور کي چور چئي ڏيندو هو.

(4) موت جي بستري تي جي سنڌي ڪائونس پيچ نہ ويا هئا، انهن جي شڪايت ڪرڻ بدران، هيئن چوندي ڪين معاف ڪري ڇڏيائين، تہ سنڌين جا متس بي انت ٿورا آهن.

(5) ويندي، ويندي لاڙ جي قداور شاعر سرويچ سجاولي کي ياد ڪندي، ڪيس سنڌ ۽ سنڌين جي پارٽ ڪري ويو. جنهن صدمي ڪري، سرويچ اڃان سوڙو حال هيٺو آهي.

(6) محمد خان مجيدي جو بہ لکيو، اهو سنڌو، سنڌ ۽ سنڌين لاءِ لکيائين، انڪري جنم يومي سنڌ هڻ لاءِ وڏي ۾ وڏو آدرش (Ideal) رهيو آهي.

آخر ۾، نموني طور، محمد خان مجيدي جي ٻن نظمن جا ٻہ، ٻہ بند ڏجن ٿا:

مون پاڻ ۾ توکي ڏٺو:
مون ساهہ ۾ توکي ڏٺو
ويساهہ ۾ توکي ڏٺو،
مون چاڻ ۾ توکي ڏٺو
اهڃاڻ ۾ توکي ڏٺو
مون پاڻ ۾ توکي ڏٺو
مون ڪنڊ ۾ توکي ڏٺو
سرڪنڊ ۾ توکي ڏٺو
مون چنڊ ۾ توکي ڏٺو
چانڊاڻ ۾ توکي ڏٺو
مون پاڻ ۾ توکي ڏٺو

هي تان ٿاٽو بولاخان

جنهن جي وادي واهہ حسين، جنهن جي سهٽي صاف زمين
جنهن جي مٽي باتسڪين، جنهن جي ڌرتي زور زرين
جنهن جو پنهنجو پاڻ جهان، هي تان ٿاٽو بولاخان
جنهن سان هاڙهي، پٻ جو پيار، جنهن کي هار وجهي هالار
جنهن جو ڪارو (1) چوڪيدار، جنهن کي ڪانيءَ جي ديوار
جنهن جو بار گٽي باران، هي تان ٿاٽو بولاخان

(1) ڪارو بہ، ٿاٽي بولاخان پٽيءَ ۾، هاڙهي، پٻ، هالار ۽ ڪانيو جبلن جيان هڪ جبل آهي.

سُر جو سفير ۽ لياريءَ جو لال

عبدالله ڪيچي

عبدالله ڪيچيءَ سان منهنجي دعا سلام هتي ڪراچيءَ ۾ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان ٿيندي، وچي شير شاهه ۾ واقع گراموفون ڪمپنيءَ (E.M.I) جي رڪارڊنگ تي پهتي. مون اهي رڪارڊ سنڀالي رکيا آهن، جي نه فقط عبدالله ڪيچيءَ جي آواز ۾ آهن، پر استاد محمد جمن، استاد محمد يوسف، مصري فقير، عذرا رياض، عابده پروين، فقير عبدالغفور، گلشن علي زنگيجي، انور وسطڙي، فوتي زرداري، غلام الرسول لوهار، سيد سليمان شاهه ۽ عبدالله پنهور جي مڌر ۽ الهامي آوازن ۾ مون وٽ موجود آهن. اهي رڪارڊ منهنجي زندگيءَ جو اڻ ملهيو سرمايو آهن، جن کي رڪارڊ پليئر تي وڄائي، جڏهن ٻڌي ياد تازي ڪندو آهيان، ته لڳندو آهي، ڄڻ عبادت ڪري، دعا گهرڻ لڳو آهيان.

عبدالله ڪيچيءَ جي آواز ۾ مون وٽ ٻن رڪارڊن جو هڪ، هڪ پاسو آهي، جي آهن:

"ڄام تماچي آيو، مهاڻن جي ماڳ تي"

۽ ٻيو آهي:

"جهليو ڪين جيڏيون، گهڙان پاڻ گهوري"

رڪارڊن تي 1976ع سال لکيل آهي، ۽ ان کان اڳ 1975ع ۾ اي ايم آءِ وارن هن ئي بستيءَ ۾ رهندڙ عبدالله پنهور جي آواز ۾ منهنجا هيٺيان ڪلام رڪارڊ ڪيا هئا:

"لاهيان ڪيئن لڱن تان، عمر! لالَ لوئي"

۽ ٻيو ڪلام آهي:

"اديون! رات انڌا، اتاري هليا ويا"

عبدالله ڪيچي ڪڏهن، ڪڏهن پاڻ قرب جا قدم ڀري، مون وٽ گارڊن روڊ تي واقع منهنجي سرڪاري گهر ايندو هو، ته ڪڏهن گبول پارڪ ڀرسان

مان سندس گهر ويندو هيس، ۽ ائين هارمونيم جي سرن توڙي ذاتي دعا سلام جي حوالي سان پيون روح رڇنديون ٿينديون هيون.

مان تازو جڏهن اسلام آباد کان بدلي ٿي، هتي ڪراچيءَ پهتو هئس تہ اسانجا بہ پيارا فنڪار مونسان منهنجيءَ آفيس ۾ ملڻ آيا هئا، جي هئا: ماسٽر اياز علي ۽ عبدالله ڪچي. هڪ يارڙو ڌرتيءَ ماتا جي گود ۾ وڃي ستو، ۽ ٻئي لاءِ دعا آهي تہ منهنجي بہ باقي عمر سندس ياڳي ۾ اچي:

عبدالله ڪيچي ۽ اياز عليءَ جا اهڙا ڳڻ وسارڻ سان بہ نہ وسرندا آهن. سچ چيو اٿن تہ هرڪو پنهنجن وچ ۾ ٺي سٺو لڳندو آهي، ان ڪري هي يارڙا آفيس ۾ مونکي بہ سٺا لڳندا هئا. اهڙا فنڪار هڪ - ٻہ نہ پر، سو - ڳٺا سڏبا آهن.

راڳ ۽ ويراڳ اسانجو ورثو ۽ قومي سرمايو آهي. ڪو فنڪار وڇڙي ٿو وڃي، ڄڻ لطيف جي تنبوري جي تار ٽي ٽٽي پوي. استاد منظور علي خان، استاد گلزار علي خان، ماسٽر محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، استاد محمد يوسف ۽ مصري فقير اهڙي ملڪ ويا. جتان ڪوبہ واپس نہ وريو آهي، تہ مٿان عبدالله ڪيچي، هٿ هٿ ۾ ملائي، اسانکان وڇڙي ويو.

عبدالله ڪيچي نہ رڳو سنڌ جو فنڪار هو، پر هو پنهنجي نرالي سريلي آواز ۽ ڪيچي هئڻ جي حوالي سان ڪڇ پڇ جو بہ فنڪار هو. هونءَ بہ فنڪار ڪنهن هڪ خطي جو نہ، پر پوريءَ ڌرتيءَ جو سرمايو هجي ٿو.

عبدالله ڪيچيءَ وٽ سرن جي تقسيم بہ خوبصورت هئي. ميند راڳ جي اها خوبي آهي، جيڪا سارنگي، فلوٽ ۽ ستار ۾ ٿيندي آهي، پر هارمونيم ۾ ٿئي ئي ڪانہ. عبدالله ڪيچي اسانجي انهن فنڪارن مان هو، جيڪي هارمونيم جي ٻن، ٽن سرن کي هڪ ئي وقت ڇهي، ميند جو پورائو ڪري، راڳ ۾ مڌرتا پيدا ڪندا آهن.

هڪ دفعي سنڌ ۾ ڀارت کان هڪ پنڊت آيو هو، جو راڳن بابت ڪوجنا ڪري رهيو هو. استاد محمد جمن کان سوال ڪيائين تہ علم موسيقيءَ ۾ ست سر - سا، ري، گا، ما، پا، ڌا، ني - آهن، پوءِ انون سر يعني ٽيپ سا، ڇو ٿو لڳايو وڃي؟ استاد محمد جمن جو جواب هو تہ جيڪڏهن انئي سر نہ لڳائبا تہ تال مڪمل ٿيڻ کان رهجي ويندو، جنهن ڪري سرگم، تال ۾ پورو نہ ٿيندو. انين سر لڳائڻ سان اٺ گر ماترائون پوريون ٿين ٿيون، يعني تين تال مڪمل ٿو ٿئي، جيڪو سرگم جي انن رڪنن يا سورنهن ماترائن جو ٺيڪو آهي.

استاد محمد جمن جو جواب ٻڌي، ان پنڊت استاد جمن واري ٺُي انداز سان ساٽس تاڙو ملايو هو.

ڏنو ويو آهي تہ ريڊيو ڪراچيءَ تان ڪيترا رڪارڊ ڪرايل ڪلام گم ٿيندا پيا وڃن، جن ۾ منهنجا بہ اڪيچار گيت ۽ ڪافيون شامل آهن.

منهنجا ڪلام نہ رڳو اي ايم آءِ ڪمپنيءَ ۾ عبدالله ڪيڇيءَ جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيا هئا، پر ريڊيو تي بہ ساڳن ٺي آوازن ۾ رڪارڊ ڪيا ويا هئا. ڪڏهن، ڪڏهن عبدالله ڪيڇيءَ جي آواز ۾ پياري نور محمد بالا جو ڪلام:
مقدر سان مليو مونکي، منو منتار محفل ۾" ٻڌي وٺندو آهيان، ۽ هان ڪڏهن، ڪڏهن عبدالله پنهور جي دردیلي آواز ۾ "مونکي ماروئڙن جون ڳالهيون ياد پون" بہ ٻڌندا آهيون.

عبدالله ڪيڇي پنيان ست پٽ ۽ ٽي نياٽيون ڇڏيون آهن، جن مان عبدالله جي زندگيءَ ۾ ڪنهن هڪ جي بہ هٿن کي ميندي نصيب نہ ٿي سگهي. عبدالله جا ٻار اوهان ۽ اسان جون نياٽيون ۽ پٽڙا آهن. ڪلچر ڪاتو اسانجو پنهنجو ڪاتو آهي، جنهن ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ ملازمن کي عبدالله ڪيڇيءَ جهڙن فنڪارن تي فخر هئڻ گهرجي. اسان ڪلچر ڪاتي جي وزير ۽ سيڪريٽريءَ کي پرزور اپيل ٿا ڪيون تہ هو عبدالله ڪيڇيءَ جي نالي ماهوار وظيفو مقرر ڪري سندس ڪٽنب کي هر مهيني ادا ڪرڻ جو انتظام ڪن ۽ سندس جوان ٻارڙن کي سهاڳ ماڻڻ ۾ بہ جوڳي سهائتا ڪن ۽ ان سان گڏ وفاق جي ڪلچر منسٽريءَ وٽان بہ ماهوار وظيفو ڏيارڻ ۾ سنڌ سرڪار، خاص طور چيف منسٽر ضروري اپاءَ وٺڻ ۾ مدد ڪري.

ڳل چنو ڳرنار جو

اُستاد نيازِ حسين خان

گواليار ڪلاسيڪي راڳ جي سرزمين رهندي آئي آهي، جتي راڳ - ديوي گواليار جي مانائتي گهراڻي تي موسيقيءَ جا گل نڇاور ڪندي رهي آهي. راڳ ديوي رابيلي گلن جا گجرا ٺاهي، گواليار جي مائرن کي آڇيندي آهي، جي مائرون استاد منظور علي خان، استاد ٻيبي خان، استاد نياز حسين خان، فدا حسين، ظفر علي، فتح علي، وحيد علي، رجب علي، نذر حسين، مظهر حسين ۽ ذوالفقار عليءَ جهڙن فنڪارن ۽ استادن کي جنم ڏيئي، پاڻ ٻـ امر ٿي ويندي آهن.

موسيقي يا راڳداريءَ کي انگريزيءَ ۾ ميوزڪ (Music) چيو ويندو آهي، جيڪو لفظ Muse مان ورتو ويو آهي. اسان جيڪڏهن قبلِ مسيحائي يوناني ڏند ڪٿائي علم (Mythodology) تي نظر وجهنداسون، تہ اصل لفظ "Muse" ملندو، جنهن کي شاعري ۽ لطيف فن Fine Art جي ديوي سڏيو ويو آهي، جا زيوس (Zeus) جي خوبصورت نون ڌيئرن مان هڪ ڌيءَ آهي. اهو ئي سبب آهي، جو دلين تي راڄ ڪندڙ ان ديويءَ کي شاعريءَ ۾ روح چيو ويو آهي. دراصل، ان قسم جي هر هڪ ديويءَ (goddess) کي ڪنهن نہ لطيف فن تي حڪمراني ڪندڙ شهزادي سڏيو ويو آهي. ان حوالي سان استاد منظور علي خان، استاد ٻيبي خان ۽ استاد نياز حسين خان تہ چولو مٽائي، وڃي پنهنجي اصل ماڳن مڪانن تي رسيا آهن، پر پوءِ بہ اسان وٽ سندن ڇڏيل نشانڙيون مظهر حسين ۽ ذوالفقار علي وڏڙن جي نالي روشن ڪرڻ لاءِ سنڌ - ماتا جي آتما سر ۽ سنگيت جي خوشبوءِ آڇيندا ئي رهن ٿا. جڏهن هو ڳائيندا آهن، تہ دلين جي صحرائن کي لڪيءَ جي سدا بهار چشمن سان سيراب ڪري ويندا آهن. سنڌ - ڄاوا اهي شال وٽن مان وٽڪار جو درجو ماڻين، جئين تڪل مسافر سندن ڇانوَ ۾ ڪا گهڙي ٽڪُ پنجي، وري پنهنجو سفر جاري رکندا رهن.

چيو ويو آهي تہ موسيقي روح جي غذا آهي، جا روح کي فرحت ۽ تازگي بخشيندي رهي ٿي، انسان جي ذل ۾ ٻئي انسان لاءِ محبت پيدا ڪري ٿي. اهو زمانو بہ هيو جڏهن يوناني حڪيم يا ويڄ کي سند

(Certificate) ملندي ٿي، تڏهن هئي، جڏهن هو پيِن پيپرن سان گڏ، موسيقيءَ وارو پرچو بہ پاس ڪندو هو. هندو ڌرم ۾ تہ ڳائڻ وڄائڻ عبادت ۾ شامل آهي، ايتري قدر جو هندو ڪرشن، ٺاڪر، رام، سيتا ۽ لڇمڻ جي شان ۾ ڀڄن ۽ اشلوڪ ڳائيندا آهن. هونءَ بہ ڏٺو وڃي تہ قدرت هر آواز ۽ عمل جو بنياد موسيقي ۽ موسيقيءَ جي لئي تي رکيو آهي. آبشارن ۽ مينهن جي وسڪاري کي غور سان ٻڌبو تہ گهنگهروءَ جا ڇمڪا ۽ باجي جي لئي محسوس ٿيندي. ڪبوتر، ڪونج، ڪويل، ڳيرڙين ۽ تترن جي ٻوليءَ تي غور ڪبو تہ مقرر ٿيل رڪن يا ماترائون (Vowels) پنهنجي مقرر وقت اندر استائي يا انتري وانگر ٿي ختم ٿينديون نظر اينديون.

راڳداريءَ ۾ موسيقار يا مغني (Musician) جو اعليٰ ۽ اتم درجو ٿئي ٿو. راڳ جي دنيا ۾ گوّيا، پنڊت ۽ خانصاحب جو درجو ٿي تڏهن ملندو آهي، جڏهن موسيقيءَ جي ماهرن جا سبق نصيب ٿيندا آهن. اهي باجي ڏٺي ٿي پنڊت ۽ خانصاحب جو رتبو ڏياريندا آهن. جئين شاعر فقط تخليقڪار هوندو آهي ۽ پارکن (Critics) کي تخليقڪارن جو بہ تخليقڪار ٻڌجڻو پوندو آهي، اهڙيءَ طرح راڳ جي دنيا ۾ باجي - ڏٺيءَ کي بہ فنڪار جي مقابلي ۾ تخليقڪار جو تخليقڪار ٿيڻو پوندو. فنڪار فقط فنڪار آهي، پر موسيقار کي فنڪار سان گڏ فن جو ماهر بہ ٿيڻو ٿو پوي، جنهن لاءِ زندگيءَ جي رياض ۽ مشق جي ضرورت هجي ٿي.

استاد نياز حسين خان بہ زندگيءَ جي رياض سان هڪ فرد مان ادارو (Institution) ثابت ٿيو هو. جنهن جي ساز مان سر لهرين جو روپ وٺي نڪرندا هئا. هڪ اٿاهہ سمنڊ هو، جنهن جي پاتال ۾ سنگيت جا موتي سرجندا هئا. هارمونيءَ تي سا، ڪان ٽيپ سا واري پرپر يعني آروهيءَ تورڙي واپسيءَ يعني امروهيءَ ۾ استاد جون آڱريون باجي جي سرن تي رقص ڪنديون نظر اينديون هيون.

مندر سبتڪ ۽ مڌ سبتڪ استاد نياز حسين خان جي آڏو شطرنج جا مهرا هئا، جن کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائي، چلائي، موسيقيءَ جي راڄائن (Kings) کي شهہ ڏيئي، مات ڪندو هو. هارمونيم جا ڪومل ۽ تيور سر چڙهہ تہ استاد جي موسيقيءَ جي ميدان جا سپاهي هئا، جيڪي هر وقت استاد جي اطاعت ۾ سندس حڪم ۽ فرمان جو انتظار ڪندي نظر ايندا هئا. اهڙن فنڪارن ۽ مهان موسيقارن جي موت تي هڪ ڌرتي، ڇا ڪيئي ڌرتيون

ڏيندڙيون آهن. آسمان ۾ لرزش پيدا ٿيندي آهي ۽ ديسواسي پاڻ کي گهاٽي ۾ پيڙهبو محسوس ڪندا آهن.

مان جڏهن ڪراچيءَ جي گارڊن روڊ تي سرڪاري گهر ۾ رهندو هئس، ان وقت مونکي پنهنجي ڪلام کي ڇپائي پڌرو ڪرڻ بدران، ڪنهن فنڪار کان ڳارائڻ جو جنون جي حد تائين شوق هوندو هو.

منهنجو ڪلام ريڊيو، ٽي وي ۽ E.M.I گراموفون ڪمپنيءَ ۾ بہ رڪارڊ ڪيو ويندو هو. ان زماني ۾ ڪئسيٽ ڪلچر جو اڃا بنياد پئجي رهيو هو. E.M.I ڪمپنيءَ (جاهن وقت بند ٿي چڪي آهي) ۾ پنهنجو ڪلام مختلف فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ مونکي ماسٽر محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، بلاول بيلجم، استاد محمد حسن، اياز علي، فيروز دين، ظفر علي، عبدالله پنهور سان گڏ استاد نياز حسين خان جي ترتيب ڏنل موسيقيءَ جو بہ شرف حاصل آهي.

1979ع جي هڪ تارن ڀري رات هئي، جڏهن آفيسرس ڪالونيءَ ۾ منهنجي گهر جي ڊرائينگ روم ۾ استاد نياز هسين منهنجن ڪلامن، جئين تہ (1) ڪيڏا هٽڙا پئي رنگدار ڏنم (2) تنهنجون منهنجي اڳيان مجبور اکيون (3) نيهن ڪري نروار، عشق اسانجي اڱڻ تي آيو (4) دل ڪيئن دوست وساري ۽ (5) تون تہ ملندو رهندين خوابن ۾ جڙن ڏنون ڪمپوز ڪري رهيو هو ۽ لڙيءَ سومهڻيءَ عابده پروين استاد نياز حسين جي سامهون غاليچي تي ڏنن کي آلاپي رهي هئي، ڇاڪاڻ تہ سڀاڻي تي گراموفون (شيرشاهہ، ڪراچي) ڪمپنيءَ ۾ رڪارڊنگ ٿيڻي هئي. اڳ، ان قسم جي رڪارڊنگ ڇوءَ مان ٺهيل رڪارڊن ذريعي ٿيندي هئي، جا هاڻي پلاسٽڪ مان ٺهيل هلڪن رڪارڊن وسيلي ٿيڻ لڳي هئي.

اهي ساڳا پنج ئي نغما E.M.I رڪارڊنگ کان ٿورو اڳ عابده پروين استاد نياز حسين جي موسيقي ۾ هڪ شاعر ۽ هڪ فنڪار" واري ٽي وي پروگرام ۾ پيش ڪري چڪي هئي، جو پروگرام ممتاز مرزا جي قربتن جو ڪرشمو هو. ان قسم جا پروگرام، جن ۾ عذرا رياض جا ڳاتل پنج نغما بہ شامل آهن، ممتاز مرزا جي قربن ڪري ئي پيش ڪيا ويا هئا.

استاد نياز حسين خان جي موسيقيءَ ۾ E.M.I ڪمپنيءَ جا اهي رڪارڊ اڄ بہ منهنجي ساهہ ۽ ويساهہ جو سرمايو آهن. اهڙن ڳاتل نغمن جو تعداد ٻٽيهہ آهي، جي استاد محمد جمن، عابده پروين، فقير عبدالغفور،

محمد يوسف، عذرا رياض، مصري فقير، انور حسين وسطڙي، فوتي زرداري، عبدالله پنهوَر، عبدالله ڪڇيءَ، گلشن علي زنگيجي، غلام الرسول لوهار ۽ سليمان شاهه جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهن.

ڪراچيءَ ۾ وهايل انساني رت ڪان مان جڏهن گهبرائجي ويندو آهيان، يا محبت جي سامهون ڪو اچي نفرت جي ديوار کڙي ڪندو آهي، تڏهن مان رڪارڊ پليئر تي رڪارڊ وڄائي، نه رڳو ماضيءَ کي موٽائي وٺندو آهيان، پر اِن سان گڏ استاد نياز حسين خان جي يادن جي سڳنڌ ۾ سرهاڻ ڀسان دل کي وهنجاري سهنجاري، استاد کي دل ۾ وهاري، سندس هارمونيم تي ٻه گل رکي، اکيون ٻند ڪري، سندس وڄايل سرن ۾ گم ٿي ويندو آهيان ۽ مان جڏهن جاڳندو آهيان، ان وقت استاد نياز حسين خان جنت جي جهروڪن (Casements) ۾ ويهي سهڻي لطيف جي سر ڪلياڻ جي وائي:

"سيڪا پريان کي پوڇي، نيهن نيٽين ڳڻ ڳالهه وو" ٻڌي، مظهر حسنين ۽ ذوالفقار عليءَ کي داد ڏيڻ لڳندو آهي.

زيتونن جي خوشبو

ڪيهر شوڪت

ڪيهر شوڪت ڳوٺاڻي ماحول ۾ پيدا ٿيڻ ڪري، سنڌ جي بنيادي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ اهڙن مسئلن جي حل تلاش ڪرڻ جو هڪ ماهر ۽ انقلابي ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نگار هو. هو لاڙڪاڻي جي ٻهن، ڪوٽين، زيتونن ۽ سدا گلاب سڳداسي ڇانورن جي ڀاڳوند ڀونءِ جو رهواسي هيو. ان ڪري هن جو بہ لکيو، اهو ”فن جو زندگيءَ لاءِ هجڻ“ ڪان وڌيڪ ”فن جو معاشي، فني، سماجي، انقلاب يا تبديلين لاءِ هجڻ“ بابت جاڪوڙ جو هڪ نادر مثال هو. ڪيهر شوڪت جي اسان وٽ ڇڏيل ادبي اثاثن ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو، پل تي ”وينٺل هڪ نوجوان“ ٽي ويءَ تي پيش ٿيل اردو سيريل جا ڊراما ”انتها“، ”سورج گرهڻ“ ۽ ”چمبيلي ڪي بيل“ ۽ بيدل مسرور جي محنتن جو ڦل ”رُڃ“ شامل آهن.

شوڪت جو لاڏاڻو هڪ عجيب معمو بڻجي اسانجي سامهون آيو آهي. مان نہ ٻڌو آهي، تہ ڪنهن جي ڳلي يا اک جي آپريشن ٿيڻ سان دل پنهنجو ڪم ڇڏي ڏيندي آهي، ۽ ماٺهو آخري هڏڪيءَ سان موڪلائي ويندو آهي. اهو غير منطقي عمل ائين آهي، جيئن ڪنهن وڻ جو ڏار وڍجي تہ وڻ جون پاڙون ڪنجي وڃن، ۽ وڻ اچي ڦهڪو ڪري.

هڪ انديشو هيءُ بہ آهي تہ ڳلي جي آپريشن ڪانپوءِ ڇون ٿا تہ ڪجهہ ڏينهن مريض ڪي سنئون سڌو نہ، پر اونڌي ڪنڌ سمهڻو پوندو آهي، تہ جئين وهنڊڙ رت ساهہ جي ٻالين ڪي نہ بند ڪري ڇڏي، ۽ دل ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏئي. ان لاءِ ڊاڪٽرن جي مشوري سان گهر ياتين ۽ نرسين جي نگراني لازمي هوندي آهي. اهو بہ ٻڌو ويو آهي، تہ آپريشن ڪانپوءِ ڪيهر شوڪت ڪي بيهوشيءَ جون پنج، ڇهہ سيون بہ هنيون ويون هيون، جنهن لاءِ تي سگهي ٿو تہ ڪا انجيڪشن مدي خارج هجي، يا زهريلي ٿي وئي هجي، ان لاءِ اسانکي ڊاڪٽرن توڙي ڪيهرشوڪت جي هتي ڪراچيءَ ۾ موجود مائٽن وٽان معلومات هٿ ڪري، موت جو اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻو آهي. جنهن لاءِ بهتر ٿيندو، جيڪڏهن

سنڌي ادبي سنگت، سنڌ فنڪار وئيلفيئر ايسوسيئيشن ۽ سنڌ ڪلچرل ايسوسيئيشن جي سهڪار سان، هڪ جاچ ڪاميٽي جوڙي ، سنگت جي اينڊڙ گڏجاڻيءَ ۾ اهڙي رپورٽ پيش ڪرائي وڃي.

منهنجي ڇاڻ ۽ مشاهدي موجب، ڪراچي ٽيليويزن تان اڃان تائين ڪيهر شوڪت ۽ سندس فن جي وڊيو اسڪرپٽس جي انقلابي مورچي بنديءَ تي ڪو به پروگرام پيش نه ڪيو ويو آهي، هوڏانهن اهڙن هاڃن جو الائي ته ڇو سنڌ سرڪار به ازالو نٿي ڪري!

ڪيهر شوڪت سان منهنجي آخري ملاقات سندس آپريشن کان ٽي ڏينهن اڳ معمار ڪمپليڪس مارڪيٽ ۾ ٿي هئي، جڏهن مان هڪ مستريءَ وٽ بيٺو هوس، مون شوڪت، شوڪت پڪاري، ڪيس ٻيهاريو هو. ڪيس ٻڌايم، ته تازو سکر کان لاڙڪاڻي ويندي، سندس ڳوٺ کان لانگهائو ٿيندي، اسان ڪيهر ڳوٺ جو بورڊ پڙهي ڪيس ياد ڪيو هو، جنهن تي شوڪت يارڙو ڏاڍو سرهو پيئي ٿيو. شوڪت هڪ ٻن ڏينهن ۾ پنهنجي آپريشن ٿيڻ جو به ٻڌايو. هن ٻڌايو ته ڪئنسر کان بچڻ لاءِ ڊاڪٽرن جلديءَ ۾ جلدي آپريشن ڪرائڻ لاءِ مشورو ڏنو آهي. مون جواب ۾ ڪيس ٻاکر پائي، چيو هو: ڏٽي پلي ڪندو، ڪامياب آپريشن کان پوءِ تون وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي اسان سان ملندين ۽ ڪچهريون ڪندين.

پينا

تنهائيءَ ۾ هڪ، هڪ ڇڏيندو وڃي ٿو،
پنهنجي راهه هرڪو مٽيندو وڃي ٿو،
هزارن ۾ اهڙو به ڪو دوست آهي،
اڪيون بند، پوءِ به سڏيندو وڃي ٿو.

سڄو ڏينهن منهنجو سڏڻ ۾ ويو گذري
ويا جي، تني جي اچڻ ۾ ويو گذري
جڏهن منهنجي تخليق جو وقت آيو
اهو وقت ڳوڙهن اگهڻ ۾ ويو گذري.

منهنجي آتم ڪٿا جو رتائون منظر

زخمي چانڊيو

منهنجو جڏهن به لاڙڪاڻي شڪارپور ۽ جيڪب آباد وڃڻ ٿيندو آهي ته ڪچهري ڪندي مان جڏهن ننڍڙائپ جا ڏينهن ۽ گهميل ماڳ مڪان ياد ڪرڻ لڳندو آهيان ته درياهه پار جا اديب دوست، خاص ڪري لاڙڪاڻي ۽ پرپاسي جا رهواسي چوڻ لڳندا آهن ته تاجل، اسان هتي ڄاوا نپنا آهيون، پوءِ به هتان جون وستيون ۽ وٿاڻ ايترا نه ڏسي سگهيا آهيون، جيترا درياهه جي هُن پار جو ٿي ڪري، مون ڏٺا آهن.

ڪو وقت هو، جڏهن درياهه اڪري، پراڻي آباد، باقراڻي، علي آباد، منو جتوئي، سونو جتوئي، نئون آباد، جلاب جتوئي ۽ مهرن کان ٿيندا، اسان لاڙڪاڻي پڄندا هئاسون، وري لاڙڪاڻي کان جڏهن چانڊڪا جي ماڳن مڪانن ڏانهن اسهندا هئاسون ته ماچين جي ڳوٺ وليدن، مهي مڪول، بچل چانڊئي جو ڳوٺ، لشڪري، ڊيلار، رئيس پنيو خان چانڊيو، ڳوٺ رئيس قادر ڏني خان کان ٿيندا، وڃي نبي شاهه وڳڻ، واريا سو، چٽيءَ جي ڊِبِ، ڄڪراڻين ۽ شاهپور ميرو خان نڪرندا هئاسون. ڪڏهن ڪڏهن ٺاري وڏي ۽ اڏڻ سردارن جي محمد پور وڃي راتين جون راتيون ترسندا هئاسون. شهدادڪوٽ پرسان واقع رئيس اعتبار خان چانڊئي جي ڳوٺ ۾ ائين لڳندو هو، ڇو ته اسان: مان ۽ سيد حيات شاهه هن ئي ڳوٺ ۾ ڄاوا ۽ وڏا ٿيا هئاسون، ڇاڪاڻ ته هتان جا رئيس توڙي ڪامي ۽ ڪمدار اسان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا هئا، جو سلسلو اڄا به جاري آهي. هتان ٿيندا، پيا، هفتن جا هفتا ترسي، شهدادڪوٽ کان ريل گاڏي پڪڙي، اچي بهرام هينئين جي اسٽيشن تي لهندا هئاسون، جتان شهر کان ٻاهر واهه تائين ٽانگي ذريعي پهچي، اتان ڪچي پل اڪري، مان ۽ سائين حيات شاهه ٿيلها ڪلهن ۾ لٽڪائي سائين حيات شاهه جي ناناڻن وٽ ٺاري

وڏي پهچندا هئاسون ۽ اتين محمد پور پهچي اسان رئيس باقي خان لنڊ وارن وٽ ٻه وڄي ديرو دمائيندا هئاسون.

ريل گاڏين، لارين گهوڙن ذريعي ۽ پيرين پيادا اسان ايڏي مسافري ڇو ڪندا هئاسون، اچو ته ماضيءَ ۾ جهاتي پائي اڌ صدي اڳ جي هيءَ ڪٿا بيان ڪيون:

سائين منهنجا! قصو هن طرح آهي ته اسان جو ڳوٺ سنڌ جي پيراڻي روايتي درگاهه آهي، جنهن جو نالو درگاهه پير حيات شاهه آهي. ڳوٺ تعلقي سوڀيديري ضلعي خيرپور ۾ سوڀي ديري کان اٽڪل پنجن ڪلوميٽرن تي اتر ۽ اولهه جي ڪنڊ تي واقع آهي. منهنجي همعمر سائين حيات شاهه تي درگاهه تان ئي نالو پيل هو، جو وڏو ڀاءُ حيات شاهه پنهنجن ٻن ڀائرن، راڄن شاهه ۽ مبارڪ شاهه سان گڏ قبي ۾ دفن ٿيل آهي. سائين حيات شاهه کي ڪن سببن ڪري ننڍي عمر ۾ ئي پڳ ٻڌائي، گاديءَ ڌڻي يا سجاده نشين مقرر ڪيو ويو هو. اسان هڪجيڏا هئڻ ڪري راتين جو راتيون فونو وڄائيندا ۽ درگاهه تي راڳ ٻڌندا هئاسون. هن درگاهه جا سڄيءَ سنڌ ۾ لکين مريد ۽ عقيدتمند آهن، وينديون ڀاڳ ناڙيءَ تائين. بس، جيئن ئي اونهاري ۽ سياري جي موڪلن ڪري، اسڪول بند ڪيا ويندا هئا ته اسان ٻئي درگاهه جو سجاده نشين ۽ مان خليفو ساڻ ڪري، مريدن کان ڏن پٽ اڳاڙي ۽ دعا ڏاڪي لاءِ لاڙڪاڻي، يا نوابشاهه ڏانهن نڪري پوندا هئاسون. مريدن وٽ ايڏو ته مان ملندو هئو جو سائين حيات شاهه تي پير هئو ئي هئو، پر مان به ڇڙ پيرزادو لڳندو هئس. ان سان گڏ، مريدن وٽ ٻارنهن مهينن ڪانپوءِ وڃڻ ڪري (خاص ڪري لائي لاباري جي مند ۾) ماني به سٺيي ملندي هئي، صبح جو اوڦراٽا، مکڻ، ماکي ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه. منجهند جو ڪڪڙ جو پوڙ ۽ رات جو وينڌي اڌ رات سوڌو مسنو کير پيي اوڳرايون ڏئي، ڏگها ٿي پوندا هئاسون، ان ڪري سني ماني، سنو مان ۽ سني محبت ۽ راتين جون ڪچهريون ياد ڪندي مون کي موڪلن جو اوسيئڙو رهندو هو.

هڪ لڳا پنجاهه واري ڏهاڪي جو واقعو آهي، جو مان ۽ سائين حيات شاهه بهرام هيئنين جي اسٽيشن تي اچي لٿاسين، خليفي کي سارين جي لابارن ۾ ول جي اوڳاڙيءَ ڪري، رئيسن وٽ ڇڏي، اسان اڪيلا روانا ٿيا هياسون، اسٽيشن وٽان ٽانگي ۾ ويهي اسان ٻئي ڄڻا سائينءَ جي مامن ڏانهن ناري وڏي وڃي رهيا هئاسون، واهه تي لهي اسان واهه اڪري ٽيلها ڪلهن ۾ لٽڪائي، ناري وڏي روانا ٿياسون، ان وقت سج لهڻ وارو هيو. اسان وٽ ڏن

پٽ جي اوڳاڙيءَ جا چڱا خاصا پئسا هئا. ڪجهہ پئسا سائينءَ قبي سعيد خان مان بہ گهرايا هئا. اوچتو ڏٺوسون تہ ڪامن مان چار ڄڻا نڪري، اسان جي رستي تي بيهي، اسان جو انتظار ڪرڻ لڳا. ٻن ڄڻن ڪي بندوقون ۽ ٻن ڪي هٿ جون ڪهاڙيون هيون. مون کي ڪيئي خوف خطرا ويڙهي ويا. هي پهريون دفعو هو، جو سائين بادشاهہ بہ مونکي گهبرايل لڳو هو. هونءَ بہ اسان جي عمر بہ گهبرائڻ جهڙي هئي، يعني تيرهن، چوڏهن سالن جا هئاسون. سو بہ شام جو وقت ۽ بروچڪي ملڪ ۾.

هڪ همراهہ پري کا هڪل ڪري چيو، ”خبردار، متان پچڻ ۽ دانهن ڪرڻ جي جي ڪوشش ڪئي اٿوَ. ويجهي اچڻ تي هڪ جوار جي پيهي جيڏو قداور همراهہ پنهنجن ٽن سائين کي پنتي ڏڪي، هلڪڙي آواز ۾ تعارف ڪرائيندو، اچي سائين حيات شاهہ جي پيرن تي هٿ رکيا ۽ مون سان بہ تاج محمد نالو وني مليو. هيءُ همراهہ سائينءَ جو مريد ۽ رئيس پنيي خان چانڊئي ڳوٺ جو وينل هو. جتان سيئي چانڊيا درگاهہ جا مريد ۽ خاص عقيدتمند هئا. ان ڪانسواءِ شاهل خان چانڊئي جي ڳائٽي مائي ريشم مگٹهار سان بہ گڏجي درگاهہ جي ميلي ۾ اچي شريڪ ٿيندو هو. سندس نالو دائم چانڊيو آهي.

بس پوءِ تہ باقي ٽي ڄڻا بہ سائين حيات شاهہ سان مليا ۽ اڌ ڪلوميٽر ڪن ٿيلها بہ اسان جا پنهنجن ڪلهن تي لٽڪايائون.

محمد پور ۾ لنڊ قوم جي مريدن سان رات جو گهٽو ڪري، ڳجهارتن سڪڻ واريون ڪچهريون ٿينديون هيون. عمر ڪچي هئڻ باوجود بہ مان ڳجهارتون ٿاهي، ويندو هيس، جڏهن سڀ ڳجهارتون پيجي ويندا هئا تہ هٿ جون هٿندو هئوسان. مون کي ياد آ، تہ هڪ رات تڙ تڪڙ ۾ مون هينئن ڳجهارت ٺاهي کين ڏني هئي:

”مٽيءَ جي ليلان، جهنگ جا نہ ڪر“

ڳجهارت ۾ مٽيءَ جو پائو ڪجهہ سؤلو هيو. ان ڪري استادي ڪري، باڪي خان ۽ بين کي مان جهنگ جي پائي ڏانهن وني وڃڻ جون اٽڪلون ڪندو رهيس تہ جيئن ڳجهارت دير سان پيجن، تہ جئين ڪا بي بہ هٿ جي هٽي وٺان. هو منهنجي چال سمجهي جڏهن مٽي ڳولهڻ لڳا، تہ ايڪڙ بيڪڙ ڏڪن سان پيجي وينا.

ڳجهارت: مٽيءَ جي ليلان، جهنگ جا نہ ڪر

پيڇٽي: ﭼﺮي، ليلان، پـاڇارا نـہ ڪر

مٿيءَ جي ﭼﺮي (ڪڌ) ۽ جهنگ جو ٻارو، پاڇارو ڪرڻ معنيٰ ڏانهون، ڪوڪون ڪرڻ.

رئيس باڪي خان ڪلندي چيو هو تہ سمڙا!، هنئين تہ هٿ جي تي، پر جي ڪنهن پائي ۾ ٿوري بہ ڪمزوري هجي ها، تہ ٻچيءَ ڪان پڪڙيانءِ ها.

مٿي ذڪر ڪيل پس منظر سان منهنجو مطلب آهي تہ منهنجي هن وقت سوڏو چانڊيا برادريءَ سان وڏ ۾ وڌ ٻانهن ٻڌڻ جي واٽ رهي آهي. جن ۾ زورآور مڙسن سان گڏ، ڪي مثالي ڪردارن جا مالڪ بہ رهيا آهن. اڄ بہ سکر ڪان لاڙڪاڻي ويندي نئين ديري باءِ ڀاس وٽ پيارو غفار تبسم ۽ پيڻ مهتاب ياد اچڻ لڳندا آهن. علي گلي سانگيءَ جي ڳوٺ ڪانپوءِ ڪيهر ڳوٺ جو بورڊ پڙهڻ سان، علي گل سانگي ۽ ڪيهر شوڪت ياد ايندا آهن. ائين لاڙڪاڻي پهچي، سرڪش ۽ زخمي چانڊئي جي اڪنڊ ۽ اڪير وڌڻ لڳندي آهي. اهڙيءَ طرح قمبر ۽ شهدادڪوٽ جو تصور، سرمد چانڊئي، عبدالحق چانڊئي، شوڪت چانڊئي ۽ غلام قادر چانڊئي ڪي آٿي اڳيان بيهاريندو آهي. هٿي سنڌ واسي انهن ماڳن ۽ مڪانن جا رهواسي آهن، جتي ننڍپڻ ۾ مون عورتن ڪي جهنگ مان ڪانيون ڪندي ۽ چيٽا ميڙيندي بہ ڏٺو، تہ مال چاريندي بہ. ٻئي طرف ساڳيءَ پونءِ تي مون بنا ڏوهہ جي رتاوان لاش بہ ڏٺا، جا ڳالهہ هن مضمون جي عنوان مان بہ ظاهر آهي.

پيارن جهڙو پيارو شاعر زخمي چانڊيو اسان ڪان وڇڙي هڪ اهڙي سفر تي روانو ٿي ويو آهي، جنهن سفر تان ڪوبہ واپس نہ وريو آهي. بيشڪ سنڌس گلابن جهڙي مقدس رت ڪي لاڙڪاڻي جي مٽيءَ سنڀالي رکيو آهي. اسان بار بار ڪنهن نہ ڪنهن بهاني لاڙڪاڻي جي شاعر دوستن سان ملندا آهيون. هاڻي بہ ملندا رهنداسون، جن ۾ ڪچ جي راڄا راءِ ڪنگهار جي فوج جو سالار زخمي چانڊيو نہ هوندو. نل ۾ اصغر سجاڳ، ساجد سومري، گوهر سنڌي ۽ وفا برڙي جي ادبي ڄاڪوڙ سان ڪوٺايل آل سنڌ مشاعرو هجي، يا سچل سرمست جي عرس واري موقعي تي خيرپور جي سچل آڊيٽوريم ۾ اچي گڏ ٿيون، هنن ميڙاڪن ۾ اوچي ڳاٽ زخمي چانڊيو ضرور ڏسبو ۽ پسبو هو.

مان جڏهن بہ سرڪش سنڌيءَ سان گڏ زخمي چانڊئي ڪي نہ ڏسندو هيس تہ سرڪش جو اڌورو وجود ۽ اڌوري ملاقات سمجهندو هيس. اهڙيءَ طرح

زخمي چانڊئي سان ملڻ وقت، جڏهن سرڪش ڏسڻ ۾ نـه ايندو هو، تـڏهن زخميءَ جو بہ وجود نامڪمل ۽ ملاقات اڌوري سمجهندو هيس. هي ٻئي اسان جا شاعر اهڙو تہ اعليٰ آدرشي سڀڻڌ وسيلي هڪ ٻئي ۾ سمائجي ”وجودِ واحد“ ٿي ويا هئا، جو ٻنهي جو هر محفل ۾ گڏ هئڻ لازم ملزوم محسوس ٿيڻ لڳندو هو.

هڪ ملاقات ۾ مون زخميءَ کي ٻڌايو تـہ مـون کـي ساجد سومري وٽان خبر پئي آهي تہ سرڪش جو پاءُ ۽ تنهنجي والده گذاري وئي آهي، مـان نـہ تـہ اوهان وٽ ڏک ونڊڻ لاءِ پاڻ اچي سگهيو آهيان، ۽ نہ وري خط ذريعي ڏک جو اظهار ڪري سگهيو آهيان. ان ڪري، اندر ۾ ويٺل انسان ملامت ڪري رهيو آهي. زخمي هن طرح جواب ڏنو هو ”اوهان جي اندر وارو انسان پنهنجو صحيح ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، معنيٰ تہ تـاجل ڏوهي آهي.“

تصوف ۾ وحدت الوجود مسلڪ رکندڙ صوفي ”همہ اوست“ يعني هر شيءِ ۾ خدا آهي، جا قائل آهن. يعني انسان جو وجود خدا وارو ”وجودِ واحد“ آهي. مطلب تہ ٻين شين وانگر انسان ۾ بہ خدا رهي ٿو. ماڻهوءَ جي مري وڃڻ سان خدا ماڻهوءَ مان نڪري وڃي ٿو.

مـاڻهوءَ کـي قتـل ڳـريءَ کـان بچـائڻ جـو مٿيـون عمـل وڏي ۾ وڏو مسيحائي نسخو آهي. جو هڪ قسم جو دڙڪو بہ آهي تہ هڪ وڏي حقيقت بہ آهي، تہ اي انسان! تو ۾ جيڪڏهن جرئت آهي، تہ پوءِ تون پلي ماڻهوءَ کي قتل ڪري خدا جو گهر اجاڙ.

مـان دعـا ٿـو گهـران تـہ شـل سنڌ جي سيني بلوچن، جيئن تـہ چانـڊين، مگسين، جتوئين ۽ تيغاڻين کي ڏٽي تعاليٰ وحدت الوجود وارو صوفي بڻائي. جيئن سياڻي زخمي چانڊئي جهڙن پريمي ۽ انسان دوست انسانن توڙي اسان جي مائرن ۽ ڀينرن کي قتل ڪرڻ بدران، هر بلوچ، انسانن جي زخمن کي ڇٽائڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي.

موت ۽ زلزلن جا جهٽڪا

وحيد علي

چيو ويندو آهي ته موسيقي روح جي غذا آهي. اهائي موسيقي آهي، جا روح کي فرحت ۽ تازگي بخشيندي رهيتي. هڪ انسان جي دل ۾ ٻئي انسان لاءِ محبتُ تي پيدا ڪري. اهو به زمانو تي گذريو آهي، جڏهن يونان جي حڪيمن ۽ ويڄن کي موسيقيءَ جي سند (Certificate) حاصل ڪرڻ لاءِ حڪمت جي پيپرن سان گڏ، موسيقيءَ وارو پرچو به پاس ڪرڻو پوندو هو. ڇاڪاڻ ته هڪ ته موسيقيءَ جي مهارت ڪري، حڪيم جي دل ۾ بيمار لاءِ درد ۽ همدردي پيدا ٿيندي هئي، ٻيو ته موسيقيءَ کي عبادت جو درجو به حاصل هو، جنهن هاڻي به موسيقي هندوڌرم ۾ عبادت ۾ شامل آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هندو ڪرشن، رادا، رام، سيتا ۽ لڇمڻ جي شان ۾ ڀڄن ۽ اشلوڪ ڳائيندا آهن.

سدابهار راڳي محمد يوسف جي جدائيءَ جا گهاوَ اڃان ڀريائي نه ها، جو اوچتو وحيد علي اسان کان جدا ٿي، هڪ اهڙي ملڪ روانو ٿيو، جتان اڄ تائين ڪو به واپس نه موٽيو آهي. ان کان اڳ ماسٽر محمد ابراهيم، استاد منظور علي خان، مصري فقير، حسين بخش خادم، فوٽو زرداري ۽ استاد محمد جمن موڪلائي ڪري ويا جن جو خال ڪئيسٽ ڪلچر جي گهٽيا ڳاگي فحش شاعري ۽ راڳداريءَ جي غلبي سببان شايد صدين تائين ڀرجي نه سگهي.

تازو مان نل ۾ ڪوٺايل "ڪل سنڌ مشاعري" ۽ جيڪب آباد ۾ عبدالڪريم گدائيءَ جي ياد ۾ رٿيل مشاعري ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بليو لائين بس ذريعي وڃڻ لاءِ خيرپور ميرس روانو ٿيس ته رستي ۾ ڊرائيور سنڌي ڪئسٽ وڄائڻ شروع ڪيو - ٿلهه ۽ ڀهرئين مصري ۾ معشوق کان چمين وٺڻ جو ذڪر هو، ۽ ٻئي مصري ۾ محبوب جي گلابي بدن تي هٿ ڦيرائڻ واري عاشقاڻي ڪارروائي ڏنل هئي - بس ۾ ويٺل عورتن شرم کان پنهنجا چهرا لڪائي، مٿي تي اوڍيل رون ۽ اجرڪن ۾ ويڙهجي سيڙهجي ويون، ۽ پوءِ ڊرائيور کي اهو

ڪئسٽ بند ڪرڻو پيو. ٿورڙي وقفي سان وري پيو ڪئسٽ شروع ٿيو، جنهن جي شروعات مرد ۽ عورت (عاشق ۽ معشوق) جي سوالن جوابن سان هن طرح هئي:

مرد: توکي منهنجي پاڪ رڳ ۾ ٿي رهڻو آهي.

عورت: ايڏو مون وٽ منهنجا پيارا وقت ئي ناهي.

وحيد علي استاد منظور علي خان جو پاٽيجو ۽ رجب عليءَ جو ڀاءُ هو. هن خاندان سنڌ جي ثقافت، زبان ۽ راڳداريءَ کي ايڏو ته اکين سان لاتو، هيئين سان هنيايو، جو سنڌ ساڻيهه ۾ سمائجي ويا.

هن وقت سنڌ ۾ ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي راڳ جي گراف تي نظر وجهبي ته سنڌ جي راڳ ديوي گهٽي پاڳي ٻسي، ٻسي ٿي لڳي. رجب علي ۽ عابده پروين سال ٿيا، جو پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي، رجب علي وڃي تخت لاهور وسايو آهي ته عابده دارالحڪومت اسلام آباد - هاڻي ته ڪئسٽ ڪلچر ڦهلجڻ لاءِ ميدان ئي خالي پيو آهي.

وحيد علي راڳ جو ته راڻو هيو ئي هيو، پر ماڻهو به سوَ - ڳڻو ۽ پريمي هو. چار مهينا اڳ مان فقير محمد لاشاريءَ جي پاٽيجي نثار لاشاريءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بلو لائين بس ذريعي گاجي کهاوڙ تي ويس - جڏهن سن جي ويجهو پهتاسون ته بس اوچتو بيهي رهي ۽ "Cease" ٿي ويئي. اسان ان ڏ - تر ۾ هياسون جو اسانکي هڪ ڪار ڪراس ڪندي بيهي رهي.

ڏٺم ته وحيد علي ڪار مان لهيّ مون ڏانهن وڌيو. جنهن کي بس جي خراب ٿيڻ جو ٻڌايم ته هن ڪار جيَ پٺيَ ۾ پٺي سيٽ تي مونکي وهاريو. وحيد علي به ساڳي ئي شاديءَ ۾ ڳائڻ لاءِ وڃي رهيو هو. جتي وحيد عليءَ ۽ صادق فقير ڇاڃين ۽ اسان ساڏين کي سڄي رات جهومائي ڇڏيو.

وحيد عليءَ جي ٽيجهي جي مانيءَ جو وقت غلطيءَ وچان مون اخبار ۾ شام جا چار وڳا پڙهيو هيو، جو حقيقت ۾ منجهند جو هڪ وڳي هو. مان جڏهن شام جو حيدرآباد رجب عليءَ وارن جي تڏي تي ڇئين وڳي پهتس، ته وچايل ڏرين تي استاد فتح علي، رجب علي ۽ ٻه چار ٻيا سندن مائٽ موجود هئا.

وحيد علي پلڻن ۽ ميندين سان ٻڌندڙن کي جهومائي ڇڏيندو هو. هو ڪلاسيڪي توڙي نيم ڪلاسيڪي راڳ جو هڪ وڏو نالو هو. سندس آواز ۾ جا مڌرتا هئي، سا ڪنهن خوشنصيب انسان کي نصيب ٿيندي آهي. هونءَ به

راڳ - ديوي جنهن قوم تي راضي ٿيندي آهي، ان قوم وٽ اُستاد منظور علي خان، گلزار علي، استاد جمن ۽ وحيد عليءَ جهڙا امر فنڪار پيدا ٿيندا آهن.

هلال پاڪستان ۾ ياسر قاضيءَ جي وحيد عليءَ جي لاڏاڻي تي ڇپيل مضمون ۾ ليکڪ ڄاڻايو آهي، ته وحيد علي فقط هڪ گُردي جي رحم ڪرم تي زندگي گذاري رهيو هو، ۽ سرڪار ماضيءَ جيان ٻين فنڪارن وانگر اسانجي هن فنڪار جي به سارَ سنڀالَ نه لڌي - ڪيڏو سنو ٿئي ها،. جيڪڏهن وحيد عليءَ جو ٻاهرين دنيا جي ڪنهن سٺي اسپتال مان علاج ڪرايو وڃي ها. ڏاڍي پونئيرن جي فن ۾ ايڏي سگهه پيدا ڪري، جو ڪو ٻوٽو وڏي وڻ ٿئي، جنئين اسان سنڌ ۽ هند وارن سنڌين ڪي استاد منظور علي خان ۽ وحيد عليءَ جون آسيسون اچڻ لڳن.

ڪلا جي آسمان جو چمڪندڙ ستارو

سرمد سنڌي

ڪلا يا آرٽ جي دائري ۾ سنگيت، نرتيہ، مصوري، سنگتراشي ۽ ادب اچي وڃن ٿا. موسيقيءَ ۽ نرتيہ (رقص) جو دقيانوسي مسلمانن وٽ ڪهڙو درجو مقرر ڪيو ويو هو، ان جي هر ڪنهن کي ڄاڻ آهي، پر دنيا جي ٻين ڪيترن ئي وڏن يا علمگير مذهبن جيئن تہ هندو مذهب ۾ سر آواز ۽ نرتيہ کي پاڪ پوڄا جو درجو حاصل آهي. ان ڪري ئي سر ۽ سنگيت کي روح (آتما) جي خوراڪ ڪري سڏيو ويو آهي. قديم سنڌ توڙي هند ۾ راڳ جي مڌر سرن ۾ آلاپن تي بيمارن جو علاج ڪيو ويندو هو. اسان هندو سپيتا ۾ نارد جي هٿن ۾ دنبورو سرسوتي جي هٿن ۾ وينا ۽ ڪرشن جي مک تي مرلي ڏسون ٿا. قدرت هن ڪائنات جي ذري پرزي ۾ سنگيت واري لئي (ردم) رکي آهي. هوا ۾ سوساٽ، نديءَ ۾ رواني، وڻن جي پن ڇڻ ۾ موسيقي، جهرڻن ۾ جهڻڪار آهي. گهوڙي جا ٽاپ ٽاپ، طبلي جي وڄت سان ملي ٿي ۽ هنج جي چال نويلي ناريءَ سان مشابهت رکي ٿي. مور جو ناچ ۽ سندس سونهن جڳ مشهور آهن. ڪيترن پکين جي ٻوليءَ ۽ گيتن ۾ موسيقي جا رڪن ۽ ماترائون آهن.

سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سنڌ جا ڳائڻا راڳ ملهار ڇيڙي، سنڌ جي نوٽ ۽ پنجهر زمين تي بارش وسائيندا هئا. جهونا ڳڙهہ جي راجا راءِ ڏياچ تندن جي مڌر سرن تي تڏهن تہ سر ڏيڻ لاءِ پيچل اڳيان ڪنڌ جهڪايو هو.

اسان وٽ سنڌ ۾ درگاهن ۽ صوفي فقيرن جي اوتارن ۾ ڪرتال ۽ يڪتاري تي ڳائجندڙ صوفي ڪلام ۽ دنبوري تي شاهہ جو وايون ۽ بيت صدين کان ڪلاسيڪي درجي واري امرتا ماڻي چڪا آهن. موجودهہ وقت ۾ موسيقي پلي تہ ڊسڪو، پوپ ميوزڪ ۽ ڪئسيٽ ڪلچر جي انگي حدن ۽ سرحدن تي وڃي پهتي آهي پر صوفياڻو رنگ هر صديءَ ۾ نت نوان روپ

اختيار ڪندو رهندو. ان سفر ۾ سنڌ ديس جي زرعي سماج واري حيثيت جو وڏِ ۾ وڏ عمل دخل رهيو آهي ۽ اڳا به رهندو.

هي ديس صدين کان عربن، پٺاڻن، ترخانن، سمين، پراڻين، مغلن ۽ فرنگين هٿان تباهه ٿيندو رهيو آهي، پر هن وقت ورهاڱي کان پوءِ ملڪ جي حڪمرانن سنڌ جي ماڻهن کي ٻنهي هٿن سان لٽيو. آٽي "ڪين" جي ڪنڌي تي پهچايو آهي، ايتري قدر جو قوميت، ٻوليءَ ۽ سنڌي تهذيب کي ٻه ٽيٽڻ ۾ بند ڪري، مٿان واسينگ نانگ ويهاريا ٿا وڃن.

اهوئي سبب آهي جو صدين جي ڦرلٽ ڪري ڇيو ويندو آهي ته "جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي ڦنڌاران جوکو". ان ڪري اسن ڇئي سگهون ٿا ته ٻاهريان توڙي پنهنجا لٽيرا جڏهن تڏهن سنڌ جي دولت هتان جي عوام تي خرچ ڪرڻ بدران پنهنجيون تجوڙيون ڀرن ٿا ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن اماڻيندا رهن ٿا. جيتوڻيڪ کين خبر آهي ته هر لٽيري ۽ غاصب جو کهڙو انجام ٿيندو آهي. ڪٿي آهن عرب، ارغون، ترخان، پٺاڻ، مغل، انگريز، جن سنڌ جي بقا کي چاڪ چاڪ ڪري اڇي ظاقت جي زور تي غلام بڻايو هو.

"سرمد سنڌي" نه گويو هو ۽ نه وري ملهار ڳائي سنڌ جي سڙندڙ ڪيتن تي واهوندن ۽ چوماسن وارو وڏ-ڦڙو مينهن وسائيندو هو. پر پوءِ به سرمد سنڌي اهو ملهار ضرور ڳائيندو هو. جنهن سان سنڌي قوم جي پنجهر ۽ ڦوٽ ٿي ويل دلين تي سنڌيت ۽ سنڌي قوميت جا سلا اپري آسماني جيءَ رولو بادلن کي ڇهي، سنڌڻ واڳون سنڌ ڏانهن موڙڻ ۾ ڪامياب ويندو هو ۽ پوءِ اها موسيقيءَ جي بارش. پلر جي پالوٽ واتگر هوندي هئي!

سرمد سنڌي نه ڪلاسيڪي ۽ نه وري نيم ڪلاسيڪي راڳي هو. پر هن وٽ سندس لاشعور ۽ ذات جي ڏيهه ۾ هڪ اهڙي خوبي هئي، جا هارمونيم تي مشڪل سان ادا ٿي سگهندي آهي، سرمد جي مذر آواز جي خوبي هئي ميند ڏيڻ. "ميند" راڳ جي اها خوبي آهي، جيڪا سارنگي، فلوٽ ۽ ستار مان ته ڪڏي سگهبي آهي، پر هارمونيمر مان ٻن ڇئن سرن کي هڪ وقت ڇهي، ڪمال استاديءَ سان ڪڍي سگهبي آهي. سرمد هارمونيم تي ڳائيندي، پنهنجن ميندن ۽ آلاپن سان موهي وجهندو هو. خاص ڪري قومي گيت. اهڙيون اڪيچار خوبيون اسان جي ڪيترن راڳين ۾ ٿي گذريون آهن.

سرمد سنڌي (رحمان مغل) سچ پچ سنڌي قوم جو هڪ بيِ بها سرمايو هو. قومي سطح تي مان ڪيس "راڳ جو راڻو" ٿو چوان، جيئن عابده پروين کي "راڳ جي راڻي" چيو ويندو آهي.

جڏهن ڏاريا ڏاڙيل ۽ وردين وارا سنڌين جي جوان نسل کي هاسٽلن ۽ يونيورسٽين جي مقدس درسگاهن ۾ گهلڻ لڳندا هئا، تڏهن سرمد سنڌي سر ۽ سنگيت جو هٿيار هلائي، دريا خان، هوش محمد، هيمون ڪالاڻي، روپلي ڪولهي، مسڪين جهان خان کوسي، مخدوم بلاول، شاهه عنايت شهيد ۽ شهيد ﭘيٽي جي شجاعت ۽ سنڌ پرستيءَ کي زنده رکندي ڏٺو ويندو هو. سرمد سنڌيءَ منهنجو گيت ڳائي گيت کي قومي رنگ ۾ ڇڙ ته رنگي ڇڏيو آهي.

سمجهي پيرَ وڌاءِ او يار!

سمجهي پير وڌاءِ

هن ڌرتيءَ جي دودن سان تون،

ڳورو ڪين ڳالهاءِ او يار!

سمجهي پير وڌاءِ!

هي گيت مون ضيا شاهيءَ جي ڏينهن ۾ لکيو هو، تڏهن ماڻهونءَ جي پنڪڙن جهڙي نرم جسم تي ڦٽڪا وسايا ويندا هئا ۽ آمريت پنهنجا هٿ شهيدن جي رت ۾ رنگيندي هئي.

سرمد سنڌي سنڌ وارن لاءِ وڪڙ هارا هو. وڪڙ هارا چليءَ جو ڳائڻو هو، جو گهٽين ۽ بازارين ۾ ميڙاڪا مچائي قومي گيت ڳائيندو هو ۽ ائين ساڳي ٻولي ڳالهائيندي چليءَ جي رهواسين ۾ ايڪتا ۽ قومي سجاڳيءَ جو جذبو اجاگر ڪندو هو، جنهن کي پاڙيتو فوجين گوليءَ جو نشانو بڻايو هو.

قومي خدمتن جي بنياد تي سرمد سنڌيءَ جون اسان هيٺيون خوبيون بيان ڪري سگهون ٿا:

1. ڌرتيءَ تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم خلاف پنهنجي انقلابي آواز وسيلي سرمد جنگ جوئي، "سنڌ سالار" جي عهدي تي پهتو هو.

2. سرمد سنڌ جي قومي گيتن ۾ پريل سچ ۽ سونهن ڪري "امرتا" جو درجو ماڻي ٿو.

3. سرمد سنڌي، سنڌيت ۽ سنڌي قوم جا گيت ڳائي سنڌين جي دلين ۾ هميشه لاءِ زنده ٿي ويو آهي، ڇڙ ته هو هتان جي رهواسين جي دلين ۾ پاڻ ئي قومي يادگار قائم ڪري ويو آهي.

4. سرمد ڪلمڪ، ملنسار ۽ سادو سودو سنڌي هو جا سنڌين جي واڪاڻ جوڳي خوبي اهي.

5. ڪنهن قومي ڏڻ تي سرمد جي غير موجودگي محفل ڪي بنهه ٻسو ٻٽائي ڇڏيندي هئي.

6. مان سرمد ڪي جڏهن بہ غور سان ٻڌندو هوس تہ هر دفعي ائين لڳندو هو ڄڻ موهن جي دڙي مان ڪو جوڳي نڪري، مرلي وڄائي ويدن جي زماني واري سنڌ جا خاڪا پيو جوڙي.

7. سرمد سنڌي پنهنجي جنم يومي سنڌ ۾ قومي ايڪتا ۽ سجاڳيءَ جا سنيها جهر جهنگ ۾ پهچائي سنڌ ماتا جي گود ۾ وڃي آرامي ٿيو. سنڌ ماتا جي دلبر، بي ڊپي ۽ انقلابي ڳائڻي کي سؤوار سلام! شال وري اچي سنڌ ماتا جيءَ گود ۾ جنم وٺي.

هنن شخصيتن جا احوال گڏ ڪرڻ لاءِ، مونکي پنهنجي ذاتي "ذوالفي اينڊ بلاول لئبريري"، ڪجھ ٻين لائبريرين ۽ اخبارن جي خاص پرچن مان خاص مدد ملي.

تاجل بيوس







Designing: Ali Akbar Chhutto - **Afaq Press:** Mobile: 0320-4068285

Rs. 60/-

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا ٻہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ہين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
> - اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)